هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

# ڪارونجهر

ڇهه ماهي

[تحقيقي جرنل]

ISSN# 2222-2375

جلد– 14، شمارو : 25، جون 2022ع

ايڊيٽر

ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري

سنڌي شعبو

وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي،

عبدالحق ڪيمپس، ڪراچي، سنڌ، پاڪستان.

# ماهرن جي ڪاميٽي

- **پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**

اڳوڻو ڊين،
آرٽس فيڪلٽي،
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

- **پروفيسر ڊاڪٽر عبدالڪريم(ادل سومرو)**

اڳوڻو چيئرمين،
سنڌي شعبو،
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

- **ڊاڪٽر رشد الله شاهه (مخمور بخاري)**

اسسٽنٽ پروفيسر،
سنڌي شعبو،
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

- **ڊاڪٽر محمد عابد شاهه (عابد مظهر)**

اڳوڻو چيئرمين،
سنڌي شعبو،
ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي

- **ڊاڪٽر شير محمد (شير مهراڻي)**

اسسٽنٽ پروفيسر،
سنڌي شعبو،
ڪراچييونيورسٽي، ڪراچي

- **ڊاڪٽر منظور علي ويسريو**

ايسوسيئيٽ پروفيسر،
نيشنل انسٽيوٽ آف پاڪستان اسٽڊيز،
قائد عوام يونيورسٽي، اسلام آباد

- **ڊاڪٽر حاڪم علي برڙو**

اسسٽنٽ پروفيسر،
سنڌي شعبو، پاڪستاني ٻوليون،
علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

- **ڊاڪٽر رحيم بخش مهر(مهر خادم)**

ايسوسيئيٽ پروفيسر،
سنڌي شعبو،
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

## Editorial Board's Policies

**Review Process:**
All manuscripts are reviewed by an editor and members of the editorialboard or qualified outside reviewers. Decision will be made as rapidly as possible, and the journal strives to return reviewer's comments to authors within two weeks.

**Articles:**

The paper must be typed for Sindhi (in MB Lateefi Font size 13),Urdu (in Noori Nastaleeq fontsize 14) and English (in Times New Roman fontsize 12) with double spaced on A-4 size paper.

The title should be brief phrasedescribing the contents of the paper. The title pages should include the author's full names and affiliations. All manuscripts to be send in hard copy along withthe text in CD to mailing address of Department of Sindhi, FUUAST, and also through email to karoonjhar.rj@gmail.com, ihussain.laghari@fuuast.edu.pk

**Abstract:**

The abstract should be informative and completely self-explanatory, briefly present the topic and state the scope of work. The abstract should be 100 to 200 words in length.

**Tables and Figures:**

Tables should be kept to a minimum and be designed to be as simple aspossible. Figure legends should be typed in numerical order on a separate sheet. Graphics should be prepared using applications capable of generating high resolution GIF, TIFF, JPEG or Power Point before pasting in Microsoft Word manuscript file. Tables should be prepared in Microsoft Word or Microsoft Publisher.

**Acknowledgement:**

The acknowledgement of people, grants, funds etc should be brief.

**References:**

In the text, a reference identified by means of an author's name should be followed by the year of the reference in parentheses. Patterns are as following:

**سنڌي:**

خواجہ، نور افروز، ڊاڪٽر، ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر“، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز ڪراچي، 2010ع، ص:404

**اردو:**

سید، مظہر جمیل، ”جدید سندھی ادب، (میلانات. رجحانات. امکانات)“، اکادمی بازیافت، (دوسری اشاعت)،2007ع، ص: 686

**English:**

Deuze, M., "Professional identity and ideology of journalists Recon - sidered", Journalism, Vol. 6, No. 4, 2005, Page No. 422-464

You can follow the given other patterns in this journal also.

**Copyright:**

All the statements of fact and opinion expressed in this journal are the sole responsibility of the authors, and do not imply and endorsement on part or whole in any form/shape what soever by the editors or publishers.

## فهرست


ايڊيٽوريل — ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري — 07


## مقالا


1. نياز پنهور جي هڪ غزل جوتنقيدي جائزو — ڊاڪٽر شير مهراڻي — 09

2. امداد حسيني جي شاعريءَ جو مختصرتنقيدي جائزو — ڊاڪٽر سيما ابڙو — 20

3. پهاڪن طور استعمال ٿيندڙشاهه لطيف جي بيتن جو مختصر جائزو — قربان علي شر ۽ ڊاڪٽر محبت علي شاهه — 27

4. الطاف عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ عڪس نگاري: هڪ مختصر تنقيدي جائزو — انور پرديسي — 34

5. خواجه غلام فريد جي شاعريءَ ۾ سسئي جو ذڪر: هڪ تحقيقي جائزو — ڊاڪٽر شفيق احمد شاهاڻي — 44

6. انورپيرزادي جي ڪهاڻين ۾ موجود ڪردارن جونفسياتي جائزو — جاويد احمد شيخ — 57

7. ڊاڪٽرمشتاق ڦل جي نثري نظمن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو — انور ڪاڪا — 68

8. سيد انور علي شاهه ۽ حضورڱ سائينءَ جي شاعريءَ جومختصر جائزو — ڊاڪٽر الهوسايو ۽ ڊاڪٽر رقيه عامر — 80

9. ادل سومري جي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ سان محبت جو تصور — اعجاز حسين — 93

10. تاج بلوچ جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو تصور — ڊاڪٽر قدير ڪانڌڙو ۽ ڊاڪٽر احمد ڪولاچي — 102

11. آغا سليم جي تخليقي لکڻين ۾ سونهن جو اپياس. — ڊاڪٽر ڦُلُو ڪي. ”سندر“ مينگهواڙ ۽ ڊاڪٽر امير علي شاهه — 111

# ايڊيٽوريل

وفاقي اردو يونيورسٽي جي آرٽ فئڪلٽي (ڪراچي) جي سنڌي شعبي مان نڪرندڙ ڪارونجهر ريسرچ جرنل اڪيلو تحقيقي رسالو آهي، جيڪو پابندي سان نڪري رهيو آهي. هيءُ ريسرچ جرنل هائر ايجوڪيشن ڪميشن مان منظور ٿيل آهي. هي جرنل پهرين Z ڪيٽيگري مان نڪرندو هو، جيڪو هاڻي الحمدلله هڪ قدم اڳتي وڌي Y ڪيٽيگري ۾ اچي ويو آهي. هي رسالو آنلائن(Online) ۽ ڪتابي صورت (Hard Copy) ۾ پڻ ڇپبو آهي. هن ريسرچ جرنل ۾ پاڪستان جي مختلف يونيورسٽين جي استادن، محققن ۽ ٻين مختلف ادارن جي اسڪالرن ۽ تحقيقي ماهرن جا مقالا ڇپيا آهن. هائير ايجوڪيشن جي پاليسي مطابق هرسالReniew ڪرائڻو هوندو آهي ۽ هن حوالي سان H.E.C جي پاليسين کي مد نظر رکندي مقالا ڇاپيا ويندا آهن.

ڪارونجهر جرنل ۾ نه صرف سينئر استادن ۽ محققن جا پيپر شايع ڪيا وڃن ٿا بلڪ نوجوان اسڪالرن کي پڻ موقعو ڏنو ويندو آهي ته هو پنهنجين صلاحيتن کي استعمال ڪندي تحقيقي ڪم کي اڳتي وڌائين. آئون ذاتي طور تي هائيرايجوڪيشن اسلام آباد جي اداري جو شڪر گذار آهيان جو اسان جي ريسرچ جرنل ڇهه ماهي ڪارونجهر کي z مان ڪڍي Y ڪيٽيگري جي منظوري ڏني آهي. اُميد آهي ته پڙهندڙن ۽ لکندڙن جي تعاون سان هن جرنل کي وڌيڪ بهتر نموني سان اڳتي سگهنداسين.

آئون ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي استاد ڊاڪٽر شير مهراڻي جو انتهائي مشڪور آهيان جنهن رسالي جي ڇپائي ۽ ٻين مختلف حوالن سان سهڪار ڪيو.

**ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**

**ايڊيٽر**

ڊاڪٽر شير مهراڻي

# نياز پنهور جي هڪ غزل جو تنقيدي جائزو

## A critical analysis of a ghazal of Niaz Panhwar

**Abstract:**

Niaz Panhwar is well known Journalist, Prose writer, critic and Poet. He is at home in Sindhi Literature and history. He has authored many books. His foremost subjects are children literature, sketches and Poetry. His poetry keeps great connection with the soil, persons psyche, nature and culture. In his poetry he focuses on the cultural psychology, romanticism, resistance, naturalism, Skepticism, Sensationalism and aesthetics. He presents and portrays these all the philosophies at large scale. In his poetry his he use perfect terminology to indicate the truth of the time. His words show the vivid expressions of the true feelings. He has used proper metaphors and similes.

In this research paper I have critically analyzed the single Ghazal of Niaz sahib. Through the deep critical analysis I have come to know that his words, metaphors and similes are full of the cultural and historical truth.

نياز پنهور صاحب بيباڪ صحافي، خاڪ نويس، مضمون نگار ۽ نقاد ته آهي ئي پر هو تمام خوبصورت شاعر پڻ آهي. هو فطرت، حقيقت، وطن پرستي، مزاحمت، جماليات، سونهن، عشق، وڇوڙي ۽ درد جو بهترين شاعر آهي. سندس شاعريءَ جي اهم ترين خوبي اها آهي ته هو شاعريءَ ۾ پنهنجي شعري مهارت سان گڏ فڪري نڪتا پڻ بيان ڪري ٿو .

محمد ابراهيم جوئي صاحب لکيو آهي ته، ”شاعر ۽ شعر بابت اڪثر ايئن چيو ويو آهي ته اهي ٻئي ڳجهارتون آهن، ۽ عام سمجهه کان مٿي آهن؛ البت ان لاءِ ڏس اهو ڏنل آهي ته ٻنهيءَ مان ڪنهن به هڪ کي سمجهڻو آهي ته پهرين ٻئي کي سمجهڻ کپي“. (1)

شاعر جي حيثيت سان اسان سائين نياز پنهور صاحب کي هڪ برجستو، بيباڪ ۽ قابل شاعر سمجهون ٿا، ڇاڪاڻ ته وڏي وقت کان سندس شاعري مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي، ۽ تازو سندس ڪتاب، ”ناو هلندي رهي“ شايع ٿيو آهي. يعني هو هڪ مڃيل شاعر آهي؛ جڏهن ته سندس شاعريءَ مان هتي اسان هڪ غزل جو تنقيدي اڀياس پيش ڪري ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

جيون لمحو لمحو شڪ
ساڃ سفر ۽ رستو شڪ (ن پ)

شاعري فلسفي جي ماءُ آهي. هر فلسفو ابتدا ۾ شاعراڻو خيال هوندو آهي. بعد ۾ منطق وسيلي شين جون ثابتيون سامهون اچن ٿيون. شين جي ثابتي رڳو سائنس ۽ منطق ۾ ممڪن آهي. شاعريءَ کي ڇڏي سائنس ۽ منطق کان سواءِ ٻيا سڀ طور طريقا عقيدن جي ڇانو ۾ هلندا آهن ۽ عقيدا ثابتي ناهن گهرندا. سڌي سنئين ثابتي ته شاعريءَ مان به ناهي ملندي پر ثابتي جا پيرا شاعريءَ ۾ ممڪن آهن، جيڪي ڪڏهن فلسفي ڪنيا آهن ته ڪڏهن سائنس. پر خيال جو ذهن ۾ ڦٽڻ بنيادي طور تي شاعري آهي. شڪ فلسفي جو پراڻو موضوع آهي. شڪ جي فلسفي کي تشڪيڪ (Skepticism) سڏيو ويو آهي. جنهن جو باني پائروهو (Pyrrhus) (360-270 BC) هو. يوناني لفظ اسڪيپسس Skepsis جي معنيٰ آهي "جاچ ڪرڻ". جاچ تڏهن ڪئي ويندي آهي، جڏهن شڪ پئدا ٿيندو آهي. "شڪ" شاعراڻو تصور آهي، جيڪو ذهن ۾ سوال پئدا ڪري ٿو. شڪ جي فلسفي کي اڳتي هلي جديد فلسفي جي باني ڊيڪارٽ وڌيڪ اهميت ڏني. ريني ڊيڪارٽ 31 مارچ 1596ع تي فرانس ۾ ڄائو. برٽرينڊرسل پنهنجي مشهور ڪتاب "اي هسٽري آف ويسٽرن ٿاٽ" ۾ ڊيڪارٽ کي مجتهد فلسفي سڏيو آهي. ادبي تحريرن بابت ڊيڪارٽ جو خيال هو ته بد نظمي تي ٻڌل، منجهيل لکڻيون ادب ۾ ڏچا پيدا ڪن ٿيون. ۽ اهي ڏچا اهڙا اديب ڪن ٿا. جن وٽ لفظ ته جام آهن پر انهن وٽ خيالن جو فقدان آهي، يا اهي اديب جن وٽ خيال ته عاليشان آهن پر وٽن اظهار جو ڪو ڍنگ ناهي. يا وري اهڙا اديب ادب تي بار هوندا آهن جيڪي ڳالهائڻ ۽ مناظرن جا ته ماهر هوندا آهن پر وٽن تحرير جي ڪا سگهه ناهي هوندي. هن شڪ کي علم ڏانهن ويندڙ رستو سڏيو.

ڊاڪٽر رسول ميمڻ شڪ بابت تي ڳالهيون لکي ٿو، پهرين "هر نظر ايندڙ شيءِ ۾ شڪ جي گنجائش پيدا ڪيا جيئن حقيقت جي ويجهو وڃي سگهو ٻين سچ ۽ علم جي ڪا پڪ نه آهي ۽ ٽين نامڪمل فيصلا ۽ چنڊ چاڻ، شڪ جي فلسفي جا بنيادي اصول آهن. شڪ جو فلسفو سوچن کي اڀاري ٿو. هر شيءِ ۾ راز سمايل آهي ۽ اهو راز، راز ئي رهندو".(2)

نياز پنهور صاحب جي ادبي سڃاڻ جديد خاڪا نويس طور آهي. هن جنهن انداز سان "هيئنڙي سڄڻ ساريا" جا خاڪا لکيا آهن، اهو انداز دل لڀائيندڙ ۽ دلچسپ آهي. بلڪل علي احمد بروهي جي "جام جاموٽ، جامڙا" جهڙو. پر ٻوليءَ جي رواني ۽ جدت اچوکي آهي. اسان ڳوڙهي بحث بدران

هلڪي ۽ بي تڪلف انداز کي انڪري به پسند ڪريون ٿا جو زندگي ڳُوڙهي ۽ ڏکي ٿي وئي آهي. هر وقت پريشانين جي سمونڊ ۾ رهندي اسان ڪتابن ۾ پناهه تلاش ڪري ٿڪ پڄڻ چاهيندا آهيون. ان لاءِ نياز پنهور صاحب جا خاڪا سچ پچ ته ڪائنات جي اهڙي ڪنڊ ۾ وٺي وڃن ٿا، جتي ڪي پل اسان سُڪون سان گهاري سگهون ٿا. نياز صاحب بنيادي طور تي شاعر آهي. اهو شاعريءَ جو شوق ئي هيو جيڪو ڪيس سنڌي ادب ڏانهن وٺي ويو. سندس شاعريءَ جو تازو ڪتاب، ”ناو هلندي رهي“ پوپٽ پبليڪيشن پاران شايع ڪيو ويو آهي. ڪتاب ۾ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو مهاڳ، سائين امداد حسيني ۽ علي آڪاش جي راين سان گڏ قربان منگي صاحب جو لکيل پبلشر نوٽ ۽ نياز صاحب جو لکيل ”منهنجو سفر، منهنجي شاعري“ شامل آهن. ڪتاب جو بئڪ ٽائٽل مختيار ملڪ صاحب جو لکيل آهي ۽ فليپ تي نصير مرزا ۽ ادل سومري جا رايا آهن.

جويي صاحب لکيو آهي ته: ”نياز جي شاعريءَ جي اهم خصوصيت سندس بيان جي سادگي آهي“.(3)

امداد حسيني صاحب لکيو آهي ته ”نياز جي شاعريءَ جو بنيادي محرڪ پيار آهي. پر هو ديس جي حالت کان نه رڳو پليءَ ريت واقف آهي بلڪ ان کي شاعريءَ وسيلي اسان تائين پهچائڻ ۾ به ڪامياب آهي“.(4)

علي آڪاش نياز صاحب جي شاعريءَ بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو، ”هو گلرنگ لفظن جي پويان نٿو ڊوڙي، پر پل جي مکڙيءَ کي ڇُهي، انهيءَ جي ڪوملتا، تازگي ۽ واس جي احساس کي تخليق ۾ شامل ڪرڻ گهري ٿو“.(5)

مختيار ملڪ صاحب لکيو آهي، ”نياز پنهور جي شاعري اهڙن اڻ جهل ۽ اجرن احساسن جي اٿل آهي: جيڪا سندس اندر جي ايڪانت ۽ من جي اڪيلائيءَ مان اسري آهي. اها اڪيلائي جنهن سندس جذبن ۽ امنگن سان لفظن کي سنگيت جهڙو فطري آهنگ بخشيو“.(6)

ادل صاحب لکيو آهي، ”نياز پنهور پنهنجي شاعريءَ جي روبرو بيهڻ جو حوصلو رکندڙ ڪوي آهي ۽ موٽ ۾ شاعري به ڪيس مرڪي چوي ٿي ته ’تون مونکان ڏار ڪٿي آهين پيارا!‘(7)

نصير مرزا نياز صاحب جي شاعريءَ بابت راءِ ڏيندي لکيو آهي، ”(شاعريءَ ۾) نه فقط لفظن جي چونڊ ۽ اسلوب ڌار هو، پر (سندس) لهجو به نرالو ۽ نواڻ پريو“.(8)

نياز صاحب پاڻ پنهنجي شاعريءَ بابت لکيو آهي،
”هيءَ شاعري منهنجي زندگيءَ جي ميٺڙي چوندي آهي“.(9)

متين مانائتن ليکڪن جي راين مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته نياز صاحب جي شاعريءَ ۾ سادگي آهي ۽ اها سادگي ئي سندس شاعريءَ جو حسن آهن. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ رڳو لفظي سونهن ناهي پيري بلڪ سندس شاعريءَ ۾ محبوب جي حسن سان گڏ، وطن جي محبت، ٻوليءَ سان چاهه، انسان دوستي ۽ فطرت سان عشق جهڙا فڪري رنگ به موجود آهن. جنهن شخص جي زندگيءَ جي ”ميٺڙي چونديءَ/شاعريءَ“ ۾ اهي سڀ رنگ هجن ته يقينن ان شخص جي زندگي به سڦل آهي ته شاعري ته سڦل آهي ئي آهي. نياز صاحب توڙي جو خاڪا، مضمون، ڪالم وغيره لکيا آهن، پر بنيادي طور تي هو شاعر ئي آهي. 1981ع ۾ سندس ٻاراڻي شاعريءَ جو ڪتاب ”ڪوڏ ۽ سپون“ شايع ٿيو ۽ سنڌالاجي توڙي سنڌي ادبي سنگت ڪيس بهترين شاعر جو ايوارڊ پڻ ڏنو. هن ڪتاب يعني ”ناو هلندي رهي“ ۾ سندس اها شاعري آهي، جيڪا هن 1990ع تائين ڪئي ۽ مختلف رسالن ۾ ڇپي ۽ ڪجهه اڻڇپيل شاعري به هن ڪتاب ۾ شامل آهي. حقيقت ۾ هيءَ انتهائي اهم دور جي شاعري آهي. سنڌ ۾ ايم آرڊي موومينٽ هلي رهي هئي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هر طرف وطن سان محبت جو رومانس هو.’ڌرتي ۽ سرتي‘ ان دور جي شاعريءَ جا خاص موضوع هئا. شاعر ڪڏهن ”سرتيءَ“ سان عشق جي ڏوهه ۾ محبوبه جي وارن ۾ قيد ٿيڻ جون ڳالهيون لکي رهيا هئا ته ڪڏهن ”ڌرتيءَ“ جي موهه ۾ سلاخن جي پويان وڃڻ جي رومانس ۾ نظر پئي آيا. سنڌي شاعري خاص طور تي 1960ع کان 1990ع تائين هڪ اهڙي رومانوي دور مان گذري آهي، جنهن ۾ مزاحمت ۾ به رومانس آهي ته وطن دوستي، انسان دوستي، فطرت نگاري ۽ جماليات ته هونئن به شاعريءَ جو معراج هئا. نياز صاحب جديد شاعريءَ جي معراج وارن ڏينهن جو شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ پڻ ساڳيو جوهر آهي. هيءُ اهو دور هو جڏهن سنڌي شاعريءَ ۾ علامت نگاري جو جوهر مليو ٿو. نياز صاحب جو غزل؛ جنهن جو مطلع مٿي ڏئي آيا آهيون؛ ان جو رديف ”شڪ“ آهي. مڪمل غزل هن ريت آهي:

جيون لمحو لمحو شڪ
سات سفر ۽ رستو شڪ

ويساهن جي ماريل پونءِ
ماڻهوءَ ماڻهوءَ ڇهرو شڪ

موهه محبت جي مايا
نينهن نياءَ جو وعدو شڪ

پنهنجي ملڻ کي معنيٰ آهه
بي معنيٰ آ جڳ جو شڪ

سڄي گهٽي اڏرات سمو
پنهنجي پير جو کڙڪو شڪ

پنهنجو آهه، پرايو آهه؟
"نياز" پرينءَ تي ڪهڙو شڪ

هن غزل جو رديف "شڪ" آهي، ۽ "لمحو"، "رستو"، "ڇهرو"، "وعدو"، "جو"، "کڙڪو"، "ڪهڙو" قافيا آهن. غزل جو وزن ٽي پيرا "فعلن" ۽ هڪ پيرو "فاع" تي آڌاريل آهي، جيڪو بحر متقارب مثمن اثلم اثرم الاخر آهي. يا هي بحر متدارڪ مثمن مخبون مسڪن محذوف به ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ ٽي پيرا "فعلن" ۽ هڪ پيرو "فع" ايندو آهي.وفا ناٿن شاهي جو هڪ مشهور غزل به ساڳي بحر تي آهي، جنهن جو مطلع هن طرح آهي.

"سنڌڙي سور الاهي ڙي
ڏيندا ڏيهه گواهي ڙي" (10)

پراڻي بحر تي نئون غزل لکي نياز صاحب واقعي به هڪ نئون تجربو ڪيو آهي. شاعري هونئن به نه نئين کي نئون ڪرڻ سان گڏ پراڻي کي نئون ڪرڻ جو نالو آهي. تاج بلوچ صاحب ٽي آيس ايليٽ جي حوالي سان لکيو هو، "شاعري ۾ سدائين ڪنهن نه ڪنهن نئين تجربي جو ابلاغ ٿيندو آهي. ۽ اهڙو نئون تجربو نئين ادراڪ کي جنم ڏيندو آهي. يا ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن اهڙي شيءِ جو به اظهار ٿيو پوي جنهن جو اسان تجربو ته ڪيو پر ان جي اظهار لاءِ اسانوٽ گهربل ڊڪشن نه هو. پوءِ اهڙو تجربو اسانجي سرت ۾ واڌارا آڻي ٿو ۽ اسان جي ادراڪ کي لطافت بخشي ٿو".(11)

نياز صاحب جو هيءُ غزل به اسان کي نئين سيرت ۽ ساڃاهه سان همڪنار ڪري ٿو ۽ اسين سوچڻ تي مجبور ٿي احساس کي ڪنهن نئين ڏسا ڪان پرکڻ ٿا چاهيون.

هن غزل جو فڪري اڀياس ڪنداسين تہ اسان کي ”شڪ“ هڪ وڏي معنيٰ ۾ نظر ايندو. شڪ جي لاءِ چيل آهي تہ،

“Skeptism is not irrefutable, but obvious nonsense if it tries to doubt where no question can be asked. For doubt can only exist where a question exists; a question can only exist where an answer exists, and this can only exist where something can be said(12) ”.

يعني شڪ تي تيسيتائين خاطري نٿي ڪري سگهجي جيسيتائين اهو ڪو سوال نٿو اٿاري. يعني شڪ اتي اڀري سگهي ٿو جتي سوال اڀري ۽ سوال اتي اڀرندو جتي جواب هوندو ۽ جواب اتي ملندو اتي چوڻ لاءِ ڪجهہ هوندو.

مطلب تہ شڪ ڪنهن بہ نئين مرحلي جو پهريون ڏاڪو آهي. ريني ڊيڪارٽ چيو هو تہ ”آئون سوچيان ٿو ان ڪري آئون آهيان“ ۽ سوچ جو بنياد هميشہ شڪ تي ٻيڌل هوندو آهي، يعني ريني ڊيڪارٽ جو وجودي فلسفو شڪ تي ٻيڌل هو.

نياز صاحب جو هيءُ غزل پڻ ”شڪ“ جي رديف سان هر بند ۾ اهم معنيٰ ڏئي ٿو.

جيون لمحو لمحو شڪ
ساٿ سفر ۽ رستو شڪ

زندگيءَ جو هر لمحو شڪ آهي، زندگيءَ جي هر پل ۾ ملندڙ ڪنهن جو ساٿ، همسفر ۽ اڳتي وڌندڙ رستو شڪ آهي. هن غزل کي جيڪڏهن اسان ايم آر ڊي جي پسمنظر ۾ ڏسنداسين تہ ڪيئي ڳالهيون کُلي سامهون اينديون. سنڌ ۾ اهو دور عجيب ويڳاڻپ ۽ رومانس جو دور هو. جنهن ۾ وجودي مزاحمت پڻ موجود هئي. ايم آر ڊي کان ٿورو اڳ سنڌ ۾ ون يونٽ جي خلاف زبردست تحريڪ هلي چڪي هئي. ان سموري دور ۾ ادب سياست جي جهڙوڪر رهنمائي ڪري رهيو هو. گهڻا شاعر ۽ ڪهاڻيڪار پنهنجي دؤر جي سياسي لاڙن بابت لکي رهيا هئا. جن مان ماڻڪ وٽ اسان کي شڪ تہ ملي ٿو، پر هڪ خوف پڻ ملي ٿو. خاص طور سندس ناول ”ساهہ مٿ ۾“ ان جو بهترين مثال آهي. جنهن جو هيرو هر وقت شڪ، خوف، ڊپ، ڊپريشن، انزائٽي، ائبزرڊٽي، اداسي، اڪتاهٽ، بيچيني، ويڳاڻپ، ڳٽتي ۽ ڳاراٽين جهڙين ڪيفيتن ۾ گذاري ٿو. هن غزل ۾ خوف ناهي، بيچيني بہ ناهي، اداسي ۽ اڪتاهٽ بہ ناهي. پر شڪ آهي. شڪ ڏاهپ جي نشاني آهي. هر لمحو شڪ ۾ گذارڻ مان مراد آهي، تہ رونما ٿيندڙ واقعن

جي منظر ۽ پسمنظر تي ويچارڻ، سفر ۽ همسفر تي شڪ تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن منزل تمام گهٽي اهم هوندي آهي ۽ فرد سفر کي حد کان وڌيڪ نازڪ سمجهي رهيو هوندو آهي. غزل جو بيو بند آهي.

ويساهن جي ماريل پونءِ
ماڻهوءَ ماڻهوءَ چهرو شڪ

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هن ڌرتيءَ سان ڪيترائي ڀيرا ويساهہ گهاتي ٿي آهي. جنهن ڌرتيءَ سان ويساهہ گهاتي ٿيندي رهي هجي، اها ويساهن جي ماريل ڌرتي ئي سڏبي. سنڌ جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏو نقصان انهن ڏينهن ۾ ٿيو آهي، جڏهن هن مٽي ۽ مٽيءَ جي ماڻهن ڪنهن مان خير خواهي جي اميد رکي آهي. راڻي سونهن ديوي جي اميرن مٿس يقين ڪيو ۽ هن راءِ گهراڻي جي دور جو خاتمو آندو. ڏاهر سان ڪيترن ئي معرڪن تي انهن پنهنجن غداري ڪئي جن تي هن جو ڀروسو هو، عربن ڪنهن تي بہ ويساهہ نہ ڪيو نتيجي طور سنڌ ۾ عربن طرفان مقرر ڪيل 53 گورنرن مان شايد ئي ڪوئي پنهنجو مدو پورو ڪري واپس پنهنجي ملڪ ويو هجي، ڇاڪاڻ تہ انهن مان گهڻا هتي ئي قتل ٿي ويا ۽ ڪي ٿورا مدو پورو نہ ڪري سگهيا ۽ ناڪام ٿيا تہ عرب سرڪار ڪين عهدي تان هٽائي واپس گهرائي ورتو. سومرن پنهنجن سان ويساهہ گهاتي ڪئي، سمن جي دور جي پڄاڻي بہ ويساهہ گهاتي سبب ٿي. ارغون، ترخان ۽ مغل تہ ڌريان ئي ڌاريا هئا. ڪلهوڙن جي حڪومت جو تختو انهن ٽالپرن اونڌو ڪيو جيڪي ڪلهوڙن جا سڀ کان وڌيڪ قابل اعتبار ماڻهو هئا. ٽالپرن انگريزن تي ڀروسو ڪيو ۽ ڪين سروي توڙي واپار جي اجازت ڏنائون ۽ نتيجي ۾ پنهنجي حڪومت جو تختو وڃايائون. ويساهہ گهاتين جو سلسلو ورهاڱي کانپوءِ بہ هلندو آيو آهي جو سنڌ اسيمبلي اعتبار ڪري جن ڳالهين تي نهراءُ پاس ڪيو هو انهن مان ڪابہ ڳالهہ پوري نہ ٿي ۽ شاعر جو اهو چوڻ تہ،

ويساهن جي ماريل پونءِ
ماڻهوءَ ماڻهوءَ چهرو شڪ

ڌرتيءَ جي گڏيل شعور ۾ پئدا ٿيل ان جوهر ڏانهن اشارو آهي، جيڪو صدين جي ويساهہ گهاتي کان پوءِ پئدا ٿيندو آهي يا پئدا ٿي سگهي ٿو. شاعر جو چوڻ آهي تہ، هيءَ ڌرتي اڳ ئي ويساهن جي ماريل آهي، ۽ مٿان هر ماڻهوءَ جو چهرو شڪ جو اهڃاڻ بڻجي سامهون اچي رهيو آهي. ان صورتحال ۾ شاعر ڌرتيءَ جو درد بيان ڪري رهيو آهي. سماجيات، ادب توڙي نفسيات ۽ فلسفي جي گهري اڀياس کان پوءِ اسان کي معلوم ٿيندو

ته ڪنهن به ڏرتي ۽ سنڌس ڪلچر جي معروضي حالتن ۽ ان ۾ پيدا ٿيندڙ امڪاني صورتحال جو ڏس پتو ڪيئي سال اڳ ان ڌرتيءَ جي شاعر جي ذهن ڪي پوندو آهي، ۽ هو اهڙو اظهار پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪندو آهي. سنڌ جي ويساهه گهاتين جي تاريخ کي هن مختصر شعر ۾ شاعر ڪيڏو نه خوبصورتي ۽ گهرائي سان بيان ڪيو آهي ته، "ويساهن جي ماريل پونءِ، ماڻهوءَ ماڻهوءَ چهرو شڪ" غزل جو اڳيون بند آهي.

موهه محبت جي مايا
نينهن نياءَ جو وعدو شڪ

موهه يعني ڪشش، ڇڪ، سڪ، انسيت اهي سڀ محبت جي مايا جا روپ آهن. سڀ کان اول ڪنهن جو ڪنهن ۾ موهه پيدا ٿيندو آهي، ان کان پوءِ ان سان محبت ٿيندي آهي، ۽ پوءِ محبت جي نياڻ جو سوال پيدا ٿيندو آهي. پر ڇاڪاڻ ته موهه ئي محبت جي مايا ٿئي ته پوءِ ڪيئن نه ڪنهن واعدي جي پوراءَ ۾ شڪ پيدا ٿئي. موهه ڪنهن سان به ٿي سگهي ٿو. ماڻهو زندگيءَ جي مختلف مرحلن تي پنهنجي دل ۾ مختلف موهه پالي ٿو. هو رومانس جي معراج تي رهي ٿو. پر جڏهن اها محبت مايا ٿي وڃي ته سڀ ڪجهه تڇ ٿي پوندو آهي، ۽ پوءِ پنهنجي پاڻ ۾ به شڪ ٿيڻ لڳندو آهي ته "هو پاڻ به الائي جي آهي الائي نه؟" هر اها شئي جيڪا ڪنهن لاءِ سهڻي هوندي آهي اها اُن ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. شيخ اياز لڳ ڀڳ انهن ئي ڏينهن ۾ لکيو هو ته، "سو ڪيئن نه ڊوڙي مقتل ڏي، آ رت ۾ خوشبوءِ مينديءَ جي" جڏهن رت ۾ مينديءَ جي خوشبوءِ پرجي وڃي ته مقتل ۾ موهه پيدا ٿي وڃي ٿو. پر جڏهن ان سموري منظر نامي/اڳواڻن تي سندن ڪرتوتن سبب شڪ پيدا ٿيئي ته مٿيءَ جو اهو موهه "محبت جي مايا" ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ نينهن نياڻ جي وعدي ۾ به شڪ پيدا ٿي پوي ٿو. غزل جو اڳيون بند آهي،

پنهنجي ملڻ ڪي معنيٰ آهه
بي معنيٰ آ جڳ جو شڪ

پنهنجي ملڻ واري سوال يا استعاري تي ويچارڻ کان اڳ ڏسنداسين ته "پاڻ ڪير آهيون؟ يا پاڻ هڪٻئي جا ڪير آهيون؟" جو پنهنجي ملڻ کي معنيٰ ملي ٿي ۽ بي جڳ جا سمورا شڪ بي معنيٰ ٿي وڃن ٿا. ڪنهن به مقصد لاءِ ملاقات ضروري آهي. ملاقات نه رڳو نفسياتي طور تي گهٽن مونجهارن کان بچائي ٿي، بلڪ ان سان فرد جي اندر ۾ "هاڪاري انرجي" پڻ پيدا ٿئي ٿي. لطيف سائينءَ به چيو هو ته،

دَلَق گَڏِيو ڏُوڙِ ۾، يَڪُلِيا پُٽِنِ،
ڳَالِهيُون ڳِهلي لوڪَ سين، پَڌَرِ پَئي نہ ڪَنِ،
ڪا مَنِ آهي تَنِ، مُون پِريان جِي ڳَالهَڙي.

يعني هو پنهنجون گودڙيون ڌوڙ سان پريون پيا هلن، ۽ پنهنجي اندر جون ڳالهيون عام ماڻهن سان نہ ٿا ڪن، انهن محبوبن جي اندر ۾ ڪا تہ اهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا صرف مون سان ڪرڻ چاهين ٿا. ڳالهہ هڪ راز آهي، جيڪو فرد جي اندر ۾ وڏي وڻ تہ ٿي سگهي ٿو، پر اهو راز صرف ان سان ئي اوري سگهجي ٿو، جيڪو ان لائق هجي نہ تہ شاهہ سائين بہ چيو هو تہ، ”سپيريان جي ڳالهڙي، ڪنهن سان ڪين ڪجي“ شاعر جو اهو چوڻ تہ پنهنجي ملڻ ڪي ئي معنيٰ آهي، ۽ جڳ جو سمورو شڪ بي معنيٰ آهي، هڪ گهڻ رخي حقيقت ڏانهن اشارو آهي.غزل جو اڳيون بند،

سجي گهٽي اڌرات سمو
پنهنجي پير جو کڙڪو شڪ

هن بند ۾ ڪم آيل استعارو ”اڌ رات جي وقت سنسان گهٽي“ پڻ گهڻ رخو آهي. جنهن ڪي پڻ گهٽن پاسن کان بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو. شاعر پنهنجي دؤر جي معروضي حالتن مان استعارا ڪڍي پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪندو آهي. شاهہ سائين توڙي سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ اکين ڪي تيرن، تلوارن ۽ نيزن جي استعارن جي اوٽ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ”تارا تراريون، نيزا نيڻ پرين جي، لڳن منهن ياريون، سانگو ڪن نہ ساهہ جو“ (شاهہ سائين) سچل سرمست وٽ تہ ”حسن جي فوجن“ جو بہ استعارو ملي ٿو.

فوجون، تلوارون، تير ۽ نيزا سندن دور جون حقيقتون هيون، جيڪي هنن پنهنجي شاعريءَ ۾ استعاري طور ڪتب آنديون آهن. نياز صاحب ”اڌرات جو سجي گهٽي“ جو استعارو ان دؤر ۾ ڪتب آندو، جڏهن ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران ڪيترائي سياسي توڙي ادبي ماڻهو ”انڊر گرائونڊ“ ٿيل هئا، ۽ ايئن ئي راتين جو لڪي لڪي هڪٻئي سان ملندا هئا. هن شعر ۾ محبوب سان ملڻ جو استعارو بہ آهي، جنهن سان پڻ لڪي لڪي ملبو آهي، ۽ ڪنهن جي ڏسڻ جو شڪ/پئو بہ هوندو آهي. لطيف سائين بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي آهي تہ، ”جي پائين پرينَ مِڙان، سِڪ چوران ڪِي ڏاتِ“ جي محبوبن سان ملڻ چاهيو ٿا تہ چورن وانگر پاڻ کي لڪائڻ سکو ۽ غزل جي هن بند ۾ نياز صاحب پڻ ”سجي گهٽي اڌرات سمو،

پنهنجي پير جو ڪڙڪو شڪ“ جهڙو شعر لکي خيال کي گهڻ رخو ڪري ڇڏيو آهي.غزل جو آخري بند آهي،

پنهنجو آهه، پرايو آهه؟
”نياز“ پرينءَ تي ڪهڙو شڪ

سينيءَ تي ته شڪ ڪري سگهجي ٿو، پر پرينءَ تي شڪ ڪرڻ عشق جي مذهب ۾ جائز ڪونهي. نياز صاحب محبوب کي شڪ کان مٿانهون ڪري حقيقت ۾ محبت جي تقدس ۽ تقريم کي اوچو رکيو آهي. جڏهن ڪنهن کي محبوب/پرين يا سپرين مڃي ئي ونجي ته پوءِ ان تي شڪ ڪرڻ حرام آهي. اهائي شاهدي هن غزل جو مقطعو ڏئي ٿو. پرين ڪنهن جو ڪوبه ٿي سگهي ٿو. ڪنهن جو پرين ان جي منزل به ٿي سگهي ٿي ته زندگيءَ جو حاصل مقصد به سندس پرين ٿي سگهي ٿو. ڪو فرد به ڪنهن جو پرين ٿي سگهي ٿو ته ڪو ديس به ڪنهن جو محبوب ٿي سگهي ٿو. ”پرين“ پڻ گهڻ رخو استعارو آهي.

هن غزل تي اجا وڌيڪ به لکي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن غزل جا استعارا، قافيا ۽ رديف توڙي تشبيهون تمام گهريون ۽ گهڻ رخيون آهن. هڪ ته هن غزل کي ان دؤر کي سامهون رکي پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهرجي ٻيو ته هن غزل جي فڪري نقطن کي همعصر عهد توڙي ساڳين معروضي حالتن ۾ لکيل ٻين شعري اسمن سان تقابلي جائزو وٺي وڌيڪ گهرائي سان کولي سگهجي ٿو.

صرف سائنسدان شين کي دريافت يا ايجاد ناهن ڪندا پر شاعر ۽ ٻيا ڏاها به ڌرتيءَ جي شعور، ان جي تاريخ، مزاج ۽ نفسيات کي ڳولهي، کولي، ان جو ڇيد ڪري سامهون آڻيندا آهن. غزل سنڌ جي صنف ناهي. هيءَ ڌاري صنف آهي ۽ مختلف زمينن ۽ ثقافتن ۾ غزل پنهنجي هيئت ۾ مختلف رنگ ورتا آهن. عربي غزل خوشبوئن، وفائن، بيوفائين ۽ بهاردري جهڙن ڳڻن ۽ اوڳڻن سان ڀريو پيو آهي. فارسي غزل رندي ۽ سرمستي سان ٽمٽار رهيو آهي، اردو غزل بلبل، گل، شمع، پرواني جهڙن استعارن سان پُر آهي. قديم سنڌي غزل ۾ فارسي ۽ اردو غزل وارا رنگ شامل هئا، پر جديد غزل ان ڪڙي مان نڪري چڪو آهي. جديد سنڌي غزل جتي ٽيڪنيڪ جي اعتبار کان ڪلاسيڪي سنڌي غزل کان پاند آجوڪيو آهي؛ اتي موضوعاتي اعتبار کان پڻ هڪ الڳ جهان جوڙيو آهي. اڄ جي جديد غزل ۾ مزاحمت، بُک، استحصال، پرماري قوتن خلاف بغاوت، موت، انقلاب، وطن دوستي، فطري سونهن، رسڻ، پرچڻ سميت هر انساني جذبي جي

عڪاسي ڪئي وجي ٿي. يعني جديد غزل فني توڙي فڪري اعتبار کان هڪ الڳ جهان جوڙيو آهي ۽ روايتي پابندي کي ٽوڙيو آهي. شيخ اياز جو گيڙو ويس غزل جو تجربو پڻ هڪ انوکو تجربو هو، پر اڄ غزل اڃا بہ وڌيڪ گهرو ۽ گهڻ رخو ٿي چڪو آهي، جنهن جو هڪ مثال هن مقالي ۾ بحث هيٺ آندل نياز پنهور صاحب جو غزل بہ آهي.

پنهنجو آهہ، پرايو آهہ؟
”نياز“ پرينءَ تي ڪهڙو شڪ

## نتيجو:

نياز پنهور جي هن غزل جو تنقيدي جائزو وٺڻ کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ هيءُ غزل جتي فني طور تي پختو آهي؛ اتي فڪري طور پڻ گهڻ رخو آهي. هيءُ غزل مطلع کان سواءِ پنجن بندن تي ٻڌل آهي. هر بند ۾ الڳ فڪر آهي. غزل جو هر بند هوندئن بہ الڳ معنيٰ ڏيندو آهي؛ پر نياز صاحب جي هن غزل جي اها خوبي آهي تہ ان جو هر بند تاريخي، ثقافتي توڙي نفسياتي طوي تي تمام گهريون معنائون ڏئي ٿو. هن غزل ۾ سماجي شعور بہ آهي تہ تاريخي ۽ ثقافتي ڏسائون پڻ موجود آهن. آخري بند، ”پنهنجو آهہ، پرايو آهہ؟ ”نياز“ پرينءَ تي ڪهڙو شڪ“ رمانوي حوالي سان محبوب جي محبوبيت واري پاسي کي واضح ڪندي ان کي شڪ کان مٿانهون ڪري پيش ڪري ٿو.

مجموعي طور تي هيءُ غزل فن ۽ فڪر سان ڀرپور آهي.

## حوالا:


1) جويو، محمد ابراهيم، مون ڏات انوکي آندي آهہ، ثقافت کاتو، 2012ع، ص: 220
2) https://books.sindhsalamat.com/book/926/read/49137
3) پنهور، نياز، ناو هلندي رهي، پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، 2022ع، ص: 19
4) ساڳيو، ص: 23
5) پنهور، نياز، ناو هلندي رهي، پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، 2022ع ص: 34-35
6) ساڳيو، ص: بئڪ ٽائيٽل
7) پنهور، نياز، ناو هلندي رهي، پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، 2022ع، اندريون فلئپ
8) ساڳيو، اندريون فلئپ
9) پنهور، نياز، ناو هلندي رهي، پوپٽ پبليڪيشن خيرپور، 2022ع ، ص: 46
10) شاهي، وفا ناٿن، اوجاڳن جو انت، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، 2006ع، ص: 22
11) بلوچ، تاج، جديد ادب جو تجزيو، سوجهرو پبليڪيشن، 2014ع، ص: 64
12) Wittgenstein, Notebooks, Black well, oxford, 1959, P, 44

ڊاڪٽر سيما ابڙو

# امداد حسيني جي جديد شاعريءَ جو مختصر تنقيدي جائزو

## Modern Poetry of Imdad Hussaini: A short critical analysis

**Abstract:**

Imdad Hussaini was a famous modern poet of Sindh. His poetry is part of various academic books, particularly in the syllabus books of primary classes. Being one of the great poets of Sindh, Imdad Hussaini has also written short stories, articles and dramas in Sindhi language. There are number of his poetry books are published ,while a huge numbers of his writings are published in various magazines, news papers, etc .His Urdu poetry book is also published , besides this all;a lot of his work in Sindhi and Urdu languages is yet unpublished .

This articles Highlights his camtrriution in respect of modern poetry.

امداد حسينيءَ جي شخصيت سنڌي ادب، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي سماج ۾ روشن ڪرڙي مثل هئي .سندس شاعري سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿي هو. 10 مارچ 1940 تي ٽکڙ ۾ ڄائو ۽ اتي ئي ابتدائي عمر جو حصو گذارپائين.سندس والد سيد فضل محمد شاهه هڪ ڏاهو شخص هو سنڌ جون وڏيون وڏيون شخصيتون ٽکڙ سان لاڳاپيل آهن. جيئن: حافظ حامد،سيد اسدالله شاهه، سيد حافظ شاهه تي گذريون آهن. انهن ۾ امداد حسينيءَ جو نالو بہ شامل آهي .

امداد حسيني بابت ڊاڪٽر سحر امداد لکي ٿي تہ: ”امداد حسيني جنهن جو ادبي نالو آهي، تنهن جو اصل نالو سيد امداد علي شاهه آهي ۽ جو سيد فضل محمد شاهه جو پٽ آهي. هوئين تہ امداد شاعريءَ جي شروعات پنهنجي ننڍپڻ ۾ ئي ڪئي هئي قريبًا ٻارنهن ٻارنهن سالن جي عمر ۾“.(1)

امداد حسينيءَ شاعريءَ جي شروعات ننڍڙي وهيءَ کان ئي شروع ڪئي هئي. جيئن تہ ڏهہ ٻارنهن سالن جي عمر ۾ هڪ ٻار جو ذهن رانديڪن ۽ راند روند ۾ رڌل هوندو آهي. ان عمر ۾ ٻار جي دلچسپي ڪتابن سان گهٽ هوندي آهي پر غير معمولي ذهن رکندڙ عمر جي شروعاتي حصي ۾ ئي علم و ادب سان چاهہ رکندا آهن انهن ۾ امداد حسينيءَ جو نالو فهرست جي مٿانهين حصي ۾ آهي.

جئين سحر امداد صاحبہ لکي ٿي تہ: ”هونئن تہ امداد شاعريءَ جي شروعات پنهنجي ننڍپڻ ۾ ئي ڪئي. قريبا ٻارنهن ٻارنهن سالن جي عمر ۾ هن جي شاعري ٻارن جي رسالي گلستان ۾ باقاعدي ڇپجڻ لڳي، ان دور ۾ هن پنهنجو مڪمل نالو ئي شاعر جي طور تي استعمال ڪيو.“(2)

امداد حسينيءَ جو ٻالڪپڻ رانديڪن سان کيڏڻ بدران ڪتابن ۾رڌل گذريو. ذهني طور تي شاعريءَ جو لاڙو اهو ثابت ڪري ٿو تہ پاڻ موروثي شاعر هو. سندس وڏا شاعريءَ جي ذات ۽ ذانءَ جا پانڌيئڙا هئا. ان پنڌ ۾ امداد حسيني پنهنجن وڏڙن جي شانہ بشانہ هم قدم هو. سندس جو والد سيد فضل محمد شاهہ هڪ ڏاهو ۽ معتبر شخصيت جو مالڪ هو. ۽ ڏاڏو سيد اسدالله شاهہ ”فدا“ وڏو عالم فاضل هو ۽ ڏاڏي جو ننڍو ڀاءُ سيد حافظ شاهہ جو نالو سنڌي ادب ۾ خاص جاءِ والاري ٿو. هن جي شاعريءَ جا ٻہ مجموعا سنڌي ادب ۾ خاص جاءِ والارن ٿا. هڪ پيام غمگار ۽ ٻيو داستانِ غم آهن.

سحر امدا لکي ٿي تہ: ”امداد حسينيءَ جي ڏاڏي جو ننڍو ڀاءُ سيد حافظ شاهہ پڻ نهايت پرسوز ۽ سُريلو ڪافي گو شاعر ٿي گذري آهي.“(3)

امداد حسينيءَ کي سنڌي ادب جي دنيا ۾ سچل سرمست سان ڀہ ڀيٽيو ويو آهي. ڪلام پڙهڻ ڪانپوءِ اندازو ٿئي ٿو تہ ساڳي ٻيباڪي سچ کي وڏي واڪي چوڻ نهايت ئي ڪري انداز ۾ سچ کي وائکو ڪرڻ سندن ڪلام جو حصو آهي. اهو ڪرو انداز ئي امداد حسينيءَ کي سچل ثاني پڻ بڻائي ٿو. جيئن هڪ هنڌ سحر امداد لکي ٿي تہ: ”امداد حسيني جديد دور جو نهايت بولڊ ۽ بيباڪ آواز آهي، جو وڏي ۾ وڏو سچ آهي، بيحد ڪڙو سچ، وڏي واڪ چئي سگهي ٿو، سچل وانگي.“(4) ۽ اهو بہ وڏي واڪي چئي سگهجي ٿو تہ سچل جو روح امداد حسيني جي شرير ۾ موجود هو. جنهن معاشري جي سچ کي ڪري انداز ۾ پنهنجي ڪلام ذريعي وائکو ڪيو ۽ وڏي واڪي اهو پڻ چيو تہ:

”هي منهنجو شهر آهي يا دشمن جو شهر آ
آهن هي ڪير لوڪ نقابن جي پوئتان
قرآن تن هٿن ۾ ڪچن ۾ چرا اٿن
ڪوسي لهوءَ جي پياس ڇپن تي ڪٽيون گهمن
۽ رات ڏينهن ڀوت مٿان ٻٽ ٿهٽيو گهمن
ٻولي بہ منهنجي ڪانہ ٿا ڳالهاءِ هو سگهن
لولي بہ منهنجي ڪانہ ٿا ورناءِ هو سگهن

مــاڻو كــري رسان تہ نہ پر چاءِ هو سگهن
جــپ تي ڄــپيون، اماڙ اكــين ۾ كٽيو رُلن
مــارين تــا ڦــرين تا ۽ ٺــهڪ تــا ڏيــن“.(5)

عام طور تي غزل گو جڏهن غزل كي سرجيندو آهي تہ غزل جي آخري بيت ۾ هو پنهنجو نالو يا تخلص شامل كندو آهي پر امداد حسينيءَ پنهنجي غزل جنهن جو عنوان ”يارو“ آهي ان ۾ كُل ڇهہ بيت ڏنل آهن انهن ۾ ٽين بيت جي پهرئين فرد ۾ پنهنجو نالو كتب آندو آٿس ۽ پنهنجي طرز تي هڪ نئين روايت قائم كئي اٿن.

جيئن: ”يارو“

كجهہ نہ كجهہ،كجهہ نہ كجهہ كريون يارو
هــڪ تـــڌو ســاهہ ئي پـــريــون يــارو
ســار جـــي ڇــا؟ وســارجــي ڇــا ڇــا
جـــام آهـــــي نــــ جـل پـــريون يــــارون
كـئيـن نـــ ” امـــداد ســنـــڌ جـــي نالـــي
كـــوٺـــيـــون ٺــــي ويـــون كـــــريون يـــارو
سون ميـــڙيو ۽ كـــنهن كـــنئي ڇـــانـــدي
مـــــون كـــنيـــو بـــــرهہ جـــون پـــريون يارو
پـــل تـــــ واڌي هـــجـــي منـــافـــق كـــــي
پـــــاڻ ئـــــي ڊِيـــــر تــــــا ڌريــــون يـــــارو
هـــن نـــئيـــن لـــوڪ كـــان ســــاڳيـــون ســـي
ڇاهہ جـــيكي كـــــيون ڇـــــريـــــون يـــارو.“(6)

ڏٺو وڃي تہ امداد حسينيءَ جي شاعريءَ ۾ انيڪ پهلو ملن ٿا، كٿي هو معصوم ٻار جيان نظر اچي ٿو تہ كٿي هو پختي عمر ۾ بہ نوجوان جيان لڳي ٿو. حقيقت اِها آهي تہ امداد حسيني سنجيده روپ كان سواءِ سندس شخصيت ۾ اَنيڪ روپ لكيل آهن. جيكي وقت سر پنهنجي كلام ذريعي عيان كندو رهيو آهي پر هڪ پهلو انهن جي شخصيت ۾ زندگي جي آخري حصي تائين بہ حاوي رهيو. اهو آهي پنهنجي اندر ۾ پيار كرڻ جو جذبو يعني (رومانٽڪ ) پهلو.

امداد حسيني رومانس جو شاعر آهي. انهن ان پهلوءَ تي گهرائي ۽ ڳوڙائي سان ويچار ونديا ان جو مثال سندس نظم كاش مان چنڊ هجان ها! ۾ رومانس كي ڀرپور انداز ۾ بيان كيو آهي .

جيئن:

”ڪاش مان چنڊ هجان، تنهنجي اڱڻ تي اُيران،
ننڊ ۾ ڪئين ٿي لڳين ، تڪ ٻڌي ڏسندو ئي رهان،
تنهنجي خاطر ئي ستارن ۾ ڪِڙان، چيچ وجهان،
تنهنجي خاطر ئي اُجهامان، تنهنجي خاطر ئي جلان،
رات جي پوئي پهر تنهنجي ئي وارن ۾ لهان،
شام جو تنهنجي ئي چهري مان اکيون مهٽي اُٺان.“(7)

امداد حسينيءَ جي ڪلام ۾ ردم ۽ سُر لڪيل آهن. جنهن ڪي پڙهڻ وقت پڙهندڙ بي اختيار جهونگارڻ ۽ جهومڻ لڳي ٿو. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ امداد حسينيءَ جو ڪلام شاعريءَ جي حقيقي ڪسوٽيءَ تي پورو پڻ لهي ٿو. جيئن شيڪسپيئر چيو آهي تہ: ”شاعري اهِا جاڳائي ۽ وڄائي سگهجي“ ۽ اها حقيقت آهي تہ امداد حسينيءَ جي شاعريءَ کي ڳائي سگهجي ٿو.

جيئن ”گوري“ نظم پڙهڻ سان ڳائڻ جو ڀرپور احساس ٿئي ٿو قافيہ ۽ رديف جي مالها کي وڏي خوبصورتيءَ سان پرويو ويو آهي نظم جا ڪجھ بيت هيٺ ڏجن ٿا .

جيئن:”گوري!“

”هي جي تنهنجا نيڻَ الا
سچلا سڳا سيڻَ الا
منڙي مُرڪَ الا
امرت رس جي سُرڪ الا
ڪَارا ڪارا وَارَ الا
ڪرن ڪارو نياز الا
هيءَ جا تنهنجي ٿورَ الا
ماندا جنهن تي مورَ الا
گوري هيءُ گفتار اَلا
جهڙي ماکيءَ لارَ الا“(8)

جيئن تہ امداد حسينيءَ جي شاعريءَ جا مختلف روپ آهن. ان مان هڪ پهلو رومانس آهي.سندس رومانوي شاعريءَس ۾ عورت جي عظمت جو پهلو بہ نظر اچي ٿو تہ عورت جي اهميت، افاديت انتهائي پيار ڪندڙ هستي ڪي بيان ڪيو آهي. امداد حسينيءَ نظم، غزل ۽ گيتن کان سواءِ ٽيڙو جي صنف تي بہ طبع آزمائي ڪئي آهي. ٽيڙو ۾ ردم کي ڀرپور انداز

۾ برقرار رکندي اڳتي وک وڌائي ٿو. ان جو بهترين مثال ”تنهائي“ آهي جنهن ۾ ٿي کن ٽيڙو ڏنا اٿن.

جيئن:”تنهائي“

”ڪون ڇـڏيـندو سـانءِ
لَـــڏڻ اهـــڙي لــوڏ تي
ٽيـــڙو لکـــــندو ســانءِ!

اونـــداهہ ۾ چمڪُون
تون، مان پنهنجو ٻارڙو
ٽيـــڙوءَ جــنءَ تمڪون!
هــيءَ جـــا تنهـــائي،

مــحبــوب آهي ڪا.
يـــا آهـــي مـــائي!“(9)

امداد حسيني پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪٿي بہ نا اميد ۽ مايوس نظر نٿو اچي سندس شاعريءَ ۾ اميدَ جا ڪَرٽا نظر اچن ٿا. نا اميديءَ ڪان ڪوهين ڏور نظر اچي ٿو. سندس ڪلام ۾ ڏک ۽ وڇوڙي سان گڏ رومانيت جو پهلو بہ ملي ٿو پر نا اميد ڪٿي بہ نٿو ٿئي.

جيئن ڊاڪٽر غفور ميمڻ لکي ٿو تہ: امداد حسيني سنڌي شاعريءَ ۾ جديد هيئت ۽ اسلوب ۾ وقت جي تقاضا مطابق ادب جي قدرن ۾ تبديلي آندي. سندس انداز بيان رنگين ۽ رومانوي آهي پر فڪري طور هو ڏاڍو اميد پرست شاعر آهي. اڪثر شاعريءَ ۾ ڏک، پيڙا، درد ۽ وڇوڙو هوندو آهي پر امداد مرڪڻ جي ڳالهہ ڪئي، ڏاهي ٿيڻ جي، حسن پيار ۽ انسان ٿيڻ جي تاڪيد ڪئي. چوي ٿو:

مــــــسڪرايو اهـــو اجهو آيـــو ڪي آيو، دوستو!
حسرتن جي ڪنوار کي مينديِ لڳايو دوستو!(10)

امداد حسيني پنهنجي ڪلام ۾ سستيءَ ۽ ڪاهليءَ کي ننڌي ٿو هو هر وقت چست رهڻ جي تلقين ڪري ٿو، هن ئي موضوع تي تمام خوبصورت انداز ۾ آزاد نظم تي روشني وڌي آهي تہ:

”سُســتي مان ڇا هٿ حاصل
قـــدم وڌائـــي اڳتي هل.
چنـــڊ تـــي پــهتو آ انسان،

مــحنت جــو ســـپ آهي ڦل
ڪنهن جو تون محتاج نہ ٿي،
ڪنهن جي آڏو جهول نہ جهل
همت وارن جي آڏو،
جهُڪي پوي ٿو نيٺ جَبل".(11)

ڌرتيءَ جو سچو شاعر پنهنجي مٽيءَ سان جڙيل هوندو آهي . مٽيءَ جو قرض لاهيندي لاهيندي مٽيءَ ۾ ملي ان مٽيءَ سان سلهاڙجي امر ٿي ويندو آهي پوءِ ڌرتيءَ مان هڳاءُ پيو هُلندو رهندو آهي ۽ اها سرهاڻ ان جي چيل ڪلام جي سٽ سٽ سان لفظ لفظ سان ملي سموري سماج کي مهڪائي ۽ جهومائي ڇڏيندي آهي ۽ تاحيات پڙهندڙ ان ڪلام جي خوشبوءَ سان مهڪندا رهندا آهن.

اهوئي سبب آهي تہ امداد حسينيءَ جا گيت پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي چپن تي مرڪون پکيڙي ڇڏيندا آهن.

جيئن:

"سا ڪاش اسان جي سـنڌ هجي!
جت پيار رڳو بس پـــيار هجي
هــر دل بــاغ بـــهار هـــجي
جت سونهن پريو سنسار هجي!
جــت مــوج پريو مهراڻ هجـــي
جـــت ڌرتـــي سرتي کي پهريل
نِت ســاوڪ جــو پـــهراڻ هجي
جــت مــحنت جو نتِ مان هجي
هــر پــاسي امـــن امـــان هجي
انــسان جـــتي انـــسان هـــجي
هـــر ڏک کان آجـــي جـــند هجي
سا ڪاش اسان جي سنڌ هــجي".(12)

امداد حسينيءَ پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي سماج ۽ معاشري جي هر موضوع تي قلم کنيو آهي. هو سنڌ جو وفا شعار شاعر آهي ، اهو ئي سبب آهي تہ پاڻ ڏک ۽ پيڙا . پيار ۽ محبت .قرباني. ڏاڍ ۽ ظلم اندر جا اڌما ۽ احساس غم ۽ خوشي تحرڪ ۽ ترقي محسوسات ۽ احساسات ۽ انيڪ موضوعن کي قلم جي زينت بڻائي پنهنجي ڌرتيءَ جي رهواسين جي دلين کي مسرور ڪري ڇڏيو.هو لفظن کي بنا عيوضي پڙهندڙن کي ورهائي پنهنجي شاعريءَ جي گلدستي کي امر ڪري ڇڏيو.

”ڪـــــم ونـي ٿو ونـي، ونـي نہ ونـي
هڪڙو شاعر تہ شاعري ٿو ڏيئي“.(13)

سنڌي ادب جو هيءُ خوبصورت شاعر 27 آگسٽ 2022ع تي گذاري ويو. توڙي جو امداد حسيني جسماني طور سان ڪان ڊار ٿي ويو آهي، پر پنهنجي فن، ذڪر، شاعريءَ ۽ نثراڻين خدمتن ۾ هو زنده آهي، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ روشن ستاري جيان چمڪندو رهندو.

**نتيجو:**

امداد حسينيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت جي سمورن رنگن، اندر جي احساسن ۽ ڏرتيءَ سان جڙيل هجڻ وارا مثال ملن ٿا. هو هڪ گهڻ پاسائون شاعر آهي، معاشري جي سچ کي ڪري انداز ۾ وائکو ڪيو آهي. رومانس عورت سان عقيدت ۽ مختلف پهلوئن کي پنهنجي ڪلام ۾ موضوع بڻايو آهي. هن مقالي ۾ سندس شخصيت ۽ فن بابت مختصر احوال آهي يقينا سندس فڪر ۽ فن جي مختلف پاسن تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

**حوالا :**


1. حسيني، امداد، مهاڳ: سحرامداد، هوا جي سامهون، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2000ع، ص: 16
2. حسيني، امداد، مهاڳ: سحرامداد، هوا جي سامهون، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2000ع، ص: 16
3. حسيني، امداد، مهاڳ: سحرامداد، هوا جي سامهون، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2000ع، ص: 21
4. حسيني، امداد، مهاڳ: سحرامداد، هوا جي سامهون، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2000ع، ص: 24
5. حسيني، امداد، شهر آشوب، سچ پبليڪيشنز حيدرآباد، 2000ع ص: 5
6. حسيني، امداد، هوا جي سامهون، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2000ع، ص: 155
7. حسيني، امداد، امداد آهي رول، نئون نياپو اڪيڊمي، 2020ع ص: 136
8. حسيني، امداد، هوءَ، نئون نياپو اڪيڊمي،2016ع،ص: 94
9. ساڳيو،ص: 120
10. ميمڻ، ڊاڪٽر غفور، سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2002ع،ص: 481-488
11. لغاري، سعيد احمد،(مقالو)،سنڌ جو امداد حسيني، ماهوار سنڌي ريڪائون،ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي،2022ع،ص: 36
12. ڪتري، دولت رام، (مقالو) امداد حسنيءَ جي موڪلاڻي، ماهوار سنڌي ريڪائون،ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي،2022ع، ص: 36
13. پيرزادو، امر،(مقالو)، امداد حسينيءَ جون ساروڻيون،ماهوار سنڌي ريڪائون، ريڪائون پبليڪيشن، ڪراچي، 2022ع، ص: 22

قربان علي شر
ڊاڪٽر محبت علي شاهه

# پهاڪن طور استعمال ٿيندڙ شاهه لطيف جي بيتن جو مختصر جائزو

## An Analysis of verses of Shah Latif used as Proverbs in Sindhi Language

**Abstract:**

Shah Abdul Latif Bhitai has versified the innumerable pieces of poetry in such an aesthetic manner that delicacy, sublimity, symmetry and artistry go hand in hand.

His poetic verses are replete with the keen observations and practical examples related to the various walks of life.

People use his poetic verses in their regular conversations as the proverbs.

Shah Abdul Latif is indeed an outstanding poet whose hundreds of verses have turned to be the befitting proverbs which are frequently used by evey rank and file. Many poets, during different times, have been composing such wise sayings and dialogues which have commonly been used by the native linguists who check and find them completely close to the meticulous expression. In this regard, numerous lines of Shah Abdul Latif Bhitai are being accurately used for the flawless and powerful description of any particular situation or event by the native speakers.Shah Abdul Latif Bhitai has elegantly used the distinctive proverbs which denote the new meanings and profound sense to his versification. His poetic verses are embellished with peculiar proverbs that present the high level and standard of art and thought.

In the following article, the superb glimpses of his poetic allure, sublime depiction, grandeur of thought and splendid way of expression may vividly be seen in his lines in which Shah Latif Bhitai has magnificently correlated the diversified proverbs.

شاهه لطيف جو سمورو رسالو سنڌ جي تاريخ جو ماخذ آهي ۽ سندس رسالي ۾ ٻوليءَ جو ايترو ته وسيع ذخيرو آهي جو دنيا جي ڪنهن ٻه شاعر جي شاعريءَ ۾ ايترا پهاڪا، اصطلاح ۽ چوڻيون شايد نه ملي سگهن. اهو ئي سبب آهي جو شاهه لطيف جو سمورو ڪلام پنهنجي مڙني خوبين جي ڪري هڪ انفرادي حيثيت رکي ٿو. شاهه لطيف دنيا جو اهو شاعر آهي جنهن پنهنجي ڪلام ۾ موقعي ۽ مناسبت جي انداز سان خوبصورت ۽

فنائتي انداز ۾ پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح، آيتون ۽ حديثون ڪم آنديون آهن. شاهه لطيف ان بيمثل هنر منديءَ جي ڪري ئي دنيا جي شاعرن ۾ تمام مٿانهون مقام حاصل ڪيو آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ پهاڪن، اصطلاحن ۽ چوڻين جي استعمال سنڌي ٻوليءَ کي سونهن سان گڏ ڪيس شاهوڪار بڻائي ڇڏيو آهي.

پهاڪي جي معني ۽ مفهوم تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته هي لفظ وسيع معني ۽ مفهوم رکي ٿو.

جامع سنڌي لغات ۾، پهاڪي جي معني هيءَ ڏني وئي آهي:

پهاڪو جمع پهاڪا. (سَن. پَٿَ + ڪو) ڏاهپ جو قول، ڪهاوت، مقولو، سياڻپ، دانائي يا ڪنهن واقعي جو ٿورن لفظن ۾ اشارو (جو ڪنهن کي مثال طور ٻڌايو وڃي، جيئن "ڪتو ٻه ڪاڏو ڪک ٻه نه پري" وغيره). رستو، واٽ، نصيحت." (1)

ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت ۾ پهاڪي جي وصف هن ريت بيان ٿيل آهي:

"پهاڪو (Proverb): "پهاڪو" سنڌي لفظ "پهه" مان ورتو ويو آهي جنهن جو معنائون آهن، خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح ڏيڻ/وٺڻ، سوچڻ ۽ نبرڻ وغيره. جيتوڻيڪ پهاڪا مختصر آهن مگر چوڻ وقت مطلب ئي مفصل ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح پهاڪن مان ماڻهن جي عادتن ۽ اطوارن، رفتار ۽ گفتار، رسم ۽ رواج، ڪمال ۽ زوال، حرفت ۽ بدعت وغيره جو پتو پوي ٿو."(2)

آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنري ۾ پهاڪي جي معني هن ريت بيان ٿيل آهي:

"Proverb :a well-known phrase or sentence that gives advice or says something that is generally true, for example 'waste not, want not'" (3)

ڊاڪٽر اياز قادري مطابق: "پهاڪو اصل ۾ پهه + آڪو آهي، پهه معني ويچار، سوچ. آڪو — آکڻ معني چوڻ. ڪا ڳالهه سوچ ويچار کان پوءِ چوڻ" (4)

انسائڪلوپيڊيا آف برٽينيڪا ۾ پهاڪي جي وصف هن ريت ڏنل آهي:

"Succinct and pithy saying in general use, expressing commonly held ideas and beliefs. Proverbs are part of every spoken language and are related to search other forms of folk literature as riddles and fables that have origin in oral tradition. Comparisons of proverbs found in various part of the world show that the some kernel of wisdom maybe gleaned under different cultural conditions and languages."(5)

هر ڪنهن ٻوليءَ جا پهاڪا ان ٻوليءَ جي قديم ادب کان به آڳاٽا ٿين ٿا. جهڙيءَ طرح زندگيءَ جي آزمودن ۽ ڪنهن خاص واقعي تي ٻڌل سخن هجن ٿا جيڪي وقت سان گڏوگڏ عام ماڻهن ۾ مقبول ٿين ٿا ۽ اهي سخن عام ماڻهن ۾ مقبول ٿي پهاڪي جي صورت اختيار ڪري عام ماڻهوءَ جي ملڪيت بڻجن ٿا ۽ اهو چئي سگهجي ٿو ته ڪي به گفتا يا سخن ان جي رچيندڙ جي ڪري نه پر اهي لوڪ ۾ مقبوليت جي ڪري ئي پهاڪي جو روپ وٺن ٿا.

پهاڪن مان اسان کي عام لوڪ جي عادتن، اٿڻي ويهڻي توڙي ريتن رسمن بابت پليءَ پت جاڻ ملي ٿي ڇو ته پهاڪن جي پهاڙ عوام جي سينن ۽ زبان ۾ آهي ۽ اتان ئي اسرن ۽ نسرن ٿا ۽ پهاڪن ۾ ئي انهن جي ڪا نصيحت اڳڪٿي توڙي مشاهدو سمايل آهي.

جيڪڏهن سماج جو آئينو ادب آهي ته پوءِ پهاڪو وري ادب ۽ ٻوليءَ جو سينگار آهي. پهاڪن جي استعمال سان ٻوليءَ جي سونهن وڌي ٿي، منجهس خوبصورتي اچي ٿي ۽ پهاڪن ۾ ئي سماج جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ اٿڻيءَ ويهڻيءَ جي جيئري جاڳندي تصوير ملي ٿي.

جيڪي منجهه جهان، سو تاريءَ تڳي ٽُنهنجي،
لُطفَ جي لطيف چَئي، تو وٽ ڪَمِي ڪانَ،
عدُل ڇُٽان آءُ نه، ڪو ڦيرو ڪج فَضَل جو.(6)

هن بيت ۾ اسان کي ڪڏهن ڪڏهن مڪمل طور ته وري ڪڏهن الڳ الڳ صورت ۾ پهاڪي طور ڪم آڻيندا آهيون. هن بيت ۾ ڏٽيءَ سڄوري کان ٻاجهه ۽ مِهر جي گهر ڪيل آهي پر عدل ۽ انصاف جي گهر نه ڪيل آهي ڇو ته انسان پاڻ کي ڏٽي سڄوري جي حضور ۾ ڏوهي سمجهي ٿو. اهڙيءَ ريت پنهنجي مالڪ کان ٻاجهه ۽ مِهر جي طلب لاءِ ان سٽ يا پوري بيت کي پهاڪي طور ڪم آندو ويجي ٿو.

هِڪِي ٻانهي ڇِت ۾، ٻي ڪري جوڙ جَبارُ،
ڪِي اونهي ڪُنَ مان، اِي آڳي جو آڌارُ،
جهازُ جوهرين جو، تنهنکي پَو نه ڏي پَتارُ،
ننڍا وڏا مَڪُڙا، سَڀ پَسندا پارُ،
جيڏانهن مُنهن مديني جو، سُجي محمد موچارُ،
سڀاجهو ستارُ، سُتڙ سيئي ڪري.(7)

مٿي ڏنل بيت جيڪو خاص موقعي ۽ مهل مطابق پهاڪي طور ڪم آندو وڃي ٿو جنهن ۾ لطيف سرڪار ٻانهي ۽ ڏٽيءَ لاءِ چئي ٿو ته ٻانهي جي من ۾ ڪا هڪ ڳالهه هوندي آهي ۽ هو جيڪو ڪجهه ٿيڻ ۽ ڪرڻ لاءِ سوچي ٿو اهو سڀ ان ٻانهي جي مرضيءَ ۽ منشا موجب نه ٿو ٿئي ڇو ته سڀ ڪجهه ڪرڻ وارو ڏٽي سڳورو ئي آهي. هن سموري سنسار ۽ ڪاروهنوار ڪي اهو ئي پنهنجي مرضي موجب هلائي جنهن کي وٽيس ٻوڙي جنهن کي وٽيس تاري ، جنهن کي چاهي عزت ڏئي، جنهن کي چاهي ذلت ڏئي ، جنهن کي چاهي بادشاهه ڪري، جنهن کي چاهي گدا ڪري اهو سڀ ان جي اختيار ۾ آهي. ان جي اڳيان انسان مجبور ۽ محتاج آهي، ٻندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻئي" هن پهاڪي جو ساڳيو مطلب ۽ مفهوم حاصل ڪرڻ لاءِ شاهه سائين جو مٿيون بيت ڪم آندو ويندو آهي.

اڱهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پَلئہ پايو سَچُ، آچيندي لَجَ مَران.(8)

شاهه سائين جي هن بيت ڪي الله سائين جي بي نيازي کي بيان ڪرڻ لاءِ پهاڪي طور ڪم آندو ويندو آهي. جنهن جو مطلب آهي ته الله سائين ايترو ته بي نياز ۽ بي پرواهه آهي جو هو ڪنهن جو ڪچ يا جهڙي تهڙي ڪمائي يا عبادت کي اگهائي ٿو ۽ وٽس ڪن جا ماڻڪ (سچي ڪمائي يا عبادت) به قبول نه ٿا پون.

چڱا ڪَن چڱايُون، مَنايون مَنن،
جو وَڙُ جُڙي جَنِ سين، سو وَڙُ سيئي ڪَنُ.(9)

عام طور تي ڏٺو وڃي ته سنڌي سماج ۾ ماڻهوءَ کي پرکڻ لاءِ ان جي خاندان ۽ ٻڻ بنياد کي نظر ۾ رکيو ويندو آهي جنهن مان ئي ان جي اصليت جو پتو به لڳايو ويندو آهي ۽ ان ماڻهوءَ جي بري ۽ ڀلي هجڻ جي ڀليءَ پٽ خبر به اتان ئي پوندي آهي. گڏيل طور تي اسان جي سماج ۾ چڱي ڪم ۽ ڀلائيءَ جي اميد به هو ڪوئي ان ۾ رکندو آهي جيڪو ماڻهو خانداني هوندو آهي. ٻئي طرف خانداني طور ڪريل ماڻهو هر ڪنهن جي نظرن ۾ هوندو آهي جنهن مان ڪير به ڪا چڱي اميد ڪون رکندو آهي پر ويتر هر شريف ماڻهو ڪانئس پري پجڻ جي ڪندو آهي. جيئن عام طور تي چيو ويندو آهي ته: ”جنهن جو بد بنياد تنهن جو ميوو منو نه ٿئي“ ساڳئي ريت لطيف جو مٿي بيان ڪيل بيت به اسان کي اها معنيٰ ۽ مفهوم ڏئي ٿو

ته ڪميڻو ماڻهو ڪڏهن به چڱائي نه ڪندو چو ته پنهنجي اصليت کان مجبور هوندو آهي.

"ٻج خرابو ته نج خرابو"

"ڏوپي منجھ درياءَ ته به اوج نه چڙي اوجهري"

اي ايس جي جيڪر موجب "ڪنهن به قوم جي عادات، اطوار ۽ خيالات جي عڪاسي جنهن نموني پهاڪا ڪري سگهن ٿا سا ٻئي نموني ٿي نه ٿي سگهي"(10) شاهه سائين جو مٿيون پهاڪاتي بيت هنن لفظن تي ڪيترو نه ٺهڪي بيهي ٿو جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ اسان جي ذهن ۾ سماج جو عڪس ٺهي اچي ٿو ۽ مشاهداتي طور تي اهي شيون اسان کي سماج ۾ ڏسڻ لاءِ ملن پيون.

نندڙو تان ڪوهَ، پر وڪين آهي وترو،

وڃو ڪا ڪَ ڪَنڌين ۾، پَهَسَ پڪيءَ جئَن پوءِ،

اُن ڪر سَندو ڪوءِ، مَيو مانو نه ٿِئي.(11)

سر مومل راڻي جو هي بيت به هڪ ٻئي پهاڪي جو مڪمل مطلب ۽ مفهوم ڏئي ٿو هن بيت جو پس منظر به مومل راڻي جو قصو آهي ته ان پهاڪي جو پس منظر به مومل راڻو آهي.

"ڏاچي هٽي ڏهه ته توڏي هٽي تيرنهن"

جڏهن راڻو هڪ پلوڙ ڏاچي تي سوار ٿي رات جو مومل سان ملي وري پنهنجي ماڳ تي موٽي ايندو هو جڏهن همير سومري کي خبر پئي ان ڏاچي کي پيرن کان منڊو ڪرائي ڇڏيو. سو راڻو ڪاڪ وڃڻ لاءِ پريشان ٿي پيو ۽ جت کان ٻئي سني ڏاچي جي پڇا ڪيائين جنهن تي جت ان ئي ساڳي ڏاچيءَ جي توڏي لاءِ ٻڌايس جيڪا ماءُ کان وکن ۾ وتري هئي. راڻي وري به ان تسلي لاءِ جت کان پڇو ته ائين نه ٿئي ته توڏي وچ ۾ ويهي رهي جت جواب ڏنس ته "ڏاچي ڏهه هٽندي هئي ته توڏي تيرنهن هٽندي" پوءِ راڻو روزانو انهيءَ توڏي تي سوار ٿي مومل سان ملي ايندو هو. شاهه لطيف هن پهاڪاتي بيت ۾ ان ئي ڏاچي ۽ توڏي جو ذڪر ڪيو آهي جيڪا پنهنجي ماءُ کان وکن ۾ ڪجھ وڌيڪ هئي. ساڳئي ريت جيڪڏهن ماڻهن تي به نظر ڦيرائي ڏسجي ته ڪوڙ سارا اهڙا ماڻهو ملندا جيڪي لياقتن ۽ صلاحيتن ۾ پنهنجي والدين کان به وڌيڪ هوندا آهن.

جيڪڏهن اسان کي منزل حاصل ڪرڻي آهي ته پوءِ مسلسل جستجو، جاکوڙ ۽ جدوجهد سان ئي پنهنجي منزل تي پهچي سگهجي ٿو.

منزل ۽ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي، ڏکين حالتن يا وري تتي ٿڌيءَ يعني هر حالت ۾ اڳتي وڌڻو آهي. انهيءَ جستجو ۽ جدوجهد جي لاءِ شاهه سائين جو هي بيت به پهاڪي طور عام مقبول آهي.

تَتِيءَ ٿڌِيءَ ڪاهه، ڪانهي ويلَ وهَڻ جي،
متان ٿِئي اونداهه، پيرُ نه لَهين پِرينءَ جو.(12)

ڪڏهن ڪڏهن انسان نه چاهيندي به سماج جي اندر اهڙيون سختيون ۽ سور برداشت ڪندو آهي جو هو جو وقت ۽ حالتن آڏو پنهنجو پاڻ کي لاچار ۽ مايوس محسوس ڪندو آهي ۽ اهڙيءَ ئي ڪيفيت جي اظهار لاءِ لطيف سائين جي سر مارئيءَ جون هي سٽون پهاڪي طور ڪم آڻيندو آهي.

قسمتَ قَيد ڪياس، نه ته ڪير اچي هِن ڪوٽ ۾؟ (13)

شاهه لطيف جي ڪلام مان ڪجهه بيا بيت ڏجن ٿا جيڪي عام زندگيءَ ۾ پهاڪي طور استعمال هيٺ ايندا رهندا آهن.

تانگهي ۾ تاڻي، بَڌ پنهنجو ٿُرَهو،
اونهي ۾ آڻي، ڪونه ڏينڌُئي ڪو بيو.(14)

ٿورا نه ٿورا، مون تي ماروئــڙن جا،
پلائيءَ پيرا، ڳُڻي ڳڻيان ڪيترا؟(15)

جي ليلائي نه لَهين، ته پڻ ليلائيج،
آسَرَ لاهيج، سَجَڻُ باجهيندڙ گهڻو.(16)

شاهه لطيف جا بيا به اهڙا ڪيترائي بيت توڙي انهن جون سٽون عام زندگيءَ جي ڪاروهنوار ۾ پهاڪي طور ڪم اچن ٿا. شاهه لطيف جي سموري شاعري مشاهداتي شاعري آهي، سندس ڪلام حڪمت، ڄاڻ ۽ دانائيءَ سان ڀرپور آهي. سندس ڪلام ۾ عام ماڻهن جي سوچ ويچار، تجربن، احساسن، جذبن ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي عڪاسي ٿيل آهي.اهڙا تمام گهڻ شاعر هوندا جن جي شعرن جون سٽون يا وري پورا شعر پهاڪن جو روپ اختيار ڪري عام ماڻهوءَ جي روزانو جي گفتگوءَ ۾ ڪم ايندا هجن. پر شاهه لطيف سنڌي ٻوليءَ توڙي دنيا جو اهو آفاقي شاعر

آهي جنهن جي ڪلام جون سوين سٽون پهاڪن جو روپ وٺي چڪيون آهن جن کي مهل ۽ موقعي جي حساب سان پنهنجي انداز بيان کي وڌيڪ موثر بنائڻ لاءِ اڄ ڏينهن تائين عام توڙي خاص ماڻهو پنهنجي گفتگوءَ ۾ استعمال ڪن ٿا.

## حوالا:


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، جامع سنڌي لغات، جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1981ع، ص: 854
2. ملاح، مختيار احمد، ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت، ڇاپو پهريون، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، 2018ع، ص 122
3. Hornby A.S, Oxford Advanced learner's Dictionary, Oxford university press, 8th Edition, 2010, page1222 :
4. قادري، اياز، ڊاڪٽر، مقالو: شاهه جو ڪلام پهاڪن طور، ڪتاب: لطيفي لاٽ، مرتب، مرزا ممتاز، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه/حيدرآباد، 1992ع، ص : 18
5. The new Encyclopedia Britannica,Vol15 ,9-th addition, 2010, page749 :
6. قليچ، بيگ، مرزا، شاهه جو رسالو، ڇاپو ٻيو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 2007ع، ص: 76
7. ساڳيو، ص: 78-79
8. ساڳيو، ص: 86
9. ساڳيو، ص: 85
10. اي-ايس-جي، جيڪر، عماني پراوربس، رايل ايشياٽڪ سوسائٽي، بمبئي، 1904ع، ص: 43
11. قليچ، بيگ، مرزا، شاهه جو رسالو، ڇاپو ٻيو، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 2007ع، ص: 392
12. ساڳيو، ص: 285
13. ساڳيو، ص: 561
14. ساڳيو، ص: 93
15. ساڳيو، ص: 603
16. ساڳيو، ص: 470

انور پرديسي

# الطاف عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ عڪس نگاري: هڪ مختصر تنقيدي جائزو

## Imagism in Altaf Abbasi's Poetry :A short critical anlysis

**Abstract:**

It is scarcely found that a family consists man of letters but it is really true in case of Altaf Abbasi because his maternal uncle Imam din 'Zamin' was a poet related to Jameet-i-shura. His maternal grand father Muhmmad Esa and his spouse (Wife) were influenced by the philosophy of Shah Abdul Latif. There was always sound of songs of Shah Abdul Latif's 'Waee' coming from his house. Besides, his family had rich religions background. They were religiously filled with heavenly things. It was just the orchard of literature from this happy garden, many literary flowers with fragrant beauty spread their aromatic air at the great level. There are Altaf Abbasi, Tanver Abassi, Irshad Pars Abbasi etc who hail from the family who have enriched the soil of literature of Sindhi. In this research article, I have tried to explore the imagism from the poetry of Altaf Abbasi.

الطاف عباسي سنڌي ٻوليءَ جو اهم عڪس نگار شاعر آهي. شاعر جي فطرت آهي تہ، هو ڪائنات ۾ جيڪو حواسن جي ذريعي مشاهدو ڪري ٿو. انهن کي فني انداز ۾ استعمال ڪري ٿو. شاعر بنيادي طور تي تخليقڪار آهي، پر هو فطرت جا منظر تخليق نہ ٿو ڪري سگهي، پر هو انهن جو وري وري مشاهدو وٺي لطف اندوز ٿئي ٿو. ڪنهن ڏٺل منظر کي وري لفظن جي ذريعي جاڳائي ٻيهر تخليقي روپ ۾ آڻي ٿو. انهيءَ ٻيهر آندل روپ کي هڪ فنڪار جو تخليق ڪيل عڪس چئي سگهجي ٿو. شاعريءَ جو مطلب ئي عڪس تخليق ڪرڻ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ مشهور نقاد ٽي شپلي جي حوالي سان ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو تہ: "عڪس هڪ ادبي صفت آهي: هن صفت جو دارو مدار گهڻو ڪري ڏسڻ جي وسيلي سان حاصل ڪيل تجربي تي آهي. عڪس اظهار جو هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن ۾ ڪنهن شيءِ جي حِسي تاثر (Sensual appeal)کي شامل ڪيو ويندو آهي. عڪس جو ڪم آهي، ڪنهن شيءِ جي اظهار کي اثرائتو، موزون ۽ مختصر بنائڻ جو."(1)

جيئين ڪائنات وسيع آ، تئين شاعر جو مشاهدو ۽ مطالعو بہ وسيع هوندو آهي. شاعر جي فطرت ۾ جيڪا مشاهدي جي عادت آهي، اُهائي نوان

نوان منظر پسي ٿي ۽ انهن منظرن کي پنهنجي فن ۾ عڪسن جي روپ ۾ ظاهر ڪري ٿي. جيڏو جيڏو شاعر جو مشاهدو وسيع هوندو، اوترو هو ڪائنات جي منظرن کي وڌيڪ اصل معنيٰ سان گڏ نيون معنائون به ڏيندو رهندو. عڪس جو مطلب رڳو خالي فوٽو گرافي ناهي پر منظرن کي نئين معنيٰ به ڏيڻي آهي، جو ته معنيٰ ۽ مفهوم کان سواءِ خالي عڪس شاعريءَ ۾ ڪا تخليقي حيثيت نه ٿا رکن.

الطاف عباسي سنڌ جو نوجوان سر موڙ شاعر هئو. سندس پهريون شعر نواب شاهه مان شايع ٿيندڙ آئينه رسالي ۾ 1958ع ۾ ڇپيو. ان بعد سنڌ مان شايع ٿيندڙ ادبي رسالن ۾ جهڙوڪِ مهراڻ، نئين زندگي، روح رهاڻ، مسلسل ڇپجندو رهيو. الطاف عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ عڪسن جو تمام گهڻو استعمال آهي. سندس نظمن، واين، غزلن ۾ عڪسن جو ڀنڊار موجود آهي. ان کان علاوه سندس شاعريءَ ۾ نواڻ، سادگي، سلاست، قومي ۽ رومانوي شعور سڀ شامل آهن. ان کان علاوه ٻاراڻي ادب تي ڪيل شاعريءَ جو به اهم مقام آهي. جرمن شاعر هينريڪ هائين بلڪل صحيح چيو آهي ته هر شاعر جڏهن نوان خيال حاصل ڪري ٿو، تڏهن ان سان گڏ نيون اکيون به حاصل ڪري ٿو. جن جي وسيلي هو ذهن ۽ روح جي پراڻين تخليقن ۾ گهڻيون ئي نيون ڳالهيون ڏسي ٿو. الطاف عباسيءَ جي شاعري نون خيال ۽ نون عڪسن سان ڀرپور آهي. امداد حسيني لکي ٿو ته:

"الطاف جي شاعريءَ بابت جيڪا پهرين ۽ آخري ڳالهه چئي سگهجي ٿي، سا اها ته، الطاف پيار جو شاعر آهي. الطاف جي شاعريءَ جو محور پيار آهي، جنهن جي چوڌاري ٻيا جذبا گردش ڪن ٿا. ۽ پيار جو اهو بنيادي جذبو ئي الطاف جي شاعريءَ جو محرڪ پڻ آهي."(2)

**الطاف عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ عڪس:**

شاعري جو ڪم ئي آهي، نوان عڪس ناهڻ، ڪائنات ۾ جيڪي به لطيف فن آهن، اهي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. ڇاڪاڻ جو اهي لطيف فن انسان جي اندر جي اظهار ۽ جذبن جي ترجماني ڪن ٿا. فطرت جا سهڻا ۽ سنا عڪس انسان جي اکين جي جنت برابر آهن. موسيقيءَ جو پڙلاءُ جڏهن ڪنن جي پردن سان ٽڪرائي ٿو ته روح کي راحت محسوس ٿيندي آهي ۽ اندر جا ستل ۽ دٻيل احساس ڪر موڙي ٻيهر جاڳي پون ٿا. انهن سُرن ۾ خوشي ۽ غم جو ميل هوندو آهي.اهڙي نموني ڪو مصور ڪا تصوير ناهي ٿو ته ان ۾ به خوشي ۽ غم جو تاثر نمايان نظر اچي ٿو. وري شاعريءَ ۾ شاعر جي اندر مان نڪتل لفظ به رنگن ۽ سُرن

جو ڪم ڏين ٿا. جن جي ذريعي انسان جي اندر جي ڪيفيتن جو پتو پوي ٿو، ته انسان ڏک، غم واري ڪيفيت ۾ آهي يا خوشيءَ واري ڪيفيت ۾، اهڙي نموني شاعر لفظن جي مصوريءَ سان اندر جي تصوير لفظن وسيلي چٽي ٿو .

رنگن جي ذريعي اسين مصوري ڪندا آهيون، پر شاعريءَ جي ذريعي مصوري لفظن ۾ بيان ڪئي ويندي آهي.شاعريءَ ذريعي انسان ڪائنات جي حُسناڪين جو پتو لڳائڻ لاءِ پنهنجي حواسن کان ڪم وٺندو آهي.حواسن جي ذريعي ئي اسان ٻاهرين دنيا سان رابطو رکي سگهون ٿا. اکين ذريعي اسين شين جي مفاصلي جو اندازو لڳائيندا آهيون ۽ انهن جي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ چرپر ڪرڻ واري عمل کي جاچي سگهجي ٿو. نڪ واري حواس ذريعي خوشبو ۽ بدبوجي احساس جي خبر پوي ٿي، آواز جو احساس ڪنن ذريعي محسوس ٿئي ٿو،ته مٺي ۽ ڪوڙاڻ جي خبر زبان جي چکڻ سان پرک ڪري سگهون ٿا. ٻاهرين دنيا ۾ جيڪا به چر پر ٿئي ٿي، ان جو پتو لڳائڻ لاءِ اسان انهن حواسن جي مدد وٺون ٿا. دنيا ۾ جيڪي به رنگ روپ، عڪس آهن، انهن جي لساڻ، کهراڻ، ذائقو، رنگ، بوءِ جي باري ۾ حواس ئي اسان جي مدد ڪن ٿا.تنوير عباسي لکي ٿو ته ”عڪس ان حاصل ڪيل معلومات کي وري جاڳائڻ يا پيدا ڪرڻ جو نالو آهي. هونءَ ته ڪيئي واقعا ۽ نظارا اسان جي لا شعور ۾ موجود آهن، پر انهن کي ٻيهر ياد ڏيارڻ يا ٻيهر پيدا ڪرڻ جو نالو عڪسي شاعري آهي.“(3)

الطاف عباسيءَ جي عڪسي شاعريءَ جي اهم خصوصيت اها آهي ته، هو اثرائتي نموني حاصل ڪيل منظرن کي وري جاڳائي ٿو. هون ءَ ته هر ماڻهو پنجن حواسن کي استعمال ڪري شعوري طور تي عڪس ٺاهي ٿو. پر آرٽسٽ، فنڪار يا شاعر جذباتي طور تي عام ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جمالياتي عڪس تخليق ڪري سگهن ٿا. عڪسن جي تخليق جي عمل ۾ شاعر جو تحت الشعور، لاشعور ۽ شعور ٽيئي ڪم ڪندا آهن. هو پنهنجي اندر ۾ سانديل يا ڏٺل منظرن کي ٻيهر فني انداز ۾ تخليق ڪندو آهي. شاعر هميشه تخليقي عمل دوران (Create) کي ( Re Create) ڪندو آهي. عڪس رڳو عام شين جي حواسن جي ذريعي نقل ڪرڻ جو نالو نه آهي. عام زندگيءَ ۾ (Conventional) يا رسمي عڪس نهندا آهن .اهو شاعر جو ڀرپور مشاهدو هوندو آهي.شاعر انهيءَ عڪس کي تخليقي ڪيفيت مان گذاري ٻيهر گهڙيندو آهي. الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته: ”عڪس اها شيءِ آهي جا ذهني ۽ جذباتي (Intellectual and Emotional) احساس (Complex)کي

ڪنهن خاص ۽ مقرر ڪيل وقت ۾ پيش ڪري. عڪسيت (Imagery) عڪس جي آسان ۽ نهيل نهڪيل ادائگيءَ کي نہ چئبو آهي. حقيقت ۾ عڪسيت پختي صاف ۽ وڌندڙ اظهار کي چئبو آهي. پوءِ اهو اظهار استعاري جي مدد سان ٿئي يا نہ ٿئي."(4)

مسٽرآئزڪس، جي خيال مطابق عڪس اظهار جو اهو وسيلو آهي، جنهن سان تخليقڪار جا ذهني ۽ جذباتي احساس وابسطہ آهن. عڪس اظهار جو پختو، پڪو ۽ آبشار جي پاڻيءَ وانگر صاف شفاف ۽ دل کي ڇهندڙ احساس جو نالو آهي. الطاف عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ عڪسن جو ڀنڊار موجود آهي. هو پنهنجا احساس ۽ جذبا تخليقي عڪسن ذريعي اسان تائين پهچائي ٿو. هڪ شاعر جي اک هن پوري ڪائنات کي ٻئي نموني سان ڏسي ۽ پسي ٿي. هن جو اهو ڏسڻ ۽ پسڻ ئي هن جي انهن حِسياتي جذبن کي جاڳائي ٿو ۽ پوءِ تخليقڪار پنهنجي فن ۽ فڪر جي آڌار تي پنهنجي شعرن ۾ اهي عڪس چِٽي ٿو، جن جي ڏسڻ سان ائين محسوس ٿئي ٿو جڻ اسان پاڻ انهن چرندڙ عڪسن سان گڏ موجود هجون. الطاف عباسي اهڙوئي چرندڙ عڪس نظم جي هن بند ۾ قيد ڪيو آهي.

حرڪت عڪس:

"تون جي مرڪين ٽڙي پون مڪڙيون،
تون روئين روئي گلستان سپرين." (5)

مڪڙيءَ جو مرڪڻ، پرين جو مرڪڻ ۽ گلستان جو روئڻ اهي حرڪي عڪس آهن.

"هڪ هڪ قطرو ڪري ٿو، منهنجي پيالي ۾ تي اوتي امرت،
پيئنڻ پڄاڻان ، مڌ پئي، جنهن ساڻ پريل هو سارو ساگر." (6)

پهرين مصرع ۾ هڪ هڪ تي قطري جي ڪرڻ ۽ انهن جي پيالي ۾ اوتجڻ ذريعي خيالن ۾ تحرڪ يا چرپر پيدا ٿئي ٿي. اهڙي طرح هن مصرع ۾ شاعر پنهنجي مشاهدي ذريعي بہ متحرڪ عڪس تخليق ڪيا آهن.

ڏسڻ وارو عڪس:

ان جي پيشاني سدا، چوڏنهين جو چنڊ
ان جي هڪ هڪ ڳالهہ اهڙي جيئن کنڊ (7)

هنن سٽن ۾ شاعر بہ عڪس تخليق ڪيا آهن. پهرين سٽ ۾ شاعر ڏسڻ جو حواس استعمال ڪري چنڊ تائين پهچي ٿو.جڏهن شاعر ڏسڻ

جي مشاهدي ۾ گم ٿي وڃي ٿو ته شاعر محبوب جي اظافي خصوصيت مٺي هجڻ تائين پهچي ٿو. جيڪو چکڻ وارو عڪس آهي ۽ چکڻ جي ثبوت لاءِ هن ڪنڊ لفظ استعمال ڪيو آهي، جيڪو مناڻ تي بدل آهي. اهڙيءَ طرح شاعر هڪڙي عڪس کي حاصل ڪري، اتان ٽڪ پڄڻ بدران، ٻئي عڪس ڏانهن هليو وڃي ٿو ۽ ان کي تصويري صورت ڏئي پيش ڪري ٿو. اهو مثال شاعر جي تيز فهمي ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

هي ويران مقبرو ڏسي، مون کي ياد ايندو آهي،
ته سچ مٽيءَ ۾ پوريو پيو آهي.(8)

شاعررڳو عڪسن جي فوٽو گرافي نه ڪندو آهي، پر ان ۾ شامل جذباتي تاثر به شامل ڪري وٺندو آهي. اهي جذباتي تاثر، در اصل مشاهدي واري تصوير ۾ موجود هوندا آهن. هتي شاعر جي اک جڏهن هڪ انساني مقبري تي پئي ٿي ته، هو حادثاتي طور تي رڳو پڪين سرن ۾ ٺهيل مقبري تي سوچڻ بجاءِ، ان سان لاڳو تصور يا سوال تي اچي ٿو، هي ڪنهن جو مقبرو آهي. انهيءَ سوال ايرڻ سان شاعر ۽ پڙهندڙ ٻئي گڏ هڪڙي سوال تي پهچن ٿا ته، هي مقبرو ڪنهن عظيم شخصيت جو ئي هوندو. ڇو ته، خاص شخصيتن کان سواءِ هر عام شخصيتن تي مقبرا نه هوندا آهن. هن شعر ۾ شاعر حادثاتي طور تي هڪ تصور کان متاثر ٿي پنهنجي ذهن ۾ لڪيل ٻين تصورن کي ظاهر ڪري ٿو.

ڪنهن لاءِ ويني واٽ نهارين؟
ڪنهن کي ويني دل ۾ پڪارين؟
چوڏاري نظرون ڦيرائين،
ڪنهن لاءِ ويني ديپ جلائين،(9)

هن شعر ۾ ڏسڻ وارو عڪس آهي، پر اهو عجيب نموني پيش ڪيو ويو آهي. هن ۾ شاعر خود عڪس نه ٿو ناهي، پر ڏسڻ جو عڪس ناهيندڙ هڪ عورت کي ڏسي وٺي ٿو ۽ پاڻ شاهد جو شاهد ٿي وڃي ٿو. اهو هيئن ته شاعر جيڪو سوال ڪري ٿو، ڪنهن لاءِ ويني واٽ نهارين، هاڻي ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته، واٽ نهاريندڙ شخصيت هڪ عورت آهي. جيڪا محبوب جو انتظار ڪري ٿي. شاعر ان کان انتظار جو سبب پڇي، هن جي تجربي ۾ خود شامل ٿي وڃي ٿو. اهو ڪمال جو فنڪارانه ڏسڻ وارو مشاهدو آهي. جنهن جي عمل ۾ به ڄڻا گڏجي ڏسڻ وارو عڪس ناهن ٿا.

واچ ڪي ويني ڏنم، پر وقت چر پر ڪين ڪئي،
منظر مونکي ڏسي اڄ، سيڪنڊن چرچا ڪيا.(10)

هنن سٽن ۾ وقت کي شاعر مخصوص مشاهدي اندر محسوس ڪيو آهي. وقت بظاهر جيڪو هڪ جاءِ تي بيٺل نه آهي، پر چر پر ڪندي محسوس ڪندو آهي. جنهن جي ڪري اسان اڄ، ڪالهه، سڀاڻي جي دائرن ۾ پنهنجي عمر کي ماپيندا آهيون. ۽ اسان کي زندگي متحرڪ نظر ايندي آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جي انتظار ۾ جڏهن مسئلو حل نه ٿيندو آهي. ته مايوسيءَ واري ڪيفيت ۾ واچ جا ڪانٽا عاشق، انتظار ڪندڙ ۽ شاعر کي هڪ جاءِ تي بيٺل لڳندا آهن. جيڪو نهايت ڏکوئيندڙ ۽ پريشان ڪندڙ تصور هو ندو آهي. شاعر جڏهن انهيءَ ڪيفيت جو شڪار ٿئي ٿو. تڏهن ڪيس ائين لڳي رهيو آهي ته وقت ساڪت ڪانٽن ۽ سيڪنڊن جي صورت ۾ چرچا ڪري رهيو آهي. شاعر پنهنجي ڏسڻ واري عڪس کي واچ جي تصور هيٺ پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

ماتري هيءَ حسين آهي، مجيان تو سائنڻ،
سونهن تنهنجي، جي اڳيان ساهه هي نڪري ويندس. (11)

شاعر هنن سٽن ۾ ٻن خوبصورتين کي هڪ ئي وقت ڏسي ۽ پسي ٿو. اها هڪ خوبصورتي آهي سندس محبوبا جي ۽ ٻي خوبصورتي آهي هڪ ماتريءَ جي ، هو جڏهن ٻنهي جي ڀيٽ ڪندي هن نتيجي تي ٿو پهچي اي محبوبا تنهنجيءَ خوبصورتيءَ سان هن ماتريءَ جي ڀيٽ ڪرڻ انتهائي موت جهڙو ڏکيو عمل آهي. اشاراتي طور شاعر جي نظر ۾ انساني خوبصورتي ئي ماتريءَ جي خوبصورتيءَ کان وڌيڪ اثرائتي آهي.

حرارت وارا عڪس:Theromo image

هيءَ ٿڌي رات روئڻ چاهيان ته روئي نه سگهان،
نڪري اکين مان ڳلن تي، ٽاپون لڙڪ ڄمي.
تون هلي آءُ، سڏي توکي ساهه،
تنهنجي ڀاڪر جي وڌيڪ آهي پيڙ کان گرمي.(12)

شاعر هن بند ۾ حرارت وارن عڪسن کي ۽ گرميءَ جي هڪ عڪس کي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. هن بند ۾ ٿڌي رات يعني رات جي ٿڌاڻ ٻئي مصرع ۾ لڙڪن جو ڄمڻ يعنی (Freezing) پد واري حرارت جو عڪسي مشاهدو ڪاميابيءَ سان لفظن ۾ اوتيو ويو آهي، ٻئي طرف ايندڙ

ٻن مصرعن ۾ شاعر پرين جي پاڪر جي احساس کي باھ جي پيڙ سان پيٽ ڏني آهي. اهو شاعر جو ڪمال آهي، جو جسماني گرمائش جي حرارت کي خيال ذريعي سوچ جي گرميءَ ۾ تبديل ڪري حرارت وارو جوشيلو ۽ فطري عڪس ناهي ويو آهي. هن بند ۾ شاعر عڪسن جي ذريعي پنهنجو جمالياتي ادراڪ استعمال ڪيو آهي.

حواسن کي لطف ڏيڻ وارو عڪس:

ڪائنات ۾ جيڪي بہ خوبصورتيون آهن، سي سڀ انسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪن ٿيون. ڪجھ منظر ڪجھ ذائقہ اهڙا هوندا آهن، جيڪي هر انسان ۽ فنڪار کي حد کان وڌيڪ وڻندا آهن. وٽڻ ڪان پوءِ شاعر يا مصور انهيءَ منظر کي پنهنجي شعور ۾ ٻيهر جاڳائي، ان کي لفظي صورت ڏيندا آهن. سنگتراش ۽ مصور انهن منظرن کي پنهنجي تصويرن ۽ مجسمن ذريعي پيش ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح لفظ (Image) جي ٻي معنیٰ بت بہ آهي. انهيءَ حوالي سان شاعر پنهنجي ڏٺل منظر جو لفظي خاڪو ڪنهن نہ ڪنهن عڪس ذريعي پيش ڪندا آهن. هينين مثالن ۾ شاعر، جن نظارن کان انتهائي متاثر ٿئي ٿو ۽ سندس حواس ڪيئن نہ لطف اندوز ٿين ٿا. اهو سارو منظر نامو پنهنجي شعرن ۾ هن ريت پيش ڪري ٿو.

مشڪ عمبر ٿو نهي، تنهنجي پسيني مان پرين،
ناھ هي انصاف تو ڏي، مشڪ عمبر موڪليان.(13)

***

تنهنجا چپ جي چمي وڻانسپرين،
ڇا جي لاءِ آسمان چمان سپرين. (14)

پهرين شعر ۾ شاعر پنهنجي حواسي قوت کي استعمال ڪندي، ڪيڏو نہ لطف اندوز ٿئي ٿو. پرين جي پسيني کي تصور ۾ آڻي، لفظن جو روپ ڏيئي، ان کي عمبر جهڙي قيمتي خوشبوءَ سان مشابهت ڏئي ٿو. پنهنجي روح کي تسڪين پهچائي ٿو. جيڪو پاڻ مشڪ ۽ عمبر جهڙي بي مثال خوشبوءَ جي مالڪ آهي. ان کي ٻين خوشبوئن جي ڪهڙي ضرورت آهي. ٻئي شعر ۾ شاعر پنهنجي محبوب جي چپن کي چمڻ جي ڳالھ ڪري ٿو.

تنهنجي چهري مان چنڊ ٿي اُيران
تنهنجي وارن اندر لڪان سپرين. (15)

نظم جي هن بند ۾ چهري منجهان چنڊ تي اپرڻ عڪس آهي.مطلب ته هڪ تنهنجو چهرو چنڊ جو عڪس آهي ۽ ٻيو انهيءَ عڪس منجهان ٻيو عڪس ناهي اُپري پوان شاعر جي تخيل جو ڪمال آهي ته هو عڪس کيئن ايجاد ڪري ٿو. ۽ وارن کي ڪارن ڪڪرن جي عڪسن سان مشاهبت ڏيئي انهن ۾ لڪڻ ٿو چاهي. اُپرڻ ۽ وارن ۾ لڪڻ جهڙا منظر پيش ڪري ٿو.جنهن جو ڪينواس وسيع آهي. اپرڻ جو مقصد آهي ته گُهگُهه اونداهيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ چنڊ جو اُپرڻ ضروري آهي. جيئن مون کي پنهنجي محبوب جو مُکڙو چٽو نظر اچي. اهڙيءَ طرح هن سماج منجهان شاعر پنهنجي تخليق ذريعي بُرايون ختم ڪرڻ چاهي ٿو.سچ جي طاقت به چنڊ جي روشنيءَ جيان جرڪندو نظر ايندو آهي. انسان کي هميشه اوچو اپرڻ گهرجي. جيڪي قومون اوچو اپرڻ جي سگهه رکن ٿيون. اهي ئي ڪامياب سماج ۾ ڳڻڻ لائق ٿين ٿا. تنوير عباسي لکي ٿو ته: ”هڪ شاعر ۽ فنڪار ڪائنات کي عام ماڻهوءَ کان ٻيءَ طرح ٿو محسوس ڪري، هو ڪائنات جي ڳوڙهي مشاهدي مان پنهنجي تير حس سان اهڙا ته تجربا ٿو حاصل ڪري، جو انهن کي عام ماڻهو هوئين ته پهچي نه سگهي پر شاعر جي بيان جي طاقت ۽ انهن تجربي جي ٻيهر تخليق ڪرڻ جي قوت ئي آهي، جيڪا عام پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي شآعر جي اها عام ماڻهو لاءِ اڻ ڏنل ۽ اڻ ٻڌل ، اڻ ڇهيل ۽ اڻ محسوس ڪيل دنيا تي ڏيکاري 7 محسوس ٿي ڪرائي ۽ هو شاعر سان گڏوگڏ ان دنيا کي محسوس ڪندو ۽ٔ ان سان دنيا جو مزو به ماڻيندو ٿو هلي“(16)

فطرت جا عاشق شاعر ، بي چين روح راهن جا رولاڪ هوندا آهن. انهن رولاڪنن ۾ هو مشاهدا ماڻي انهن عڪسن کي جذبن ۽ احسان جي مٽيءَ سان ڳوهي پنهنجي تخليقن ۾ ائين پيش ڪندا آهن جيئن قاري پڙهڻ سان عڪسي منظرن مان لُطف اندوز ٿي، انهيءَ عڪسي ڪهڪشان ۾ گم ٿي وڃي ٿو. اهو شاعر جي مشاهدي جو ئي ڪمال هوندو آهي ته هو ظاهري ۽ اندروني حواسي عڪس ذريعي پنهنجا محسوس ڪيل جذبا پنهنجي پڙهندڙ تائين کيئن پهچائڻ گهري ٿو . حواس ڏهه آهن پنج ظاهري حواس ۽ پنج باطني حواس، ٻڌڻ جو حواس، ڇهڻ جو حواس، چکڻ جو حواس ۽ سنگهڻ جو حواس اچي وڃن ٿا. جڏهن باطني حواسن ۾ حسِ مشترڪ، قوت خياليه، قوت واهميه، قوت مدرڪا ۽ قوت عقله اچي وڃن ٿا. ظاهري حواسن ذريعي جيڪا به معلومات حاصل ٿيندي آهي اها حس مشترڪا جي

وسيئي قوت خياليہ ۾ پهچندي آهي، جتي ظاهري معلومات جي شڪل بڻجي محفوظ رهندي آهي. اتان قوت واهميہ ۾ ويندي آهي، جتي نيون نيون صورتون ۽ عڪس تخليق ٿيندا رهندا آهن پر انهن جي صحيح يا غلط عڪس يا صورت يا تخليق جو فيصلو تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن اهي قوت واهميہ جا ڪيل عڪس قوت مدرڪ ڏانهن ويندا آهن ۽ اهي آخر ۾ قوت عاقلہ وٽ محفوظ رهندا آهن . شاعر بہ قوت واهميہ جو استعمال ڪري ان ۾ تخليق ٿيل عڪس ڪي اهڙي نموني پيش ڪندو آهي جو فطرت جي هر شيءِ انسان جي ظاهري حواسن وسيلي سامهون ايئن ظاهر ٿيندي آهي جو اها چرپر ڪندي نظر ايندي آهي الطاف عباسي فطرت جي حسناڪس جو ديوانو شاعر هو، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ ظاهري توڙي اندروني عڪس جي ذريعي فطرت جي رنگن ڪي ڪمال فني ڪاريگريءَ سان استعمال ڪيو آهي.

## نتيجو:

الطاف عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ محبوب جي مُرڪ کان وٺي سنڌ جا سيئي نظارا نظر اچن ٿا. ڪنول جا گل، گلاب، برسات، ڊنڊون ڊورا، ٽڙ، ٻر، چنڊ، تارا ڪَتِيون، سج جون تيج تِڪايون، مينهن ڪي ند جا آسي، پوپٽن جا رنگ، رس رهاٽيون، محبوب جا ڏنگا وسيهر، درياهہ جي مستي، هندوري جهڙيون چوليون، پرهہ ڦٽيءَ جا منظر، پنيا وار، پنل نيڻ، پکين جا ولر ۽ ٻيا لاتعداد عڪس سنڌس شاعريءَ ۾ موجود آهن. هن سموري جهان جا وريو مندل پنهنجي تخليقن ۾ اوتيا آهن. پنهنجي جذبن ۽ احساسن ڪي هر هر تخليق ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ جي لفظن جا ڀنڊار پنهنجي من ۾ جمع ڪيا اٿائين. چاڪاڻ جو هر احساس ۽ جذبي ڪي نروار ڪرڻ لاءِ هن وٽ لفظن جي ڪائي ڪمي ناهي. الطاف عباسيءَ جي شاعري ڪتابي مطالعي منجهان نڪتل ڪونهي پر هن فطرت جي نظارن، جلوون جو مشاهدو ڪيو آهي. تنهنڪري سندس شاعري عڪسن سان ڀري پئي آهي.

## حوالا:

(1) ٻوهيو، الهداد. سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. 2011ع.
(2) حسيني، امداد. مهاڳ.جاڙا چنڊ. الطاف عباسي. حيدرآباد: سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ. 1979ع.
(3) عباسي، تنوير. شاهه لطيف جي شاعري. ( نئون وڌايل ۽ سنواريل ڇاپو)حيدر آباد: سنڌي ساهت گهر.2016ع.
(4) ٻوهيو، الهداد. سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.2011ع.
(5) عباسي ، الطاف. جاڙا چنڊ. حيدرآباد: سنڌي اديبن جي ڪو آپريٽو سوسائٽي لميٽڊ.1979ع.
(6) حوالو، ساڳيو. ص.28
(7) حوالو، ساڳيو. ص.130
(8) حوالو، ساڳيو. ص.130
(9) حوالو، ساڳيو.ص.132
(10) حوالو، ساڳيو.ص.134
(11) حوالو، ساڳيو. ص.140
(12) حوالو، ساڳيو. ص.140 .
(16) حوالو ساڳيو ص. 110
(17) حوالو ساڳيو ص. 44
(18) حوالو ساڳيو ص. 44
(19) عباسي، تنوير. شاهه لطيف جي شاعري. ( نئون وڌايل ۽ سنواريل ڇاپو) حيدر آباد: سنڌي ساهت گهر. 2016ع.

ڊاڪٽر شفيق احمد شاهاڻي

# خواجہ غلام فريد جي شاعريءَ ۾ سسئي جو ذڪر: هڪ تحقيقي جائزو

**Sasue in The poetry of Khuwaja Ghulam Farid: A research analysis**


**Abstract:**

Khuwaja Ghulam Farid (1845-1901) was a great poet of Siraiki language. He was famous of his diction specially he has focused on the local love stories. In his poetry we may see the sarrows, love and sacrifice of the characters. He has depicted the human feelings in his poetry with true sprit.

Khuwaja Ghulam Farid has depicted the romentic stroes of this region, he has presinted the stroes of Sasui Punho at larg scale.

In this research article, I have tried to explore the poetic expertise of Khueaja Ghulam Farid, Specilly the story of Sasui Punho is discused from his poetry.


سرائيڪي ٻوليءَ جي هنڌين ماڳين مشهور شاعر ۽ بزرگ خواجہ غلام فريد جو تعلق پنجاب جي سرائيڪي علائقي جنهن کي ’وسيب‘ ۽ ’روهي‘ بہ چون، سان آهي، انهيءَ روهيءَ جي ريگستان ۾ عمر جا ارڙهن سال گمناميءَ ۽ تنهائيءَ واري تپسيا ۾ گذاريائين. خواجہ طاهر محمود ڪوريجو لکي ٿو تہ:

"متحدہ ہندستان کے صحرائے اعظم میں اپنی زندگی کا بیشتر حصہ گذارنا، جہاں شجر نہیں، ثمر نہیں، دیدار نہیں سایہ نہیں، گلستان نہیں، گل نہیں، ہر طرف ایک گھمبیر خاموشی، ایک نہ ختم ہونے والا سناٹا، ایک دائمی تنہائی، ہر طرف ریت کے ٹیلے، سر سراتی ہوا، ناقہ صحرا اور آواز جرس، یا ایک تحیّرم، ایک تجسس۔ اس کیفیت میں نفی واثبات کے مراحل تھے اور اپنی حقیقت کی اصل کو پانے کی لگن تھی"۔(1)

خواجہ غلام فريد جو ڪلام: خواجہ غلام فريد جيئن تہ سرائيڪي ٻولي جو ڀهڳٽو شاعر آهي پر هُن سرائيڪيءَ ڪان سواءِ عربي، فارسي، اردو، سنڌي، هندي ۽ پنجابي ٻولين جا محاورا، تشبيهون ۽ استعارا استعمال ۾ آندا آهن، خواجہ طاهر محمود ڪوريجو خواجہ غلام فريد جي ديوان جو اردو ۾ ڀهريون ترجمو ڪندڙ مولانا عزيز الرحمان جي حوالي سان لکي ٿو تہ:

"وہ ہماری بہاول پوری (ملتانی) زبان کے قادرالکلام، بینظیر اور بلند پایہ شاعر تھے، وہ ملانی زبان کے اول الشعراء اور خاتم الشعراء تھے۔ انہوں نے سندھی سوز گداز اور بہاول پوری درد و کرب کو ایران کی نازک خیالی، ہندستان کی موسیقی اور عربی جذبات کے ساتھ اس قدر مخلوط کر دیا کہ یہ کہنا مشکل ہے کہ ان کے کلام میں جذبات، شاعری، موسیقی اور سلاست میں کون ساجز وزیادہ نمایاں ہے"۔(2)

سنڌي ڪافين ڪان سواءِ سرائيڪي ڪافين ۾ سنڌي مصراعون به ڏنيون اٿس، مومل راڻي جي بيان ۾ مومل کي راڻي جي اچڻ جي آس ۽ اميد جا احساس ۽ آلاپ ڏسي ٿو:

میڈا امھڑا ماٹھوں کاک جا
شالا راٹا ایندم رات
تیڈی سک دے کان سُتی ہم
سومل کون گھن سات
غم دا حال سٹاواں کیویں
سوڈکھ تے ہک وات (3)

محبوب جي غم جون ڳالهيون اڻ ڳڻيون آهن، اِهي هڪ زبان سان سلي نہ سگهبيون.

سوين ڪاغذ ڪارا ڪرڻ سان بہ محبوب جا سور سلي نہ سگهبا.

ڈکھ دا حال نہ تھیوم پورا، چتراں سو سوپنا۔(4)

خواجہ غلام فريد جو سنڌ سان تعلق ۽ سنڌيءَ ۾ ڪلام:

خواجہ غلام فريد جي سنڌ سان تعلق ۽ سنڌيءَ ۾ ڪلام چوڻ بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ:

”هڪ روايت موجب خواجہ غلام فريد جو سنڌ سان بہ تعلق رهيو ۽ هو سنڌي ڄاڻندو هو، سنڌي ڪلام بہ چيائين ۽ تصوف جي سلسلي ۾ هن اثر ورتو.“(5)

عشق اسان جي جا آهن انصاف،
ظلم نيائيندس تہ بہ تنهنجا ٿورا ڳائيندس،
تن من سهڻا ملڪ آ تنهنجو،
سچ آهي ناهي لاف،
قسم اوهان جي سِر جي ڪائيندس.(6)

سنڌ، سرائيڪي، پنجاب ۽ ٻين جاگرافيائي طور رليل مليل علائقن جي شاعرن جو هڪ ٻئي تي اثر عيان آهي، خاص طور تي صوفي شاعرن فڪر ۽ فلسفي جي اَملھ موتين ۽ جواهرن جي ونڊ ڪئي.

**خواجہ غلام فريد جي ڪلام ۾ سسئي:**

سرائيڪي ۽ پنجابي ٻولي جي شاعرن، عالمن، اديبن ۽ محققن گهڻو ڪري سسئي کي پنجاب جي مقامي داستان پئي ڄاڻايو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي تہ:

”هاڻوڪي دور ۾ پنجاب جا محقق اها ڳالھ مڃين ٿا تہ ان قصيجو تعلق اصل ۾ سنڌ سان آهي.“(7)

ان بابت ائين چئي سگهجي ٿو تہ پنجاب ۽ سرائيڪي علائقي جي ڪن محققن اها ڳالھ ضرور مڃي هوندي پر ڪيترائي اجا انهيءَ ڳالھ تي بيٺل آهن، خواجہ غلام فريد جو ديوان 2011ع ۾ مرتب ڪندڙ خواجہ طاهر محمود ڪوريجو جو خود سرائيڪي وسيب جو ناميارو عالم ۽ اديب آهي ان ڪتاب ۾ سسئي پنهون جي قصي بابت لکي ٿو تہ:

"یہ لوک داستان خواجہ صاحب کے ضلع رحیم یار خان سے متعلق ہے، رحیم یار خان سے کچھ فاصلے پر 'بھٹہ واہن' کا قصبہ واقع ہے، وہاں کے راجہ کی بیٹی کا نام 'سسی' تھا، پنھوں 'کیچ مکران کا شہزادہ تھا، اس کا ایک موقع پر' بھنبھور کے قصبہ سے گذر ہوا، جہاں ان دنوں سسی کا قیام تھا تو باغ میں سیر کرتی سسی کو دیکھ لیا، دونوں ایک دوسرے کی محبت میں گرفتار ہوگئے، حتیٰ کہ شادی ہوگئی اور پنھوں 'بھنبھور' میں رہنے لگ گیا۔" (8)

خواجہ غلام فريد جي ڪلام ۾ بہ سسئي سرائيڪي علائقي وارو ٿر جو سفر ڪري ٿي جڏهن تہ شادي کان پوءِ پنهون جي ڀائرن جو اچڻ ۽ پنهونءَ کي کڻي وڃڻ ۽ سسئي جو پنهونءَ پنيان ماندو ٿيڻ، اڪيلي سر پنهونءَ پنيان نڪري پوڻ ۽ سفر جون سختيون سهڻ وغيره سڀ ساڳيا آهن. ياد رهي تہ خواجہ صاحب جو هي ديوان 2011ع ۾ نئين سر ترتيب ڏنو ويو آهي.

البتہ سسئي جي ڪردار ۾ تات، طلب جاکوڙ ۽ جستجو تي مڙئي محقق متفق آهن، طاهر محمود ڪوريجو لکي ٿو تہ:

"خواجہ صاحب نے سسی کو جذبہ و جستجو کی علامت قرار دیا ہے اور فرماتے ہیں "پنجاب میں جتنی خواتین عشاق گذری ہیں مثلاً 'ھیر' 'صاحبان' سوہنی وغیرہ سب کی سردار 'مائی ھیر' ہے اور علاقہ سندھ و بلوچستان میں عاشق خواتین مثلاً سسی، مومل وغیرہ ان کی سردار 'مائی سسی' ہے، اس کے بعد متبسم ہو کر فرمایا: "مجھے

'مائی ھیر' سے انس نہیں بلکہ 'مائی سسی' سے انس ہے اس کی وجہ چولستان اور ویرانہ ہے جو مجھے بہت پسند ہے اور سسی نے بھی اس ویرانے اور بیابان میں پنوں کے پیچھے تن تنہا بھوک اور پیاس کی حالت میں بھاگ کر اپنی جان قربان کر دی"۔(9)

**سسئي بابت ڪافين جا موضوع:**

خواجہ غلام فريد 'سسئي پنهون' جي بيان ۾ تمام گهڻيون ڪافيون چيون آهن، انهن ڪافين جو مکيہ موضوع محبوب جي جدائيءَ ۾ گهايل گهڙيون، سُپرين جي سِڪ تات ۽ طلب، محبوب ڪي ميارون ۽ موٽي اچڻ لاءِ آزيون نيزاريون ڪرڻ ۽ محبوب جي پنيان ويندي تڪليفون ۽ سُور سهڻ وغيره آهي، خواجہ غلام فريد بہ شاهہ لطيف ۽ سچل جيان پنهنجي ڪلام ۾ خاص طور تي سسئي جي بيان ۾ جڻ تہ پنهنجو اندر اوتيو آهي، جذبن، احساسن ۽ درد جو هي داستان خواجہ صاحب نهايت سوز ۽ گداز سان ڳايو آهي.

سسئي جو ڏکن سان پيچ ازل کان:
سسئي جي لاءِ چوي ٿو تہ جمندي ئي ڏکن جي گُهٽي پيتم.

ڈتڑی ،مندیں ا. ي کھتڑی،
غم گھتڑی ڈکھ ڈان۔(10)

شاهہ لطيف چوي ٿو تہ:

هوءِ جي سُور سُڄن، سي مون پيئنگهي ۾ پرايا،
سانديياس سُکن، سُورن ڪارڻ سَرتيون! (11)

تون ڄاڻين يا نہ پرمان جيئري يا موت کان پوءِ ٻنهي جهانن ۾ تنهنجي آهيان.

اين جڳ اوي جڳ، موئين جينديں
تيڈڑی جاڻ نہ جاڻ(12).

سچي سڪ ۽ پريت وارن جي اها نمايان نشاني آهي تہ ميار ڏيڻ روا نہ رکندا آهن، بلڪ اُهي تہ ان سودي ۾ گهاٽي کي بہ نفعو سمجهن ٿا جو هو پرينءَ کي پاڻ کان جدا يا الڳ وجود يا هستي نٿا پائئين. البتہ ڪنهن ڪنهن وقت درد جي شدت کان ڪا دانهن نڪري ئي وڃي ٿي، اهي مِڙئي معاملا وقت بہ وقت لحظي بہ لحظي بدلجندڙ انساني ڪيفيتن جو اظهار آهن. جيڪي فطري آهن.

اديون! آئون اَجاڻ، مون سگ سجاڻي نہ ڪيو،
هوند نہ سنيم هيتري، ڪوهياري جي ڪاڻ،
رَتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايم جَت سين.(13)

**سُرهي سيج ۽ هار سينگار تياڳڻ:**

خواجہ غلام فريد پنهون ست جي پلاڻي وڃڻ کان پوءِ سسئي جي حال جي حڪايت بيان ڪندي چوي ٿو تہ:

برہوں بلائیں سنجھ صباحیں،
دم دم آہیں نکلن دھائیں،
سیج فرید نہ بھاندی یارا،
لگڑی چوٹ اندر روچ۔(14)

مون کي عشق جا عذاب صبح سانجهي پيا ستائين، هر پل آهون ۽ دانهون پئي ڪيان. اندر ۾ اهڙو تہ انگهہ لڳو اٿم جو سُرهي سيج بہ نٿي وڻيم.

شاهہ لطيف سسئي جي بيان ۾ سسئي جي بي قراريءَ، ماندي ٿيڻ، لڇ پڇ ۽ صدمي جو احوال ۽ اپٽار تہ ڪئي آهي پر اُن کان اڳتي وڌي ڪيس هاڻي سُرهي سيج ۽ هار سينگار وسارڻ جي هدايت ٿو ڪري ۽ چويس ٿو تہ پنهونءَ جو پيرو ڪڻ تہ من دل جي مُراد پوري ٿيئي. مطلب تہ شاهہ لطيف هر موڙ ۽ ماڳ تي سسئي کي فقط سُور پٽڻ، افسوس ۽ ارمان ڪرڻ بجاءِ همت ۽ حوصلو هينئن سان هنڊائي جستجو ۽ جاکوڙ ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏئي.

”ڏکي ڏک وسار، سيج ڦِٽي ڪر سسئي“
”ڏکي! ڏک متي ڪري وَنءُ ڇپر پيهي.“ (15)

**سسئيءَ کي ڏِنگن ڏيرن جا ڏنل ڏک:**

خواجہ غلام فريد سسئيءَ جي ڏيرن جي ڏاڍ، بي واجبيءَ ۽ نانصافيءَ تي ڏاڍو ڏمريو آهي ۽ متن ڇوهہ ڇنديا اٿس ۽ سسئيءَ پاران کين پِٽون پاراتا ڏيندي ڏسجي ٿو:

پُنھل یار کوں چا بھر میونے
زورازوری پکڑ نیتونے
پوونے شالا رب دی مار۔(16)

شاهه لطيف سسئيءَ جي هن ڪيفيت کي ڀرپور نموني بيان ڪيو آهي ۽ ان ڪيفيت کي ڪيئن رنگن ۾ رنگيو آهي:

ڏُريان ئي ڏاريان، مِٺ مُئيءَ جا نه ٿيا،
مَدي ڏيرن مَن ۾ ڪليو ڪيڪاريان،
صُبوح ٿي ساريان، ته اُٺ نه اوطاقن ۾.(17)

سسئيءَ جي ذهن ۾ اهو خيال ٿو اچي ته مون کي ائين اڪيلو ڇڏي هليو وڃڻ واري وارتا مان ۽ ڏيرن جي اهڙي ڪلور ۽ ڪنورتا مان پنهنجائپ يا ڪنهن رشتي ناتي جي لڄ لحاظ بجاءِ اوپرائپ ۽ اجنبي هجڻ جا اهڃاڻ ظاهر آهن، هو سوچي ٿي ته واقعي اُهي ته اصل کان ئي غير هئا ۽ انهن جي من ۾ مون لاءِ خلوص نه پر مدائي هئي، اِها منهنجي بي سمجهي هئي جو مون انهن کي پنهنجو سمجهي سندن اهڙو آڌرڀاءُ ڪيو، پر ڪيچي مون سان چڱو نه هليا.

رائو رنجائو، مون نماڻيءَ جي نِجُهري،
مُنهن ڏيئي مون آئيو، ڏونگر ڏولائو،

سرتيون ساڃائو، ڪيچين مون سان ڪونه ڪِئو.(18)

شاهه لطيف اهڙي نموني ڏيرن، اُنن ۽ پهاڙن کي هڪجهڙو ڏوهي ڪرڻ واري ڪيفيت به بيان ڪئي آهي.

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏُکن آءُ ڏُڏِي. (19)

منهنجا ڏير ڏنگا ٿيا ته ڇا ٿيو يا منهنجا ڏير کهڙا ڏِنگا آهن: شل منهنجو نصيب خراب نه ٿئي.

ڇا جي ڏِنگا ڏيرَ، منهنجو ڏينهن ڏنگومَ ٿئي. (20)

شاهه لطيف سسئي جي ڪردار ۾ انساني سوچن ۽ ڪيفيتن جي بدلجندڙ روپن جو گهڻ طرفو سلسلو بيان ڪري ٿو. سسئي، ڪيس ڏڪوئيندڙ ڏيرن کي دعائون پئي ڪري! اي جتئؤ! شالَ! وڏي حياتي ماڻيو ۽ پلي مون کي پيا ڏڪوئيو!

جتا! شال جئو! جئو! تا جاڙون ڪريو.

ڪيڏي نه عجيب، انوکي ۽ يگاني ڪيفيت ۽ سوچ جو اظهار آهي ته جن سسئيءَ جو سيڪجهه برباد ڪري ڇڏيو، اُها انهن ئي آزاريندڙن جي وڏي حياتيءَ لاءِ ڏٽي در ٻاڏائي ٿي.

**سسئي جي جستجو ۽ جدوجهد:**

خواجہ غلام فريد عشق ۽ محبت جي ميدان ۾ چٽو، صاف ۽ کرو آهي، هن وٽ بہ شاهہ لطيف جيان عشق جا اعليٰ آدرش ۽ اصول آهن، عشق جي اذيتن کان پليءَ پت واقف آهي، ۽ انهن عذابن کي چُمي اکين تي رکي ٿو.

گهاٽلاَ عشق دے گهاٽلاَ ڄاتلاَ ئِيں،

تان بهي چُم اکهيان چاتلاَ ميں.(21)

اڳتي چوي ٿو تہ بي واهي هجڻ ئي منهنجي واهہ آهي ۽ بدناموسي ئي منهنجي ناموس ۽ سُڃ ئي منهنجي لاءِ وَسنهِن آهي، عشق مون کي اهڙين نعمتن سان نوازيو آهي:

بے واہی وہ وہ واہ میری

ہے ہو ہو عزت جاہ میری

سنج واہ ہے تکیہ گاہ میری

پاتی پیت تون ایھا براتے میں۔(22)

شاهہ لطيف پنهنجي اعليٰ فهم ۽ ساڃاهہ سان سسئيءَ جي پنجن داستانن ۾ ڪيچ ڏانهن سفر جي ڏکاين، سختين ۽ مصيبتن جو ذکر بيان ڪرڻ کان پوءِ چوي ٿو تہ سسئي جي پنهنجي مقصد ۽ منزل ڏانهن ائين وڃڻ واري جستجو ۽ جدوجهد نيک بختي آهي ۽ اهو تہ اها جدوجهد ڇڏي ويهي رهڻ منهنجي وس ۾ ئي ناهي.

هلندي هاڙهو مَٿي، ڪڙڻ ڪوه پيامِ،
اَرڏا آريءَ ڄام ري، گوندر گذريامِ،
لَکيون لَک لطيف چئي اورانگهڻ آيامِ،
پُرڻ پُنهون پُٺ ۾، ايءَ سعادت سنديامِ،
مَتِس ڪَمَ وڏامِ، وهان تان نہ وَس پئو.(23)

خواجہ غلام فريد بہ سسئيءَ کي گهر ويهي روڄ راڙو ڪرڻ بدران پنهون پنيان رڻ راهي ٿيڻ ۽ ڪشالا ڪڍڻ جي صلاح ٿو ڏئي:

يار پنل ڳيا ڪيچ شهر ڏوں،
تهي راهي روهي تهل برڏوں،
بي واهي ڪيوں آکر گهر ڏوں،
جُکهہ جُکهہ عُمراں ڳالاں(24).

محبوب کيچ کاهي ويو، آئون گهر ۾ ويهي وقت وڃائڻ بدران ٿر جي ويرانن ۾ کيس ڳولڻ لاءِ ڇو نه نڪري پوان؟

ڏيون ڏوڙلآ سول سهيلياں
بدطنيت پٹڑياں دل ميلياں
سُنج بر ساڑے صحن حويلياں
سر ساڑاں جي چالاں.(25)

منهنجي محبوب کان سواءِ منهنجي حويلي ۽ اڱڻ ويران ٿي ويا آهن، دل چوي ٿي پاڻ کي ساڙي ڇڏيان، منهنجون مَدائي رکندڙ سهيليون به مون کي ڏکارو ٿيون ڪن. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سسئي سورن جي اپٽار بيشڪ ڪري ٿي ۽ اهو به چوي ٿي ته:

سو پڻ ساڙو هوءِ هوءِ جو ساهه سرير ۾. (26)

پر ڪٿي به پنهنجو پاڻ کي اذيت ڏيڻ ۽ خود سوزي يا ڄاڻي واڻي جان جوکي ۾ وجهڻ واري روايت بيان نه ڪئي آهي. ٻئي پاسي سسئيءَ جي سهيلين جو ڪردار ۽ رويو به پنهنجائپ وارو آهي، اُهي کيس آٿت ڏين ٿيون تڏهن ته سسئيءَ انهن کي سرتيون، پينر ۽ اديون چئي ٿي، جنهن مان محسوس ٿئي ٿو ته سندس سرتيون هُن وٽ ڏک ونڊڻ آيون ۽ سسئي ساڻن سُور سلي، دل جو بار هلڪو پئي ڪري، هنن لفظن ۾ ڪيڏي نه پنهنجائپ آهي:

پينر آئُ پوري ........
سرتيون سُڃي سُڃ.......
اديون آئُ اُجاڻ ..........
پينر هن پنيور ۾ ........
ڪڏهن ڪڏهن جيڏيون ....... وغيره.

پهاڙ پرزا ڪرڻ جو عزم: خواجه غلام فريد بهرحال سسئيءَ جي جذباتي ڪيفيتن کي ضرور بيان ڪيو آهي، سسئيءَ ساڻس ڪيل ڏاڍ ۽ بي واجبيءَ تي ڏک، ڪاوڙ ۽ جذبات جي شدت جو اظهار ڪندي چوي ٿي ته:

يار نه پانواں پئی کرلانواں
سوھی سیج نوں بھا بھڑکاواں
پہ پہ روروبار اُٹھانواں
ویو کراں روہ ڈالاں(27).

محبوب کي نہ پسي هنجون هاريان سيج کي ساڙي چڏيان، روئي روئي جهنگ بر مٿي تي ڪٽان، ۽ پنهونءَ لاءِ پڪاريندي پهاڙن کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيان.

شاهہ لطيف چيو تہ:

آڏو ڏکَرَ ڏرُ، مَتان روهَ رتيون ٿئين!(28)

شاهہ لطيف سسئي جي روئڻ جا بہ نرالا ۽ انوکا انداز بيان ڪيا آهن، لطيف بي جان جبلن کي بہ پيڪر ڏئي هڪ ڪردار جو روپ ڏئي ڇڏي ٿو. جيڪو ڏکويل سسئي کي ڏسي پاڻ بہ غمگين ٿي وڃي ٿو.

ڪي جي ڪيا پارَ، ڏُکيءَ ڏونگر پاڻ ۾،

سُڏي سا تنوار، مِرون پيا مامَري.(29)

ڏکويل سسئي ۽ ڏونگر گڏجي ايتريون درديليون دانهون ڪيون جو اِهي درد جا آلاپ ٻڌي جهنگ جا جانور بہ ڏڪارا ٿي روئڻ لڳا.

شاهہ لطيف چوي ٿو محبوب جي سِڪ ۾ روئڻ وارن جي ئي مراد پوري ٿئي ٿي پر اُهي جيڪي جدوجهد جي رستي تي روئن ٿيون، يعني ڪوشش ۽ جستجو ڪن ٿيون:

جي مٿي رَندن روئن، ساجن ملي تن کي.(30)

خواجہ غلام فريد سسئي جي سفر جا ڪٺن ڪشالا بيان ڪندي هن جي ”تر“ (سرائيڪي ٿر، وسيب روهي يا چولستان) ۽ لانڊي ۽ لسبيلو ڪان لنگهڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ هاڻي اهي ويران بريٽ بيابان ئي منهنجو ماڳ ۽ گهر آهن.

تهي راهي تهل مارو ڄُلساں،

لانڈھی تي لَس بيلا رُلساں،

سَنج بر بار ڪيتم گهر بار.

خواجہ فريد سسئي کي خبردار بہ ڪري ٿو تہ نينهن جا پنڌ اڙانگا اٿئي، ڏکيا ڏونگر ۽ لَڪ وات ۾ ملندئي.

تتی نينهہ دلاَ پندهہ اڑانگے نیں،

ڈکھےڈونگر اوکھے لانگھے نیں.(31)

شاهہ لطيف ڪيترن ئي بيتن ۾ سسئي جي سفر جي ڏکاين جي منظرنگاري ڪئي آهي.

وڏا وڻ وڻڪار جا، جتي

نانگ سُڃن نيلا.(32)

ڪَرڙا ڏونگر! ڪَه گهٽي، جِت برپٽ سُڄن بيرانُ(33) .
ڏاڍا ڏکيا جبل جا رستا ۽ ويران، سڄي پٽ جا ڏکها پنڌ آهن.

**هرجا ذات پنهل ڊِي:**

خواجہ صاحب سسئي جي بيان ۾ مجازي محبت جي مامرن، وصل جي پرڪيف گهڙين، حجر ۽ فراق جي ڦوڙاين ۽ جدائيءَ جي ڪيفيتن ۾ محبوب جي اچڻ جي آس ۽ وفا جي اميد تہ ٻئي پاسي، شڪ، وهم ۽ وسوسن واريون ڪيفيتون، نراسائي ۽ انهن سيني جذبن ڪي، انهن جي ڏک ڪي ميڙي مُٺ ڪري پنهنجي مقصد ۽ منزل لاءِ ڪاهي پوڻ ۽ ان واٽ ۾ سُور ۽ سختيون سهڻ ۽ آخر موت قبولڻ جو حوصلو رکڻ وارا اعليٰ آدرشي اهڃاڻ ڏيڻ سان گڏوگڏ ٻين صوفي شاعرن جيان هن داستان جو روحاني پهلو بہ بيان ڪيو آهي:

ہر جا ذات پنل دی
عاشق جاڻ يقين
هر صورت وچ يار دا جلوه
کيا آسماں کيا زمين.
پيرمُغان هڪ رمز سُجهائي
ساجن سمجهہ قرين.(34)

محبوب هر هنڌ هر صورت ۾ موجود آهي، ان ڪي پنهنجي ويجهو سمجهہ.

هر صورت وچ يار ڈٹھم
کُل يار اغيار کون يار ڈٹھم
کِتهہ مُلان تـلاً منصور ڈٹھم
کِتهہ چوب رسن تـلاً دار ڈٹھم.

مون ڪي هر صورت ۾ يار جو ديدار مليو، پنهنجن ۽ پراون ۾ ان جو جلوو ڏٺم، ڪٿي مُلان تہ ڪٿي منصور تہ ڪٿي تختہ دار تي ڏٺم:

کِتهہ برم نارائڻ نرنجڻ هلاً
کِتهہ رام کنيا لچهمن هلاً
کِتهہ بيدبياس برهمن هلاً

ڪِتھ راچس تلاآ اوتارڏٺم.(35)

ڪتي اهو برهما، نارائڻ نرنجڻ آهي تہ ڪتي رام، ڪنهيا ۽ لڇمڻ آهي، ڪتي ويد ۾ تہ ڪتي وياس ۾ تہ ڪتي شاهاڻي انداز ۾ ۽ ڪتي اوتار جي صورت ۾ ڏٺم.

شاھ لطيف چوي ٿو تہ:

وڄين چو وٽڪار هِت نہ ڳولين هوت ڪي.(36)

ووڙيم سپ وَڻاڻ، جارَ ڪارڻ جت جي،
”والله بڪُل شيءِ مُحيط“ اي آرياڻي اهڃاڻ،
سپ ۾ پنهون پاڻُ، ٻئو ناھ ٻروچ ري.(37)

خواجہ غلام فريد سسئيءَ سان دلي همدردي رکي ٿو ۽ ان کي بي نصيب ۽ ويچاري ڪوني ٿو ۽ چوي ٿو تہ هي پيرين پنڌ بي گهر، بي سهاري، بي سرو سامان، بي گناھ بي موت مَري وئي.

سسي شودي پير پيادی
نہ ترڙ تاڈلا جهوک آبادی
مُٹھڑی بلا تقصیر وو

نہ خرچ پللاَ نہ ڳنڍھ سمل.(38)

شاھ لطيف وٽ سسئي جو موت بہ پنهون جي فراق ۾ واجهائيندي ٿئي ٿو.

آئون نہ ڳڏي پرينءَ ڪي مٿان آيو موٺُ،
واجهائيندي وَرهِ ٿيا، هَڏِ نہ ڳڏيم هوٺُ،
جيڪس ٿينديس فوت، فنا هن فراق ۾!(39)

## حوالا:


1. ڪوريجو، خواجہ طاهر محمود، ڊاڪٽر، ’ديوانِ فريد‘، الفيصل ناشران تاجران ڪتب، لاهور، 2011ع ص: 53
2. ساڳيو، ص: 81
3. ساڳيو، ص: 217 — 218
4. ساڳيو، ص: 508
5. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 2002ع) ’ڪتمال‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 2002ع، ص: 368
6. ساڳيو، ص: 308
7. فهميده حسين، ڊاڪٽر، 1993ع ’شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ‘، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ، 1993ع، ص: 285
8. ڪوريجو، خواجہ طاهر محمود، ڊاڪٽر، ’ديوانِ فريد‘، الفيصل ناشران تاجران ڪتب، لاهور، 2011ع ص: 107
9. ساڳيو، ص: 107-108
10. ڪوريجو
11. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، (2013ع) ’شاهہ جو رسالو‘، (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2013ع، ص: 186
12. ڪوريجو، خواجہ طاهر محمود، ڊاڪٽر، ’ديوانِ فريد‘، الفيصل ناشران تاجران ڪتب، لاهور، 2011ع ص: 495
13. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، (2013ع) ’شاهہ جو رسالو‘، (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2013ع، ص: 109
14. ڪوريجو، خواجہ طاهر محمود، ڊاڪٽر، ’ديوانِ فريد‘، الفيصل ناشران تاجران ڪتب، لاهور، 2011ع ص: 221
15. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، (2013ع) ’شاهہ جو رسالو‘، (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2013ع، ص: 133
16. ڪوريجو، خواجہ طاهر محمود، ڊاڪٽر، ’ديوانِ فريد‘، الفيصل ناشران تاجران ڪتب، لاهور، 2011ع ص: 248
17. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، (2013ع) ’شاهہ جو رسالو‘، (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2013ع، ص: 138
18. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهہ جو رسالو‘، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، 1999ع، ص: 323
19. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، (2013ع) ’شاهہ جو رسالو‘، (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2013ع، ص: 137
20. ساڳيو، ص: 138
21. ڪوريجو، خواجہ طاهر محمود، ڊاڪٽر، ’ديوانِ فريد‘، الفيصل ناشران تاجران ڪتب، لاهور، 2011ع ص: 471
22. ساڳيو، ص: 472
23. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهہ جو رسالو‘، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، 1999ع، ص: 306

24. ڪوريجو، خواجہ طاهر محمود، ڈاڪٽر، ’ديوانِ فريد‘، الفيصل ناشران تاجران ڪتب، لاهور، 2011ع ص: 427
25. ساڳيو، ص: 427
26. بلوچ، نبي بخش خان، ڈاڪٽر، ’شاھ جو رسالو‘، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، 1999ع، ص: 361
27. ڪوريجو، خواجہ طاهر محمود، ڈاڪٽر، ’ديوانِ فريد‘، الفيصل ناشران تاجران ڪتب، لاهور، 2011ع ص: 428
28. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، (2013ع) ’شاھ جو رسالو‘، (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2013ع، ص: 144
29. ساڳيو، ص: 159
30. ساڳيو، ص: 112
31. ڪوريجو، خواجہ طاهر محمود، ڈاڪٽر، ’ديوانِ فريد‘، الفيصل ناشران تاجران ڪتب، لاهور، 2011ع ص: 395
32. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، (2013ع) ’شاھ جو رسالو‘، (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2013ع، ص: 102
33. ساڳيو، ص: 159
34. ڪوريجو، خواجہ طاهر محمود، ڈاڪٽر، ’ديوانِ فريد‘، الفيصل ناشران تاجران ڪتب، لاهور، 2011ع ص: 498
35. ساڳيو، ص: 358
36. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، (2013ع) ’شاھ جو رسالو‘، (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2013ع، ص: 103
37. بلوچ، نبي بخش خان، ڈاڪٽر، ’شاھ جو رسالو‘، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد، 1999ع، ص: 283
38. ڪوريجو، خواجہ طاهر محمود، ڈاڪٽر، ’ديوانِ فريد‘، الفيصل ناشران تاجران ڪتب، لاهور، 2011ع ص: 336
39. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، (2013ع) ’شاھ جو رسالو‘، (ڇاپو ٻيو)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2013ع، ص: 135

جاويد احمد شيخ

# انور پيرزادي جي ڪھاڻين ۾ موجود ڪردارن جو نفسياتي جائزو

## The Psycho-analysis of the characters of Anwar Peerzado's Short Stories

**Abstract:**

Anwer Pirzado (1945-2007) was a re-knowed multidimential personality of Sindh. He was an Intelectual Researcher, Aurthropologist, Writer, Poet, Journalist and apart from this a Social worker. He was also an expeditionist, a historian, acquainted with shah latif and a canpiler of Sindhi literature and culture. Besides, he is the auther of 13books published in Sindhi and 7 in English out of which 5/6 were published in his life, while other have been published by Anwar Pirzado Academy, established by his sons Zarar, Zaid and Amar Pirzado, who are also authors of books in their relevant fields. Whileover about study of Shah Latif, History of Mohen-jo-daro, poetry, Columus etc. One of his book is comprised of short stories with the title "Anwer Pirzade joon Kahanion" .

The Stories of Anwar pictorially describe the proximate past, contrasts and sougl heirarchy of Sindhi society. The characters and the crisis are almost same even in 21st century. The industrialists and the fuedals are still the symbols of exploitation and opportunist on other hand the peasants, labourers and poor people are oppressed by them. Anwar Pirzada has artistically focused upon the suffering and deprived conditions of the society in characters of his stories. Since the sufferings and deprived directly effect the people and a writer expresses their feelings in poetry and stories. Therefore, this article is focused upon the psycho analysis of the characters of Anwar Pirzado's stories.

"نفس" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، وجود، هستي، شخصيت کان علاوه ساهه دم وغيره ٻه، پوءِ اهو وجود انساني هجي يا حيواني، نفسيات انهن ساهه وارن وجودن جي ذهني ڪارڪردگي ۽ روين جي سائنسي طور طريقن سان حاصل ڪيل علم جو نالو آهي. نفسيات انساني دماغ ۾ پيدا ٿيل خلفشار ۽ روين جي ڄاڻ مهيا ڪري ٿي. يا ائين ڪٺي چئجي ته جاندار جي جيءَ ۾ جهاتي پائي سندس لاشعور ۽ تحت الشعور تائين رسائي حاصل ڪرڻ آهي. هن ڏس ۾ نفسيات کي فيروز الالغات هن طرح واضح ڪري ٿي" .نفسيات،(نف، سي، يات) (ع-ا-مذ) نفس سے متعلقہ باتیں (2) علم النفس، انسان کے تحت الشعور کی تحقیق کا علم (1) سنڌي ٻوليءَ ۾

'نفس جي نباضي' هِن اصطلاح لاءِ استعمال ڪجي ته به درست ٿيندو يعني نفس شناسي، نفسيات کي هڪ جلدي سنڌي لغت وري هن طرح واضح ڪيو آهي. نفس= هستي+ يات=ڄاڻ = هستيءَ جي ڄاڻ- ماڻهوءَ جي جيءَ ۾ جاتي پائڻ. (2)

نفسيات کي انگريزي ٻوليءَ ۾ Psychology چيو ويندو آهي، انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا وري هن طرح انهيءَ اصطلاح کي واضح ڪري ٿي:

Philosophy of mind, reflection on the nature of mental phenomena and especially on the relation of the mind to the body and to the rest...(3)

جيئن ته ادب سماج جو آئينو/عڪس آهي، ۽ انهيءَ سماج جي ترجماني ڪري ٿو، انهيءَ ڪري ڪهاڻين، قصن، ناولن، ڊرامن، فلمي، اسٽوريز ۽ شاعريءَ ۾ موجود ڪردارن جي نفسيات ذهني ڪارڪردگي ۽ روش به اهڙي ئي ملندي جيڪا معاشري جي سچائي ۽ حقيقت آهيءَ سچائي ۽ حقيقت اِها آهي، ته اسان جو سنڌي سماج ڪيترن ئي تضادن ۽ طبقن جي ور چڙهيل آهي، جنهن ۾ نسبي اوچ نيچ، مذهبي متڀيد، صنفي تميز/فرق، غريب امير، طاقتور ۽ ڪمزور طبقو موجود آهي، سنڌي سماج ڪنهن به حوالي سان هڪ ڪرو نه آهي. انهيءَ ڪري سنڌي شعر و ادب ۾ اهڙو طبقاتي نظام صدين ڪان تنقيد جو نشانو بڻجندو رهيو آهي ۽ تيستائين نگاهه ۽ نشاني تي رهندو جيسين اهڙو بي ترتيب سماج ترتيب واري تصوير نٿو بڻجي پوي. ان ڏس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي قلمڪارن پنهنجي قلمي ڪاوشن ذريعي طبقاتي نظام کي ڊاهڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي، سنڌي قديم شاعري هجي يا داستان ۽ قِصا نويسي ۾ اهڙا Efferts سنڌي ادبي تاريخ ۾ جا بجا ورتل ملندا.

ڳالهه ڪرڻي آهي انور پيرزادي جي ڪهاڻي ڪردارن جي نفسيات جي، سو انور پيرزادي جي ڪهاڻين جو فقط هڪڙو ئي مجموعو "انور پيرزادي جون ڪهاڻيون" ڇپيو آهن، جنهن ۾ جملي 8 ڪهاڻيون آهن، جن ڪهاڻين ۾ اُهي تضاد ۽ انهن تضادن سان ٻڌ ٻلهاڙو ٻڌيل سنڌي معاشري جا ڪپتيا ڪردار آهن. جيڪي اڄ به ڪنهن نه ڪنهن روپ رنگ ۾ موجود آهن. مثلن روايتي وڏيرو، سيٺ يا سرمائيدار، مولوي ملان، سياستدان، اذيت جو استعاراتي روپ سنڌي عورت، مجبور ماروئڙا، وڏيري جا ونگاري، ڪمدار، صدين ڪان هيٺائيءَ جي علامت بڻيل سنڌي هاري وغيره.

مطلب هڪڙا لوڙي لوچي ڪمائين، ۽ ٻيا مفت خور انهن جو حق کائين يا ڦٻائين. ”هي ڪهاڻيون پڻ سندس ان علم، مشاهدي، سوچ ۽ فني قابليت جو هڪ مثال آهن. جيڪي سنڌ جي ويجهي ماضيءَ ۾ پڙهندڙن ۽ لکندڙن جي پيدا ٿيل نسلن لاءِ هڪ وڏو انڪشاف هونديون.“ (4)

انور پيرزادو مرحوم سنڌي سماج جو هڪ اهم ۽ سنجيده فرد هيو، هُن جي سون ورني سڄاڻپ جا ڪيترائي حوالا هئا، هڪ وقت شاعر، ڪالم نگار، صحافي، استاد، مهم جو، محقق، تہ لطيف شناس بہ هيو. انهن خاصيتن کان علاوه هن ڪجهہ ڪهاڻيون بہ لکيون، سندس جملي ڪهاڻين ۾ فقط سنڌ جا ئي سور سَرن جيئان نسريا پيا آهن. هن جون ڪهاڻيون سنڌي طبقاتي نظام جي چٽي تصوير پيش ڪن ٿيون، جن ۾ موجود سڀ ڪردار، اهي ئي آهن، جن کي سنڌي معاشرو اڄ تائين پوکي رهيو آهي. ۽ کهڙي نموني برداشت پيو ڪري، چو نہ انهن کي انور جي ڪهاڻين ۾ ڳولهي عوام آڏو آڻي باشعور فرد بڻجي سنڌ جي مستقبل جي نئين سر تعمير ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري ڏيکاريون، ايئن نہ ٿئي جو پاڻ ماضيءَ تائين محدود ٿي وڃون ۽ مستقبل وٽ اسان لاءِ ڪا گنجائش ڪو رَحماڻو رويو ئي نہ هجي. هاڻ انور پيرزادي جي سيني ڪهاڻي ڪردارن جو ترتيب وار نفسياتي جائزو وني نتيجو اخذ ڪيو ويندو.

انور پيرزادي جي پهرين ڪهاڻين جي مجموعي ”انور پيرزادي جون ڪهاڻيون“ خدا ۽ سرمايو”نالي واري ڪهاڻيءَ ۾ ڪل 3 ڪردار آهن، جن مان هڪ بي نام وڏيرو، ٻيو بي نام هاري ۽ ٽيون ڪردار مان (ضمير متڪلم اسم جي بدران ڪم ايندڙ ضمير) ڪهاڻيءَ جو حصو آهي. هِن ڪهاڻي ۾ سنڌ اندر طبقاتي نظام جي هِڪ طاقتور ۽ زماني ساز وڏيري جي نفسيات يعني ذهن، سوچ، خيال ۽ روين کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ غائب ڪردار جيڪو ضمير متڪلم جي روپ ۾ پنهنجو سماجي ڪردار ادا ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. هِن ڪردار جو نفسياتي جائزو ونجي ٿو تہ هي هڪڙو باشعور هاڪاري ۽ روشن خيال فردَ طور پنهنجون ذميواريون نڀائيندي نظر اچي ٿو، جيڪو وڏيري جي اوطاق ۾ ٿيندڙ انساني متڀيد کي نہ رڳو ناپسند ڪري ٿو، پر وڏيري جي سامهون (روبرو) وڏيري کي پيرين پوندڙ هاريءَ کي موقعي ۽ مَهل جو فائدو وٺندي ڊرامائي انداز ۾ نصيحت بہ ڪري وني ٿو. مطلب هي سماجي اوچ نيچ کي پنهنجي حرفت سان ننڍي اڳلي (هاريءَ) کي آگاهي بہ ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو. ”هيءَ ڪهاڻي جيتري مختصر آهي اوڏي ئي گهري ۽ وڏي مقصد

واري آهي. جنهن ۾ وڏيري جي ”اسلامي سوشلزم“ ۽ ”اوچ نيچ“ جي نعري واري ٻچا پڙائيءَ کي واڪئو ڪيو آهي.“ (5) هوڏانهن هِن قِصي جي هاري ڪردار جي جيءَ ۾ جهاتي پائجي ٿي، ته هي ماڻهو حقيقت ۾ سماجي نابرابريءَ وارين غلط روايتن کان نه رڳو باخبر آهي پر اهڙي نظام کي حقارت سان به ڏسي ٿو. مگر سنڌ جي مضبوط ۽ بااثر وڏيرڪي نظام خلاف ڪلي نموني بغاوت ڪرڻ جو ساهس ساري نٿو سگهي. هِن ڏس ۾ ’مان‘ ڪردار سنڌس ڪم ۾ آساني پيدا ڪري ڪيس وڏيري سان نفرت جو اشارو هنن لفظن ۾ سيکاري ٿو، جڏهن هاري ايندي مَهل وڏيري جي دزيل بوٽ کي چمي ٿو، ته هن جون به آڱريون انهيءَ بوٽ تي چيچي وجن ٿيون. ۽ اهي به آڱريون سچي دل نه پر مٺاچري دل سان ڪيل نوڙت جي نشاني آهي. پر جڏهن هاري وڏيري سان ڳالهائي موٽڻ مهل سنڌس بوٽ پاٽل پير چُهي ٿو، ته ان وقت پنجيءَ آڱريون وڏيري جي بوٽ تي چيچي وجن ٿيون، ۽ جيڪي هاريءَ پاران پوتار لاءِ هيون، اهي پنجيءَ آڱريون پوندي ڏانهن اشارو ڪن ٿيون.

ڏنو وجي، ته وڏيرڪي ذهنيت يا نفسيات کان آگاهي ڏيڻ ۾ انهيءَ ’مان‘ نالي واري ڪردار جو هٿ آهي. هيءُ ڪهاڻي اڌ صدي اڳ جي پوتارڪي ڪلچر واري نفسياتي خود غرضي، ذاتي مفاد، بااثريءَ جو احاطو ڪري ٿي. جيڪا ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ايڪويهين صدي ۾ به پنهنجي راند جاري رکيون پئي اچي. بهرحال ”انور پيرزادي جي ڪهاڻين جي ڳُر سنڌس طبقاتي فڪر آهي، هن جي هر ڪهاڻي سنڌس ڪميونسٽ نظرئي ۽ وطن دوستيءَ جي ساکي آهي. 50 سال اڳ لکيل ڪهاڻين جي سنڌ ۾ ڪجهه اهڙو آهي جيڪو بدلجي چڪو آهي ۽ ڪجهه اهڙو به آهي جيڪو اجا تائين جيئن جو تيئن آهي.“ (6)

’ملاقات‘ نالي واري ڪهاڻيءَ ۾ جيل جي اندرين خاني ٿيندڙ لڪائن جي عڪاسي ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ چئن الڳ الڳ قِصن کي گڏي ’ملاقات‘ عنوان واري ڪهاڻيءَ ۾ قيد ڪيو ويو آهي. سڀ کان پهرين مجرم مرد سان ٿيل سنڌس نئين نويلي ڪنوار واري ملاقات تان پردو کڄي ٿو، راوي هنن ٻنهي ڪردارن جي احساسن کي نهايت ماهر نفسياتي سرجن جيئان تپاسي پوءِ پني تي پنهنجي ويچارن جي جهڙوڪر پرسڪرپشن لکي آهي. هن مذڪوره ٻنهي ڪردارن مان زال مڙس پڄاڻان خالي گهر ۾ رهندي پاڻ کي سودائيءَ، وهمن ۽ گمانن حوالي ڪري ڇڏي ٿي. جيڪا هر پيري کڙڪندڙ دَرَ مان اِها ئي اميد رکي ٿي، ته هن پيري

شايد سندس وَرَ ڪڙڪايو هوندو. مگر هر پيري هوءَ ناڪام ٿيندي آهي. هُن جو ذهن ورهايل ڏيکاريو ويو آهي، (ڪڏهن هوءَ پيرن تي پڙ پئي باسي ته ڪڏهن ڍارو هٽندڙ جوڳي فقيرن کان مڙس جي مستقبل جو حال احوال پئي وٺي. راويءَ هِن ڪردار کي ذهني مريض جهڙو روپ ڏئي پڙهندڙ آڏو پيش ڪيو آهي. ڪهاڻيڪار خوف جي ور چڙهيل هن ڪردار جي نفسيات کي هن طرح واضح ڪيو آهي.

"مان ٿن پيرن تي پڙ باسيا آهن، هڪ فقير کان ڍارو وجهرايم، تنهن چيو ته تنهنجو مڙس اوچتو اچي نڪرندو ۽ ان وقت گهر ۾ ننڊ پئي هوندينءَ، ان ڏينهن کان پوءِ مونکي ننڊ اصل ڪا نه ٿي اچي." (7)

جيئن ته راوي پاڻ/بذات خود پنهنجي جوانيءَ ۾ جيل ياترا ڪري چڪو آهي. انهيءَ ڪري هيءَ ڪهاڻي انهيءَ مشاهدي ۽ محسوسات جو ثمر آهي. ان کان پوءِ انور صاحب هڪ پوڙهي عورت 'ماءُ' کي پنهنجي جوان پٽ سان جيل ۾ ملاقات ڪندي ڏيکاريو آهي. هِن قِصي ۾ ماءُ واري ڪردار جي نفسيات (ذهني ڪيفيت) کي تمام گهڻو حساس ۽ اميدي ٻڌائي پيش ڪيو ويو آهي.

جنهن عورت جو جوان پٽ جيل ۾ هجي، ته پوءِ اهڙي پوڙهي ماءُ جي ذهني حالت ڪهڙي هوندي! اهڙو ڪجهه لڪاءُ هِن ڪهاڻيءَ جو خاص مقصد ۽ محور آهي، جيل ۾ ٿيندڙ هن ملاقات ۾ امڙي ڪردار جو سنجيدگيءَ سان هڪ سائڪا ٽرسٽ (معالج) جيان ذهني جائزو ورتو ويو آهي. ان کان علاوه ملاقات نالي واري ڪهاڻيءَ جو ٽيون قِصو هِڪ ڪراڙي کي پنهنجي زال ۽ ٻارن سان جاري چاڙهيل لوهي سيخن اڳيان ٽيل ڪچهريءَ تي آڏاريل آهي. منجهن ٿيندڙ ملاقات واري لفظي ڏي وٺ کي ليکڪ ٻڌي پنهنجي نه رڳو احساسن پر پڙهندڙ جي سيني حواسن کي پڻ متاثر ڪيو آهي. مطلب "هيءَ هڪ جيءَ جهوريندڙ ڪهاڻي آهي. احساسن ۽ جذبن سان پرپور، نندي دريءَ مان ڪائنات جي وڏي حصي جو سير ڪرائيندڙ." (8) هِن نندڙي قِصي ۾ ٻارَ جو ذهني اپياس (Psychology) ڪندي معصوم پٽ جا پيءُ کان ڪيل سوال ۽ ڳالهه ٻولهه کي سچائيءَ سان پڙهندڙ اڳيان رکيو آهي هِن ڪهاڻيءَ اندر هِن قِصي جو ڪلائيميڪس احساسن پريو ۽ چرڪائيندڙ آهي. جنهن ۾ راويءَ ٻارَ جي روين، خيالن، سوچن مطلب جملي نفسيات کي پيءُ پٽ جي ڳالهه ٻولهه مان عيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ٽئين لڪاءُ قصي ۾ "انور پيرزادي صاحب ڏسو ته ٻار جي نفسيات کي ڪيڏي نه منفرد ۽ نيرالي انداز ۾ ظاهر ڪيو آهي."

(9) هِن ڪهاڻيءَ جي چوٿين ۽ آخري قِصي ۾ موجود ڪردارن جي وري نفسيات ئي پنهنجي آهي، هِن قِصي ۾ نظر ايندڙ ٻارَ با ذهين، ننڍڙيءَ عمر هوندي وڏڙن جيڏا خيال رکندڙ، بهادر، نڊر ۽ تخليقي ذهن رکندڙ آهن. هِڪ ٻارَ جا هينيان مڪالما سندس جملي روين جي جاڻ جو مضبوط ۽ منفرد احاطو ڪن ٿا. جس آهي راويءَ کي جنهن هِڪ نفسياتي ماهر جيئان ٻارَ جي ذهني ڪارڪردگيءَ ۽ عزم کي اپياسي، پني تي هِن طرح پلٽيا آهن، جو پڙهي انهيءَ ٻاراڻي ڪردار جي ذهني بلوغت تي فخر ٿيڻ لڳي ٿو.

"بابا، مان توکي ونڻ آيو آهيان"

"پٽ! هي توپين وارا ماڻهو مون کي نہ ٿا ڇڏين."

"بابا هي ڪير آهن؟"

"پوليس وارا"

.............

"بابا! مان جهاز ڪاهي جيل ۾ اچي لهندس ۽ توکي وني هلندس."

(10)

مٿيان ڊائلاگ جڻ ڪنهن ننڍڙي نہ پر وڏي فرد جي سوچ ويچار جي نمائندگي ڪن ٿا. جوان جذبا، حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون، اونچا عزم ارادا، هِڪ ٻارَ جي سهڻي نموني سان ڪيل ذهني اسٽڊي چئي سگهجي ٿي. هِن ئي قِصي ۾ ٻارن جي پيءُ جي نفسيات وري تمام گهڻي ميچوئر ، آفاقي، انقلابي ۽ آدرشي قسم جي محسوس ٿيندي. جيڪو جيل جي اذيت ناڪ ماحول، ٻاهرين دنيا جي غربت، بي حسي، استحصال، مظلوميت کي خيالن ۾ آڻي، تبديليءَ جا سپنا نہ رڳو پاڻ ڏسڻ لڳي ٿو، پر انهن جي ونڊ ورڇ پٽن کان علاوه پڙهندڙن تائين بہ پهچائي ٿو. هن جا هيءَ پراثر ڊائلاگ مٿي ڪيل ڳالهہ جي بهترين انداز سان عڪاسي ڪن ٿا...

"ها، پٽ، اهڙو ڏينهن بہ ايندو" مان ٿڌو ساهہ کڻي چيو.

"بابا پوءِ اهو ڏينهن ڪهڙو هوندو؟"

"ڳاڙهو"

"ها پٽ تنهنجي ريٽيءَ قميص جهڙو" مان وراڻيو. (11)

"بہ جيون ساٿي" نالي واري ڪهاڻي، معاشري جي نظرانداز ٿيل طبقي ماستر ۽ هاريءَ جي اولاد مان ٻن اهم آئيڊيلسٽ اسٽوڊنٽس ڪردارن سوڍو ۽ موهڻيءَ تي مبني آهي. هِن ڪهاڻيءَ جا ٻئي ڪردار قِصي جي آخر تائين جيون ساٿي (زال مڙس)، تہ نہ بڻجي سگهن ٿا. هِن ڪهاڻيءَ جي ٻنهي ڪردارن جي نفسياتي جائزي ونڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هي ٻئي جڻا

يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ آهن ۽ هِڪَ ٻئي کي پسند ڪندڙ ٻه آهن. ٻئي ڄڻا سنڌي سماج جي تضادن جي تڏا ويڙهه چاهين ٿا ۽ عورتن جي حقن جا علمبردار ٻه آهن. ٻنهي مان سوڍي جي منشا آهي، ته هو ٻئي پڙهائي دوران ئي هميشه لاءِ هِڪ ٻئي جا ٿي وڃن، مگر موهڻي انهيءَ خيال جي نه آهي، هوءَ شاديءَ کي نظام جي تبديلي، سڌاري مٿان بارَ سمجهي انڪاري ٿئي ٿي. "هيءَ ڪهاڻي سنڌي سماج جي ڪيترن ئي مدي خارج ريتن رسمن جي اُکيڙ به ڪري ٿي ته چار پنج ڏهاڪا اڳ ٿيندڙ شاگرد سياست جي نظرياتي پختگيءَ جو ڏس به ڏئي ٿي." (12)

سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي تعليمي ادارن اندر اهڙا ڪردار اڪثر نظر ايندا هئا. اڄ ڪلهه اهڙا بحث مباحثا ٿين ٿا پر وقت ۽ حالتن ۽ موضوعن جي نواڻ انهن ۾ شامل آهي. ٻنهي ڪردارن مان سوڍو ان خيال جو آهي، ته ڪين شادي ڪرڻ گهرجي، جو انهيءَ عمل مان ذهني سڪون حاصل ڪري هو پنهنجو، فرسوده نظام بدلائي، يوٽوپيائي خواب جي تعبير ۽ تشڪيل ڪرڻ ۾ ڪامياب ماڻي سگهندا. پر سوڍي جي برعڪس موهڻي انهيءَ خيال کي مخالف رخ ڏئي ٿي. هوءَ "عشق کي، جنسيت واري انساني فطري عمل کان وڌيڪ اهميت نٿي ڏئي. سوڍو ۽ موهڻي سنڌ جي پيڙهيل ۽ پنتي پيل طبقي سان واسطو رکندڙ ورسٽيءَ جا شاگرد آهن، جيڪي پڙهائيءَ سان گڏ سنڌ جي مسئلن تي اڪثر سنجيدگي سان سوچيندي نظر اچن ٿا. جڏهن ته ورسٽيءَ جي اڪثريت 'دم مارو دم' عياشين، آوارگي، رومانويت جا رنگ پسڻ جي خواهشمند آهي. جڏهن ته هي سنجيده رويا رکندڙ پريمي جوڙو انهن جي ابتڙ آجپي ۽ آزاديءَ جا خواب ڏسندڙ ۽ استحصالي قوتن پاران ديوار چين کان به وڌي ۽ مضبوط نهرايل "دوکي جي ديوار" کي ڍاهڻ جا ارادا رکندڙ. هنن ٻنهي ڪردارن جي نفسيات سنڌ جي اجتماعي شعور جي گڏيل نفسيات چئي سگهجي ٿي".

ڪهاڻي "قربانيءَ جي ٻڪري" وڏيري مينهون، ڦاپل ۽ وڏيري جي ڪجهه ونگارو وانن جي اردگرد ڦري هڪ نشست ۾ پوري ٿئي ٿي. نه رڳو هيءَ ڪهاڻي/تخليق پر راويءَ جي هِن مجموعي "انور پيرزادي جون ڪهاڻيون" جملي ڪهاڻيون جهڙوڪر ڪهاڻيڪار جي پنهنجي نفسيات جون جهلڪيون پڻ پسائين ٿيون. بقول سارتر جي "تخليق داخلي دانهن آهي." انهيءَ تناظر ۾ ڏسجي، ته انور پيرزادي جي هيءَ ڪهاڻي به مشاهداتي ۽ محسوساتي دانهن جو عڪس/ روپ ئي آهي. جيڪو راويءَ سان گڏ قاريءَ کي به ڪَرب جي ڪوڙڪيءَ ۾ قابو ڪري ٿو وجهي. هِن

ڪهاڻي ۾ ٻه مک ڪردار سامهون اچن ٿا. جن مان وڏيرو مينهون ۽ ٻيو ڦاپل نالي عورت، جيڪا مينهي کي چٽيءَ ۾ ڏنل زال آهي. هِن ڪهاڻيءَ جي ڪردار مان وڏيري مينهين جي نفسيات کي راويءَ ظاهر ڪندي ڏيکاريو آهي، ته هي وڏو سفاڪ ۽ هارين جي گهرن جي لڄون لٽيندڙ، بي لحاظ، بي رحم، زال جي ڏيءَ ڄڻڻ مان ناخوش، عورت ذات جو دشمن، ڪڪڙ وڙهائڻ، ڪجريون ڪڏائڻ ۽ ان کان علاوه جوا ۽ ٻين اوڳڻ عادتن جي پورائي لاءِ شرط رکڻ سندس خاص مشغلو آهي. وڏيرو مينهون ڪلهه ۽ اڄ جي عياش روايتي سنڌي وڏيرن جهڙي ئي نفسيات رکندڙ آهي. جڏهن ته سندس سهولتڪار وانا، جيڪي ٻرن ڪمن لاءِ ڪيس اڪسائين ٿا، بلڪل اهڙي طرح جهڙي نموني عمر سومري بادشاهه کي ماروئيءَ جي اغوا لاءِ ڦوڳ اڪسائي آماده ڪيو هو. هِن وڏيري مينهين خان جي ونگارين جي نفسيات به اڌ صدي گذرڻ باوجود ساڳي نظر اچي ٿي، جهڙي سنڌي معاشري ڏٺي يا ٻڌي، هِن قسم جي ماڻهن هميشه ٻرنديءَ تي تيل هاريو آهي. هِن ڪهاڻيءَ جي عورت ڪردار مائي ڦاپل جي اگر ذهني اسٽڊي ڪجي ٿي، ته هوءَ طبيعت ۾ مسڪين، سماجي مجبوريءَ ۾ سوگهو ٿيل، هيٺي، ڪمزور، سادڙي روپ ۾ ڏيکاري وئي آهي.

سادگي ۽ اياڻپ به ايتري جو شاديءَ رات پنهنجي مڙس وڏيري مينهين کي "ادو مينهون" ڪري مخاطب ٿئي ٿي. هِن جاءِ تي هوءَ (ڦاپل) "سرجيس" تان سور، سامائين تان سک ويا." جي بلڪل چٽي تصوير بڻجي پوي ٿي. وڏيرڪي گهر مان زوري ڪڍيل انهيءَ بدنصيب عورت ڦاپل جا نصيب ڏسو جو، مڙس جي ڪيل ڏوهن ۽ ڏاڍ مڙسيءَ جو حساب ڪتاب به ڪيس ئي چڪائڻو ٿو پوي. هوءَ ناڪرده غلطين/گناهن جي ازالي ڪرڻ لاءِ ئي جهڙوڪر ڄائي هئي تڏهن ئي ته هر پيري جي هڇا جو حساب ڪيس ڏيڻو پيو. "انور صاحب اسان کي ڪهاڻي وسيلي جا ڳالهه سمجهائڻ گهري ٿو سا هي آهي ته مرداڻي حاڪميت جو شڪار ڦاپل هوڻ ته مرد جي بدمعاشي جو ڪيتو لوڙي ٿي پر حاڪم طبقن جي اندروني تضاد جو مُلهه به ڦاپل/عورت کي چڪائڻو پوي ٿو. ان سموري عمل ۾ مذهب ۽ قانون به مرد جا ساٿاري آهن." (13)

سازش: هيءَ ڪهاڻي سرمائيدارڻي نظام جي نفسيات کي ظاهر ڪري ٿي، "۽ سنڌ جي شهرن ۾ ٿيندڙ ٽريڊ يونين ازم واري سياست جي پس منظر ۾ آهي. هي ڪهاڻي مزدور تحريڪ ۾ ٿيندڙ ويساهه گهاتين موقعي پرستين تي لکيل آهي." (14) جنهن ۾ هڪ پڙهيل لکيل، آدرشي

ڪهاڻيڪار ساجن جيڪو پهريون انهي مل ۾ ڪلارڪ ٿئي ٿو ۽ بعد ۾ مزدور يونين جو صدر ۽ آخر ۾ نيلو فر جي سازشن جو شڪار ٿئي ٿو، هن ڪهاڻي ۾ مزدور يونين جي صدر جي وڪامجي وڃڻ واري ذهنيت کي بہ پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ غريب بيروزگار جو پنهنجو پاڻ متعلق سوچڻ ۽ ذهن ۾ سوالن جا پيدا ٿيڻ ڪهاڻيءَ ۾ وجوديت جي عڪاسي ڪن ٿا. هِن ڪهاڻيءَ ۾ نيلو فر جيڪا مِل مالڪ جي ڌيءَ طور پنهنجو ڪردار نڀائي ٿي، هِن ڪردار جي نفسيات هِڪ موقع پرست وارو روپ ڌاري، مسڪين، مجبور مزدورن بجاءِ پنهنجي سرمائيدار پيءُ جي پاسي ٿي بيهي ٿي، هي عورت ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ غريب مزدور يونين جي صدر سان سازش تحت مڱڻو ڪري، مزدورن جي حقن تان ڪيس هٽ ڪٽائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿي.

هِن ڪهاڻيءَ جو ٽيون نالي سان ظاهر ٿيندڙ ڪردار آهي نويد. هي بہ هڪ ڪارخانيدار جو پٽ آهي پر ڪو گهٽو ڪهاڻيءَ مٿان اثرانداز ٿيندي نٿو ڏيکاريو وڃي. هيءَ شخص ساجن سان هڪ هنڌ نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ڏيندي گڏجي ٿو ۽ پوءِ ڪهاڻيءَ جي ڪنهن حصي تائين گڏ ڏيکارجي ٿو، هِن جي ذهنيت/سوچ/خيال سڀ ساجن، جي برعڪس هئا. هو (نويد) دنيا جي ڪائو قبيلي جو طرفدار هو تہ ساجن ڪمائو قبيلي مان هيو، بيروزگاريءَ ۽ بک واري چپاٽ ڪاڻل شخص. هي ٻئي هڪ ٻئي جا همخيال آخر تائين نہ ٿي سگهيا. ٻنهي جي نفسيات الڳ تصوير الڳ ٻئي جٽا مختلف مزاج ۽ سوچ رکندڙ مطلب پرست ساجن اشتراڪي خيال جو ۽ نويد تقدير پرست ڏيکاريو ويو آهي.

پرينءَ پڄاڻان: مونو لاگ ٽيڪنڪ ۾ لکيل هيءَ ڪهاڻي، جزوي طور تي مڪالمي بازيءَ واري آهي. قِصي ۾ ستابو، بسران، سوڍو، ڪمون، بچل ۽ اوباهي نالي وارا ڪردار موجود آهن. پر ڪِٿي بہ سندن ڪردار کي جسماني طور ظاهر نہ ڪيو ويو آهي، جو سندن نفسيات جو باقاعده جائزو وٺجي، هيءَ ڪهاڻي فقط ڪوهہ جي ڪوٺائيءَ، ڪوڏارن جي قابليت، حرفت ۽ هوشياريءَ جو احاطو ڪري ٿي. ڪم جي ڳالهہ تہ ”هِن ڪهاڻي جو هڪڙو شاندار پاسو تہ هي آهي تہ هن ۾ اسان جي ڪلچر جي هڪ معدوم ٿي ويل حصي کي محفوظ ڪيو ويو آهي. اڄوڪي سنڌ کي اها خبر ئي ناهي تہ 50 سال اڳ جي سنڌ ۾ ڪاتي ڪٽڻ جو ڪلچر ڪيئن هوندو هو؟“ (15) جنهن ۾ هلڪو ڦلڪو بسران ۽ اوباهي جي عشق جو چرچو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو، جنهن بسران کي بہ آخرڪار سنڌ جو روايتي وڏيرو، اغوا ڪرائي ڪٽي وڃي ٿو،

هوڏانهن بسران جو چاهڪ ڪوڏر ڦٽو ڪري، ڪهاڙي ڪٽي ڏاڙيل ٿيڻ ڪي ترجيح ڏئي ٿو. ڏاڙيل ٿيڻ وارو هن قسم جو قِصو سنڌ جي ٻوٽڪاري ڪلچر ۽ نفسيات جي عڪاسي ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ ٻوتارڪي ذهنيت/ نفسيات جو هڪڙو عڪس پسايو ويو آهي. هن سماج ۾ بااثر ۽ طاقتور ڌر جي نفسيات ئي هڪ جهڙي ڏيکاريل آهي، يعني ڏاڍ مڙسي جو مظاهرو، پوءِ اهو چو نه وڏيرو هجي، پوليس وار هجي يا پير هجي، ڏاڍو سو گابو آهي.

**نتيجو:**

انور پيرزادي جي ڪهاڻين ڪردارن جي نفسياتي جائزي وٺڻ کان پوءِ، اهو نتيجو اخذ ڪيو ويو، ته انور جو سماجي تنقيدي شعور گهرو آهي، انهيءَ ڪري هو ڪردارن جي نفسيات ڪي آسانيءَ سان ظاهر ڪري سگهيو آهي. هو برداشت کان ٻاهر ٿي ويل انهن ڪردارن جي روين ۽ ذهنيت تي احتجاج ڪندي ڪهاڻين ذريعي پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي ٿو. پنهنجين ڪهاڻين ۾ هو گهٽي ياگي پاڻ ئي پنهنجي ذهني ڪارڪردگيءَ جا ڪبوتر اڏاريا آهن. ضمير متڪلم جي اوٽ وٺي هن ڪردارن جي نفسيات ڪي ظاهر ڪيو آهي. انور اشتراڪي خيال جو هيو، اهڙو ماڻهو ڪيڙي ۽ ڪاٿي جو طرفدار ٿيندو آهي. ۽ اهڙي سوچ ڪاٿو نه پر ڪمائو طبقي جي طرفداري ڪندي آهي. انور جي ان موضوع سان مطابقت رکندڙ ڪهاڻي "سازش" آهي، جنهن ۾ سرمائيدار جي چالاڪين، حرفتن، نموني بازين، زماني سازين ۽ مزدور يونين صدر جي ضمير فروشي ۽ لوڀي لالچي ذهينيت کي زور سان ڏکيو آهي. انهيءَ ڪري "خدا ۽ سرمايو" ڪهاڻيءَ ۾ هر دؤر جي هاريءَ جو حق ڦٻائيندڙ وڏيري جي انا، خود غرضي ۽ موقع پرستيءَ کي ظاهر ڪيو آهي. هِن ڪهاڻيءَ ۾ هاري جي نفسيات کي هن ڪجهه مختلف روپ ڏئي بيان ڪيو آهي، جيڪو ، ٻوتار سان ملڻ وقت هڪڙي سوچ ته موڪلائڻ مهل ٻي سوچ ظاهر ڪري وڏيري جي بوٽن تي پنجن آڱرين جا نشان ڇڏي هارين جي ٻوتارن لاءِ اجتماعي نفرت انگيز سوچ کي ظاهر ڪري ٿو. جيئن ته راوي پاڻ جيل ياترا ڪئي هئي، انهيءَ ڪري هن "ملاقات ۽ جيل جو سماج ۽ ڏاڙيل" نالي وارين ڪهاڻين ۾ قيدين جي نفسيات، بي حسي، ناانصافي، محرومي، اداسي کي ڏوراپي واري بياني انداز ۾ ظاهر ڪيو آهي.

ٿلهي ليکي چئي سگهجي ٿو، ته انور پيرزادي جي جملي ڪهاڻين جي مشتمل مجموعي "انور پيرزادي جون ڪهاڻيون" ۾ موجود ڪردارن جي نفسياتي جائزي وٺڻ کان اڳ خود راويءَ جي نفسيات کي جانچڻ

ضروري آهي. هو حساس شاعر، صحافي، مهم جو، لطيف شناس، اُستاد، ڪهاڻيڪار، ليکڪ هيو، هن کي جيل ياترا بہ نصيب ٿي ۽ جيل جي زندگيءَ وارو تجربو گهڻو ڪجھ سيکاريندي آهي. هن جي ڪهاڻين جا ڪردار آدرشي، آزادي پسند، روشن خيال، پورهيت دوست، مزاحمتي، نظرانداز ڪيل ڪردار بہ آهن، تہ استحصالي، استعمالي، منافق، موقع پرست، پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي، زمانا ساز، خود غرض، خواهشن جا غلام، گهڻ روپي، ذهنيت جا مالڪ بہ آهن.جن ڪردارن کي انور عام اڳيان آڻي سندن سڄاڻپ پريڊ ڪرائي آهي، تہ جيئن ماڻهن ڪانئن نفرت جو اظهار ڪري سگهن انور جو شعور ان حوالي سان سماج جي سپتين ۽ ڪپتين ڪردارن جي نفسيات جي پرک ڪرائڻ ۾ ڪامياب نظر اچي ٿو.

## حوالا:


1. فيروز اللغات، فيروز سنز، ڪراچي، 2005ع، ص: 1348
2. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، هڪ جلدي لغت، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ص: 676
3. Britannica.com
4. ”انور پيرزادي جون ڪهاڻيون“ پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي، 2019ع، بئڪ ٽائيٽل مان ڪنيل.
5. پناڻ، محمد علي، (مهاڳ) ”انور، پيرزادي جون ڪهاڻيون“، 2019ع،ص: 10
6. چنا، ننگر، ”ٻلهڙيجي هڪ ڪهاڻي آهي“ ڪتاب ”انور پيرزادي جون ڪهاڻيون“ تي هڪ نظر، ڪاوش سنڌي مئگزين، 2007ع
7. پيرزادو، انور، ”انور پيرزادي جون ڪهاڻيون“ پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي، 2019ع، ص: 23
8. چنا، ننگر، ”ٻلهڙيجي هڪ ڪهاڻي آهي“ ڪتاب ”انور پيرزادي جون ڪهاڻيون“ تي هڪ نظر، ڪاوش سنڌي مئگزين، 2007ع
9. پناڻ، محمد علي، (مهاڳ) ”انور، پيرزادي جون ڪهاڻيون“، 2019ع،ص: 11
10. پيرزادو، انور، ”انور پيرزادي جون ڪهاڻيون“ پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي، 2019ع، ص: 25
11. ساڳيو، ص: 27
12. چنا، ننگر، ”ٻلهڙيجي هڪ ڪهاڻي آهي“ ڪتاب ”انور پيرزادي جون ڪهاڻيون“ تي هڪ نظر، ڪاوش سنڌي مئگزين، 2007ع
13. ساڳيو
14. ساڳيو
15. ساڳيو

انور ڪاڪا

# ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي نثري نظمن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

**Research and critical analysis of the Prose poems of Dr. Mushtaq Phul**

**Abstract:**

Dr. Mushtaq Phul is well known modern poet, writer, translator, columnist and associated with Sindhi Adabi Sangat, Sindh since long and remained as Secretary (central) in the past and presently as well. He is author of books including poetry, prose, some travelodges and prose poetry.

Dr. Phul is a medical doctor by profession. His poetry is sung by many singers, people love to listen to his poetry and songs. He has expressed his thoughts in about all genres of poetry like, prose poetry, ghazal, wai, kafi, free verse, haiku, etc.

This article is about the research analysis of his prose poetry, particulary published in his book "Rastay me Aahyoon" with respect to exploring the art and philosophy of his prose poems.

نثري نظم بنيادي طور جديد نظم جو هڪ قسم آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر شريف شاد سومري لکيو آهي تہ:" جديد دؤر ۾ ويهين صديءَ جي شاعريءَ جي صنفن ۾،جيڪا ترقي جديد نظم ڪئي آهي، سا ڪنهن ٻيءَ صنف شايد نہ ڪئي آهي. جديد نظم جا ڪيئي روپ سامهون آيا آهن،جن مان نثري نظم Prose poem بہ جديد نظم جي صنفن مان هڪ آهي. جديد نظم جا ڪيئي قسم آهن، جن جي سڃاڻپ الڳ الڳ آهي. جيڪي پنهنجي جاءِ تي هڪ مڪمل صنف طور سڃاتا وڃن ٿا.(1)

ڊاڪٽر مشتاق ڦل پابند شاعريءَ ۾ ڪافي نالو ڪمايو آهي. سندس شاعريءَ کي سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور راڳين پڻ ڳايو آهي. سندس سڃاڻپ جو هڪ ٻيو حوالو سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو سرواڻ رهڻ پڻ آهي. ان کان سواءِ پاڻ پنهنجي علائقي ۾ هڪ سٺي ۽ هاڪاري ڊاڪٽر طور بہ مشهور آهي. ترجمي نگار پڻ آهي. پرڏيهي ملڪ گهمي سفرناما پڻ لکيا اٿس. اهي سندس سڃاڻپ جا سڀ حوالا نہ رڳو بيحد اهم پر خوبصورت پڻ آهن. 2019ع ۾ ڇپيل سندس صرف نثري نظمن تي ٻڌل 320 صفحن جي ڪتاب "رستي ۾ آهيان" سندس ذات ۽ ڏات جو نئون تعارف ڪرائي ڇڏيو آهي.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي نثري نظمن جي اڀياس ڪرڻ کان اڳ هن صنف جي تعارف، مختصر تاريخ ۽ عالمن جي وصفن تي هڪ نظر وجهنداسين.

نثري نظم بنيادي طور هڪ اهڙي شعري صنف آهي، جنهن ۾ اهڙي وسعت ۽ انفراديت تي مشتمل خيال يا احساس کي بيان ڪيو ويندو آهي، جيڪو مختلف فني پابندين جي ڪري شاعريءَ جي ڪنهن ٻي صنف ۾ اظهاري نه سگهبو آهي. دنيا ۾ سندس مقبوليت جو وڏو ڪارڻ به اهو آهي ته هيءُ هڪ ته گهٽ ڪري عام فهم زبان ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي، ٻيو ان ۾ فني حوالي سان اهڙي ڪا به مشڪل پابندي ناهي، جيڪا ڪنهن اظهار جا رستا روڪي ۽ خيال ٻين تائين منتقل ٿيڻ کان ڦهريائين هڪ طرح سان مروڙجڻ کان بچي وڃي. جيتوڻيڪ انهن ئي پابندين جي نتيجي ۾ آزاد نظم وجود ۾ آيو، پر دنيا ۾ فرد سان ايترا ته مامرا وڌي ويا، ايترا ته ترقيءَ جي نالي ۾ سندس زندگيءَ ۾ مونجهارا آيا، ۽ خال پيدا ٿيا، جو انهن مان نه رڳو ڪيس نڪرڻو هو، پر وجود جا اهي خال به پرڻا هئا، جيڪي احساساتي سطح تي مناسب اظهار نه ملڻ ڪري وڌيڪ گهرا ٿيندا ٿي ويا. ۽ پوءِ جڏهن نثري نظم جي صنف سامهون آئي ته اظهار جي حوالي سان ٻي چين سندس اندر ڪنهن حد تائين مانو ٿيو ۽ ان نئين اظهار ڪيس تازگي بخشي.

شيخ اياز لکيو آهي ته: "ترنم واري شاعري ۽ ان جي فني خوبين کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. پشڪن کان فردوسيءَ تائين، ڪاليداس کان ليو پارڊي تائين، ترنم واري شاعري انسان جي روح ۾ خنجر وانگر کپي وئي آهي، پر جديد دؤر ۾ نثري نظم شاعري تي رهي آهي. ان کي پنهنجي اهميت آهي. ان جي مرڪزي خيال ۾ اها شعريت آهي جا ترنم جي محتاج نه آهي. جذبات جو ترنم نثر ۾ آڻي سگهجي ٿو."(2)

موضوعاتي حوالي سان ڊاڪٽر مشتاق وٽ درد، سونهن ۽ وڇوڙي سان گڏ رومانيت ۽ جماليات به پنهنجي ڀرپور نون ۽ الڳ الڳ نظارن ۽ عڪسن ۾ پسي سگهجي ٿي. سندس شاعريءَ تي ناميار شاعر ۽ نقاد تاج بلوچ راءِ ڏيندي لکيو آهي ته: مشتاق ڦل جي شاعريءَ جي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هو هڪ خالص جذبي جو شاعر آهي. انسيڊنٽس ۽ ڪوانسيڊنٽس جو شاعر، جذبي کي اوچو خيال ڏيڻ ۽ اوچي خيال ڏيڻ کي گهربل لفظيات ڏئي، پنهنجي اظهار جي ابلاغ لاءِ لاڳيتار پاڻ پتوڙيندڙ شاعرآهي. مطالعي جي ڀيٽ ۾ مشاهدي تي دارومدار رکي ٿو."(3)

سندس شاعريءَ تي ڪهاڻيڪار ۽ نقاد عزيز قاسماڻي راءِ ڏيندي لکيو آهي تہ: ”ڊاڪٽر مشتاق ڦل هن صديءَ ۾ جديد نظم جو اهم شاعر آهي، جنهن جي نظم جي فڪري پختگي سميت هن جي مشاهداتي انداز، خيال جي وسيع اڻت جي ڪري هن اهم شاعر طور ڄاڻ ناهي ورتي آهي.“(4)

ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي شاعريءَ تي محقق ۽ نقاد پروفيسر ڊاڪٽر شير مهراڻي لکيو آهي: ”ڊاڪٽر مشتاق جي شاعري نہ صرف فطرت، تخيل، ۽ وجدان جو عمل دخل آهي، پر هو انهن عنصرن ۾ تجديد ڪري ٿو. هو فطري منظرن مان سونهن جا سمورا عڪس ڪٽي، انهن کي فرد جي داخليت سان جوڙي وجداني سطح تي انهن جو اظهار ڪري ٿو.“(5)

هو پنهنجي ان ساڳئي ئي مضمون ۾ اڳتي بہ ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي شاعريءَ تي هڪ وڏي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ: ”ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي نثري نظمن سنڌي ادب ۾ اها جاءِ والاري آهي، جيڪا جمال ابڙي جي ڪهاڻين سنڌي ڪهاڻين جي تاريخ ۾ والاري آهي. ٻنهي وٽ عميق تجربا آهن. ٻنهي وٽ درد پهريون موضوع آهي ۽ ٻنهي وٽ فرد اهم آهي. ٻنهي ۾ فرق آهي تہ رڳو ايترو تہ هڪ ڪهاڻين ۾ نثري نظم لکي ٿو ۽ ٻيو نثري نظمن ۾ ڪهاڻيون لکي ٿو.“(6)

نقاد ضياءَ ابڙي ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي شاعريءَ تي راءِ ڏيندي لکيو آهي تہ: ”ڊاڪٽر مشتاق فرد جي حسياتي، حياتياتي ۽ سماجي مشاهدي کي چٽي طريقي سان پنهنجي تخليقي سگهہ ۾ ڪتب آندو آهي. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو گهڻي عرصي تائين سرواڻ رهندي، هن پنهنجي تخليقي، فني ۽ فڪري ڏارائن کي نئين منظرنامي سان پيش ڪيو آهي. خاص طورهن پنهنجي نثري نظم ۾اڄ جي زرعي ۽ صنعتي سماج جي احساسن کي اٿيو آهي. هن دنيا جا مشاهده ڪيا آهن ۽ انهن کي مقامي مٽيءَ ۾ ڳوهي، ان ۾ ڌرتيءَ جي سرهاڻ اوتي، سنڌجي هوائن ۾ ڦهلائي ڇڏيو آهي.“(7)

ڊاڪٽر مشتاق ڦل جو ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ تي هن طرح تعارف ڏنل آهي: ”پيءُ جو نالو خان محمد ڦل هو. هن هڪ هاريءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ننڍپڻ ۾ لاابارو ڪيو، ڳاه ڳاهيو، رات جي وڳڙي ۾ فصل کي پاڻي بہ ڏنو تہ ڏاڪ منجهند جو مال بہ چاريو. هن مٿي تہ پور بہ ڪنيا تہ ننڍي هوندي ڪير وڪڻي پنهنجي پڙهائيءَ جو خرچ بہ ڪڍيو. علم ادب، راڳ رنگ، صوفياڻي مزاج واري شهر ٽالپر وڏا جي ڀڪ ۾ ڳوٺ محمد حيات ڦل جتي سهراب فقير ڪان وني صوفي علي محمد فقير ٽالپر، غلام

محمد فقير ٽالپر، فقير نظر علي ڦل، ڪرم ٽالپراحمد ٽالپر جهڙن شاعرن سان گڏ ڪيترن ئي شاعرن ۽ سگهڙن اک کولي. مشتاق ڦل جو جنم به ان ننڍڙي ڳوٺ ۾ ٿيو. مشتاق ڦل جي وڏڙن ۾ صوفي نظر علي فقير، محمد حيات ڦل پڻ شاعري ڪندا هيا، جن مان نظر علي فقير جو ته ڪتاب پڻ ڇپيل آهي. هن پرائمري تعليم ۔ پرائمري اسڪول ٽالپر وڏا، مئٽرڪ ۔ هاءِ اسڪول ٽالپر وڏا تعلقو ڪوٽڏجي ضلعو خيرپور، انٽرسپيريئر سائنس ڪاليج خيرپور، ايم بي بي ايس، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو، ايم اي سوشيالاجي، شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪيائين. جڏهن ته هينئر پيپلز ميڊيڪل يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز نواب شاهه ۾ اينيسٿيزيا جي شعبي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي .سندس به شاعريءَ جا ڪتاب "هوءَ مان ۽ ڄامشورو" ۽ "دل ته چوي ٿي"، ترتيب ڏنل ڪلنگيءَ جو پار، قومي ٻولين جو سوال ۽ سنڌ (ترتيب)، سفرنامو "شاعر جي اک سان آمريڪا جا عڪس ڇپجي چڪا آهن ۽ سندس هڪ ٻيو سفرنامو" يورپ ياترا "پڻ ڇپائي هيٺ آهي .سندس شاعري ڪيترن ئي شاعرن ڳائي آهي جن ۾ سرمد سنڌي، شفيع فقير، غلام علي سنڌيلو، برڪت ٻٽ، صادق فقير، سليم رضا ڪنير، احمد مغل، نظير سمون، رحمت علي، اختيار چاڪراڻي ۽ ٻيا شامل آهن. شفيع فقير جي آواز ۾ "ڄامشورو اسان جي پرينءَ جو شهر" ۽ سرمد جي آواز ۾ "چنڊ مونکان نه پڇ آئون ڇو ٿو روئان" ۽ سنڌ جي ڳاڙهي جهنڊي وانگي، ڏاڍو پيارو لڳندو آهين "سندس مشهور گيت آهن جيڪي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن ۾ مشهور آهن. هو 1978ع کان سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر رهيو آهي جڏهن انين جماعت ۾ پڙهندو هيو. سندس پهرين ڪهاڻي ٻاراني رسالي گل ڦل ۾ 1978ع ۾ ڇپي، جڏهن ته سندس پهريون غزل عبرت مئگزين ۾ ڇپيو. مختلف وقتن تي سڀ کان پهريان ٽالپر وڏا شاخ، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو شاخ جو ميمبر رهڻ بعد هينئر ڪنب شاخ جو ميمبر آهي. 2004ع ۾ پهريون ڀيرو ساس جي مرڪزي چوندڻ ۾ حصو وٺڻ ۽ هارائڻ ڪانپوءِ 2006ع ۾ وڏي اڪثريت سان جوائنٽ سيڪريٽري ۽ 2010ع ۾ پهريون ڀيرو، 2012ع ۾ ٻيو ڀيرو ۽ 2014 ۾ ٽيون ڀيرو لڳاتار سيڪريٽري جنرل چونڊجي آيو. ڊاڪٽر ڦل کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته هو سنڌي ادبي سنگت جو لڳاتار ٽي ڀيرا چونڊيل پهريون سيڪريٽري جنرل هجڻ سان گڏ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽريٽ جيڪا اختر ڪاٽيجز قاسم آباد حيدرآباد ۾ آهي. ان جي نئين سر پيڙه جو پٿر رکڻ سان گڏ جوڙائي مڪمل ڪيو. سندس دؤر

۾ سنڌي ٻولي قومي ٻولي مهم زور شور سان جاري رهي ۽ لڳاتار ٽي پيرا قومي اسيمبليءَ جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ تائين بل به پهتو ۽ سنڌ اسيمبليءَ مان قرارداد به منظور ٿي. سندس ئي دور ۾ ملڪ کان ٻاهر ڪئناڊا ۽ آمريڪا ۾ به شاخن جو قيام عمل ۾ آيو آهي. هو سنڌي ادبي سنگت سان گڏ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن توڙي روٽري انٽرنيشنل جو نه صرف ڪارڪن رهيو آهي پر اهم عهدن تي به رهيو آهي. ان ڪري ڊاڪٽر ڦُل جي سڃاڻپ هڪ شاعر، ترجمہ نگار، سفرناما نويس ۽ نثر نگار، ڪالم نگار سان گڏ هڪ سماجي ڪارڪن ۽ اڳواڻ واري پڻ رهي آهي."(8)

هتي ڊاڪٽر مشتاق ڦُل جي ڪجھ چونڊ نثري نظمن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو پيش ڪجي ٿو:

من ڪي گل ٽڙي پون!

هن مون ڏي ميسيج ڪيو آهي تہ
تنهنجا نظم
بڪايل جو پيٽ بہ نٿا ڀري سگهن
تنهنجا نظم هڪ بيواهہ عورت جي
ٻارن جي في ڀرڻ جي قابل بہ ناهن!
تنهنجا نظم
سترهن ڏينهن کان وارڊ ۾ تڙپندڙ
بنا سفارش واري مريض کي
آپريشن جي لسٽ تي بہ نٿا رکرائي سگهن!
منهنجا نظم
لڙڪ لڙڪ ٿي وسي رهيا آهن
ان اميد سان تہ
من ڪي تازا گل ٽڙي پون!(9)

ادب جي دنيا ۾ بہ نظريا شروع کان هڪٻئي جي متضاد رهيا آهن. هڪ ادب براءِ ادب ۽ ٻيو ادب براءِ زندگي. ادب براءِ ادب، اهو ادب هوندوآهي، جنهن ۾ عشق، محبت، پيار، انسيت، رغبت مطلب رومانيت ۽ جماليات هوندي آهي ۽ شاعريءَ جو محور محبوب جو وجود، ان جون يادون، ان جون ڳالهيون، ان جا ماڻا، ان جون ادائون ۽ ان جا عڪس هوندا آهن. جڏهن تہ ادب براءِ زندگيءَ جو ڪئنواس بيحد وسيع آهي. ترقي پسند تحريڪ جو بہ اهوئي بنيادي نعرو آهي. سندن چوڻ آهي تہ جيستائين ادب

زندگيءَ جي ڳالهہ نٿو ڪري، ان جي مختلف معاملن ۽ مامرن بابت خيال آرائي نٿو ڪري، تيستائين اهو ادب ڪم جو ناهي.
هن نظم ۾ادب براءِ زندگيءَ جا سڀ عڪس موجود آهن. اهو ادب جيڪو بکايل جو پيٽ نٿو ڀري سگهي، بيواهہ جي ٻارن جي في ڀرڻ جي بہ قابل ناهي، جيڪو سترهن ڏينهن کان وارڊ ۾ آپريشن جي انتظار ۾ وينٽ بنا سفارش واري مريض جو آپريشن جي لسٽ تي نالو چاڙهائي نٿو سگهي، جيڪو روئنڊز ٻار لاءِ رانديڪو بہ نٿو ٺي سگهي، جيڪوڳورهاري عورت جو الٽراسائونڊ بہ نٿو ڪري سگهي، جيڪو ساهہ جي تڪليف وقت نيبولائيزر وارو بہ ڪم نٿو ڏئي سگهي. تہ پوءِ ان ادب جو ڪهڙو ڪارج آهي؟ ان سوال تي جڏهن شاعر سوچي ٿو تہ سندس نظمن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي وڃن ٿا. نظمن مان ڳوڙها ٽمڻ هڪڙي علامت آهي تہ جيڪڏهن نظمَ ٽٽل دلين، ڀڳل روڊن، ويران اسڪولن، بيمار ٻارن، بيواهہ عورتن، معذرون ماڻهن، سرڪاري اسپتالن، وڏيون فيون وٺندڙ ڪميشن خور طبيبن، عطائي ڊاڪٽرن، روڊ حادثن، ماءُ جي يادن، ٻوليءَ جي بقا، ۽ ماڻهن جي روين تي ماتم نٿا ڪري سگهن تہ اهي ڪنهن ڪم جا ناهن.

هر ڊاڪٽر شاعر هجي
منهنجون اوجاڳيل اکيون
جيڪي منهنجي ماءُ،
منهنجي زال،
توڙي جو منهنجي ڪلاس فيلو
محبوبا کي ڏاڍيون وڻنديون آهن
خدا شايد مونکي سمهڻ خاطر
عطا ناهن ڪيون!
”آءِ، سي، يو“ جي بستري ڀرسان
مانيٽرن جا آواز
مونکي هنن جي بچي وڃڻ تي
سماج جي ڪنهن سڄاڻ عورت جي
هڪ اهڙي آخري چُمي گهرجي
جيڪا ورهين پڄاڻان
امان منهنجي اکين تي ڏيندي

منهنجي من ۾
احساسن جي هڪ نئين دنيا اوتي هئي!
مان اجان به جاڳان ٿو
هنن جي ٻچي وڃڻ تي
جيڪر هر گهر جي ماءُ جي من مان
اها آس اپري ته
هر شاعر ڊاڪٽر هجي ۽ هر ڊاڪٽر شاعر هجي.(10)

هي هڪ اهم ۽ بي انتها خوبصورت احساساتي نظم آهي، جيڪو ٻن حصن تي مشتمل آهي. پهرئين حصي ۾انهن ٻن عورتن جو درد آهي جيڪي پهرئين ٻار کي جنم ڏيڻ وقت رت جي ضايع ٿيڻ سبب موت سان مهاڏو اٽڪائي بيٺيون آهن. ۽ ساڻن صرف پنهنجو هڪ هڪ مرد گڏ آهي. اتي ڊاڪٽر سوچي ٿو، ڇا سندن اهو مرد انهن لاءِ اچي ۽ تازي رت جون ڏهه ٻارهن بوتلن جو بندوبست ڪري سگهندو؟ جن کي فائيل به نهرائڻا آهن ته رپورٽون به ڪرائڻيون آهن، ۽ پل پل جي موبائيل تي ڳوٺ خبر به ڏيڻي آهي.

ڊاڪٽر مشتاق ڦل جيڪو پيشي جي لحاظ کان هڪ ميڊيڪل ڊاڪٽر آهي، اهو واضح ٻڌائي ٿو ته اسان جو هي سماج عورت جي حق ۾ بلڪل به ناهي، نه وري اهو ان جي درد کي ڪو درد سمجهي ٿو. حالت اها آهي جو ڪا عورت بيمار ٿئي ته مجموعي تاثر اهيو هوندو آهي ته مڙئي خير آهي، دوا درمل کان سواءِ ئي پاڻهي ٺيڪ ٿي ويندي. اتي جي انهن عورتن ٻدران ڪو مرد مريض هوندو آهي ته ان سان جڻ سڄو ڳوٺ ئي گڏ هوندو آهي. پر عورتن سان گهڻو ڪري صرف هڪ ئي مرد گڏ هوندو آهي، جيڪو شايد سندس مڙس هوندو آهي. ڊاڪٽرن جي اڪثريت به ساڳئي سماج واري ئي سوچ جي نمائندگي ڪندي نظر ايندي آهي، ان ڪري شايد انهن لاءِ به عورت جي بيماري يا ڪا تڪليف مڙئي خير هوندي آهي. هن نظم ۾ ڊاڪٽر مشتاق ڦل، انهن ٻن عورتن سان جيڪو هڪ هڪ مرد گڏ ڏيکاريو آهي، لڳي ائين ٿو اهو گهڻو ڪري سندن مڙس هوندو. پر حقيقت ته اها آهي، اهڙن موقعن تي پاڻ کي ڪنڌار سمجهندڙ اڪثر مڙس پنهنجن زالن کي ڪنهن نه ڪنهن بهاني به ڇنبا هڻي يا ٻيو ڪو بهانو ڪري، سندن مائٽن ڏي روانا ڪري ڇڏيندا آهن. ۽ پوءِ ان حالت ۾ سندن سار مجبورن ماءُ پيءُ يا وري ڪو سدورو ڀاءُ ئي ڪندو آهي. اهو پڻ هڪ الميو آهي.

هن نظم جي ٻئي حصي ۾ شاعر چئي ٿو ته آئون جاڳندس، ان وقت تائين جيستائين اهي عورتون زندگيءَ ۽ موت جي ان جنگ ۾ موت تي

فتح حاصل ڪري نٿيون ونن ۽ زندگيءَ جي مرڪ سندن ڇهري ۽ چپن تي نٿي اچي. ان ڪان پوءِ هو دعا گهري ٿو ته شل! اهڙو احساس هر ماڻهوءَ وٽ هجي ۽ هر ڊاڪٽر شاعر هجي ۽ هر شاعر ڊاڪٽر هجي، ڇو جو سندس خيال آهي ته اهو احساس صرف هڪ شاعر ئي محسوس ڪري سگهي ٿو، جيڪو پنهنجي وجود ۾ ڏاڍو حساس ٿيندو آهي. اهوئي انهن بيمارعورتن جي اکين جو درد پڙهي ۽ محسوس ڪري سگهي ٿو. ان ڪري ئي سندس اها تمنا آهي ته هر شاعر ڊاڪٽر هجي ۽ هر ڊاڪٽر شاعر هجي. پر سندس ان خيال سان اتفاق نٿو ڪري سگهجي ته جيڪڏهن ڪو شاعر ڊاڪٽر هوندو ته، اهو ٻين ڊاڪٽرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بيمارن جو درد محسوس ڪندو. اصل اهم ڳالهه اها آهي ته صحيح علاج ٿئي ۽ ان لاءِ سڀ کان پهرين ته بيماريءَ جي تشخيص ٿيڻ بيحد ضروري هوندي آهي. رڳو خالي همدري ته ڪنهن مريض کي شفاياب نه ٿي ڪري سگهي نه. بهرحال، هن سموري نظم ۾ ڊاڪٽر مشتاق ڦل عورت خاص ڪري سنڌ جي عورت جو درد پنهنجي جيءُ سان محسوس ڪري، پوءِ پنهنجي پڙهندڙ کي محسوس ڪرائڻ چاهيو آهي، جنهن ۾ هو ڪامياب به نظر اچي ٿو.

نئون سج اڀرندو
۽ هن جي پوڙهي ماءُ جي
اداس اکين ۾ نئون سج اڀرندو!
مان بار روم کان ٻاهر نڪتس
منهنجا وڏي هوٽل ۾ پڙهيل سڀ نظم
جيڪي مون وزيرن، مشيرن
اڳيان پڙهيا هئا، اهي مون تي کلڻ لڳا! (11)

هن نظم ۾ به ڊاڪٽر مشتاق ڦل دراصل شاعريءَ يا ادب جي سماجي ڪارج تي ڳالهايو آهي، جنهن تي هر دؤر ۾ بحث ٿيندو رهندو آهي ۽ شايد اڳتي به ٿيندو رهندو. ان سلسلي ۾ ڪن ڏاهن جو اهو چوڻ آهي ته شاعريءَ جو هجڻ ئي ان جو ڪارج آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪارج ناهي، پر ڊاڪٽر مشتاق ڦل ان جو اسان کي ڪارج ٻڌائي ٿو ته، نظم ۾ جيڪا خوبصورت وڪيلياڻي هئي ۽ ڪنهن حسين شاعره جو پهريون نظم لڳي رهي هئي. ان دوران هو نظم ۾ وڪالت سان وابسته ڪن منظرن جي منظرنگاري پڻ پيش ڪري ٿو، جيئن سينيئر وڪيل جو سگريٽ پيئڻ، ٽيبل تي صوفن، آڙوئن ۽ انگورن جو هجڻ. پوءِ ٻڌائي ٿو ته اها خوبصورت

وڪيلياڻي جيڪا فائيل ۾ گم نظر اچي ٿي، اها دراصل هڪ بي گناهه ڇوڪريءَ کي ڦاسي گهاٽ تان بچائڻ چاهي ٿي، جيڪا پنهنجي مڙس کي قتل ڪرڻ جي ڪوڙي ڪيس ۾ ستن سالن کان اڳ ئي بي گناهه قيد ڪاٽي رهي آهي. پر اها هيءَ ڏينهن تي ٻاهر نڪري آزاد فضا ۾ ساهه کڻي سگهندي.

اهي سڀئي تجربا آهن، جيڪي ڊاڪٽر مشتاق جا ذاتي محسوس ٿين ٿا ۽ انهن ذاتي تجربن ۾ هو ڏک کي پوئي ٿو ۽ پنهنجي جاڳ جو بيان ڪري ٿو ۽ سندس اها جاڳ دراصل بلب جي اها روشني آهي، جيڪا رات سان ڳالهيون ڪندي آهي ۽ هتي رات مان مراد آهي، اهي فرد جن جو جيون سارو سور آهي، جيڪي تڪليفن ۽ اذيتن ۾ آهن. ۽ ڊاڪٽر مشتاق ڦل جون ساڻن اهي ڳالهيون دراصل سندن دردن جون دوائون آهن. پر ڏک جي ڳالهه اها آهي تہ هن سماج ۾ ڪي اهڙا ڇوڪرا يا فرد آهن، جيڪي روشنيءَ تي نہ صرف آڱريون کڻن ٿا، پر ان کي ختم ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪن ٿا. هن نظم کي جيڪڏهن جاڳ ، همدردي ۽ جدوجهد جو نظم سڏجي تہ بہ غلط نہ ٿيندو، جيڪا دراصل هڪ حساس سوچيندڙ فرد جي پوڄنا آهي.

توکي ڇا چوان؟
۽ ها توڏي روز جيان
نظم موڪلڻ ئي وسري ويو هو.
هاڻي هاڻي
تنهنجو ميسج پهتو آهي تہ
لکڻ شروع ڪيو اٿم
نظم لکان ٿو تہ
تنهنجون اکيون ٿيون
ياد اچن!
تون ايترو ڇو روئندي آهين؟
تنهنجو مڙس
توسان گڏ تہ رهي ٿو!
مونکي تنهنجون اکيون
وڻنديون آهن
تون اهڙيون تصويرون موڪلي
منهنجن

نظمن کي وڏيڪ روئارڻ بند ڪر
مان پنهنجن پڙهندڙن کي
پاڻ جيترو روئارڻ نٿو چاهيان!(12)

هن نظم ۾ ٻن عورتن جي ذات جو الڳ الڳ درد سمايل آهي. پر سندن ان درد جي پنيان اڪيلائي جو ئي عنصر شامل آهي. جنهن کي جدائيءَ جو سور بہ چئي سگهجي ٿو. هڪ عورت اها آهي، جيڪا ور سان گڏ هوندي بہ گڏ نہ آهي ۽ ٻي اها عورت آهي، جنهن جو مڙس پئسا ڪمائڻ پرديس هليو ويو آهي. ڏٺو وڃي تہ ڪمائڻ ڪو خراب يا نامعقول عمل ناهي، ڪير ان کي غلط بہ ناهي سمجهندو، پر اهو پنهنجي پنيان بہ ڏاڍا ڏک وارا منظر ڇڏي ويندو آهي. ڪنهن شخص جي پرڏيهہ هليو وڃڻ تي ماءُ پيءُ ۽ خاص طور تي سندس گهر واري سندس ان جدائيءَ کي ڏاڍو پوڳيندي آهي. اها جدائي بہ ادب جو سدائين اهم موضوع رهي آهي. اسان وٽ خاص ڪري سنڌ ۾ شاهہ لطيف جو ”سر سامونڊي“ ان جو وڏو مثال آهي. جنهن ۾ شاهہ لطيف جهڙيءَ ريت وڻجارن جي گهر وارين جي اڪيلائي جا احساس، جذبا ۽آهون پريون آهن، ان جو گهٽ مثال ملندو.

مٽين ٻولن ۾ جيڪو درد پريل آهي، اهو ڪنهن بہ حساس فرد کي نهوڙي رکي ٿو خاص ڪري انهن لفظن ۾ تہ مان تہ پيءُ آهيان، منهنجو چاهي؟ منهنجو خير آهي؟ تنهنجي ماءُ جو حال ڏاڍو خراب آهي؟ پر اصل ڏک لڪل ئي انهن لفظن ۾ آهي تہ مان تہ پيءُ آهيان، يعني منهنجي ڏک جو خير آهي؟ پڇي بہ ڪير ٿو پيءُ جي درد کي؟ ۽ هتي هڪ ئي وقت انهن سڀ ڳالهيون کوڙ ٿيون لڳن تہ پيءُ اولاد جي جدائي برداشت ڪري ويندو آهي، پر ماءُ ناهي ڪري سگهندي. ائين آهي ئي نہ. جيڪڏهن ماءُ سؤ سختيون سهي ٿي تہ پيءُ هڪ سؤ کان وڏيڪ تڪليفون سختيون سهي، پنهنجي اولاد لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪرڻ چاهيندو آهي. ۽ اڪثر جائدادون بہ پيئر ئي ڇڏي ويندا آهن. پر مٽئين گيت ۾ اڳتي هڪ دردناڪ سٽ آهي، جنهن ۾ پيءُ پنهنجي پٽ کي چئي ٿو تہ، تنهنجي زال جيڪا منهنجي خدمت ڪري ٿي، اها ويچاري پنهنجي شڪل صورت ۾ بہ هاڻي ڪنهن بيوهہ جيان لڳندي آهي. سو چوڻ جو مطلب آهي تہ پلي ٻاهر پرديس وڃڻ گهرجي، ڪمائڻ سني ڳالهہ آهي، پر پوءِ اهي ڳالهيون، اهي ڏک بہ برداشت ڪرڻا پوندا. جيڪي ڪنهن فرد جي جيئري هوندي ان جا ماءُ پيءُ، ننڍي عمر وارو اولاد ۽ زال سهي ٿي.

ساڳيو درد ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي هن نظم جي پوئين حصي ۾ به موجود آهي، جيڪو ان پريل بت، بلوري اکين ۽ جاڙن پرن واري سهڻي ڇوڪري جو آهي، جنهن جو ور پرڏيهه ڪمائڻ لاءِ ويل آهي. جنهن جي انتظار ۾ هوءَ آلي ڪانيءَ جيان ڌُکي رهي آهي. وڇوڙي ۽ رومانيت جي احساسن سان ڀرپور هن نظم جو موضوع به عورت جي اڪيلائي تي مبني آهي.

**نتيجو:**

مجموعي طور ڊاڪٽر مشتاق ڦل جا نظم سندس تجربي ۾ آيل سچن ۽ ڏکوئيندڙ واقعن جي ردِعمل ۾ لکيل محسوس ٿين ٿا ۽ ڊاڪٽر شير مهراڻي جي ان بيان ۾صداقت محسوس ٿي رهي آهي ته هو پنهنجن نظمن ۾ ڪهاڻيون بيان ڪري ٿو. پر هتي ائين ان ۾ اهو به اضافو ڪجي ٿو ته انهن ڪهاڻين نما نظمن جا ڪردار، نه رڳو سندس ڏٺل محسوس ٿين ٿا، پر هن سان ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان وابسته به رهيا آهن ۽ ڊاڪٽر مشتاق سندن اکين جي ويراني ۽ انهن ۾ سندن ڏکن جا پاڇا ۽ محروميون ڏسي، ڪين جيئن جو تيئن پنهنجي نظمن جو ڪردار بڻائي، گهڻ ۾گهڻ اهو ضرور ڪيو آهي ته خدانخواسته جيڪڏهن هو سندن ڏکن جي دوا ناهي ڪري سگهيو ته سندن ڏکن کي سندن ذات مان ٻاهر ڪڍي عالمگير بڻائي ڇڏيو آهي ۽ انهن ڏکن جا وارث رڳو هو هاڻي اڪيلا پاڻ نه، پر هر پڙهندڙ سندن انهن ڏکن ۾ ساڻن برابر جو شريڪ آهي، جيڪو هڪ وڏو آٿت آهي. ڊاڪٽر مشتاق کي ان ڳالهه جو به داد ڏيڻو پوندو ته هو جنهن مسيحائي پيشي سان لاڳاپيل آهي، هن کي سماج ۾ ماءُ پيءُ جو رتبو آهي، انهن ۾ جيڪي ڪاريون رڍون آهن، جيڪي ٻن پئسن جي لالچ ۾ اچي نه رڳو پنهنجو دين ايمان ڪپائين ٿا، پر پنهنجي ديس جي معصوم مريضن جي زندگين سان به کيڏن ٿا. انهن کي هن پنهنجي نظمن ۾ وائکو ڪيو آهي. باقي ڊاڪٽر مشتاق ڦل جي ان ڳالهه سان اتفاق نٿو ڪري سگهجي ته هر شاعر کي ڊاڪٽر هجڻ گهرجي ۽ هر ڊاڪٽر کي شاعر هجڻ گهرجي. اصل ڳالهه ذميواري محسوس ڪرڻ جي آهي. جيڪڏهن اهو هر ڊاڪٽر محسوس ڪري ٿو ته اهو ڀلي شاعر نه هجي، ان سان ڪهڙو ٿو فرق پئي؟ ۽ ان ڳالهه جي ڪهڙي ضمانت آهي ته هڪ شاعر، هڪ سنو شاعر هجڻ سان گڏ هڪ

سنو ۽ ذميدار ڊاڪٽر بہ ٿي سگهي ٿو. حساسيت جو نيڪو رڳو لطيف فنن سان وابستہ ماڻهن ناهي ڪنيو. اهو تہ ڪير بہ ٿي سگهي. ٻيو سندس نظم پڙهندي هر پيري اهو احساس ٿئي ٿو تہ هن جا نظم گهڻو ڪري پنهنجي ئي پيشي جي ڪردارن تي ٻڌل آهن، ٻين موضوعن کي گهٽ ڇهي ٿو. بيشڪ وٽس رومانيت ۽ جماليات بہ سرس آهي، پر گهڻو ڪري اها بہ درد جي تيز وهڪري ۾ ٻڏي ويل محسوس ٿئي ٿي، پر ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هو پنهنجن طويل نثري نظمن کي بہ ڪو نہ ڪو خوبصورت موڙ ڏيڻ ۾ ضرور ڪامياب نظر اچي ٿو، جنهن سان پڙهندڙ کي جماليات سان گڏ سوچڻ لاءِ ٻيا ڪي نڪتا پڻ ملي وڃن ٿا، جيڪي دراصل شعور جا ڪرڻا آهن.

## حوالا:


1. سومرو، شريف شاد،ڊاڪٽر، نثري نظم جو مختصر تاريخي پسمنظر، ٽماهي مهراڻ2/نمبر، 2013ع، ص: 52
2. جويري، نند، چواٽي تي، مهاڳ (شيخ اياز)، ديپشڪا پبليڪيشن، انديا، 1991ع،
3. بلوچ، تاج، جديد ادب جو تجزيو، سوجهرو پبليڪيشن ڪراچي، 2014ع، ص: 70
4. ڦل، مشتاق، رستي ۾ آهيان، (مهاڳ)عزيز قاسماڻي، سچائي اشاعت گهر، دڙو،2019ع، ص: 31
5. ڦل، مشتاق، رستي ۾ آهيان، (راءِ)ڊاڪٽر شير مهراڻي، سچائي اشاعت گهر، دڙو،2019ع، ص: 32
6. ساڳيو، ص: 36
7. ڦل، مشتاق، رستي ۾ آهيان،(فليپ) ضياءُ ابڙو، سچائي اشاعت گهر، دڙو،2019ع
8. books.sindhsalamat.com/author/557/
9. ڦل، مشتاق، رستي ۾ آهيان، سچائي اشاعت گهر، دڙو،2019ع، ص: 252-253
10. ساڳيو، ص: 248-249
11. ساڳيو، ص: 40-41
12. ساڳيو، ص: 57-59

ڊاڪٽر الهوسايو
ڊاڪٽر رقيہ عامر

# سيد انور علي شاهہ ۽ حضورڻ سائينءَ جي شاعريءَ جو مختصر جائزو

**The short analysisof the Poetry of Syed Anwer Ali Shah and Huzooran Sain**

**Abstract:**

Sindh and its every part is full of Sufi thoughts and sufi poets. The well known and the most famous Sufi poets of Jahanpur Shareef are Sayed Anwar Ali Shah and Sayed Hazoor Bux Shah (Hazooran Sain). Jahanpur Shareef is a popular village of district Ghotki ,Sindh .Sufi Faqeer Sayed Anwar Ali Shah (1906-1961) and Hazooran Sain (1941-2005) both have composed their poetry in Sindhi, Seraiki, Urdu, Hindi, and Persian. Their poetry collections have been published. The collection of poetry of Sufi Faqeer Sayed Anwar Ali Shah is known as 'Anwar Sain Jo Risalo' while the poetry collection of Hazooran Sain have been published in 5 different books, Which are' .1 ;Sajjan jee yaad Mein'. 2. 'Saagar' 3.'Deewan-e-Hazoor' 4.'Saaghar Mein Sammandar' 5.'Eho Neenhn Naheen Aj Kal Da.'

Their whole poetry is full with the humanism. In this research paper we have explored the the poetry and the thought of the both poets.

صوفي بزرگ هر دور ۾ موجود رهيا آهن .صوفي فڪر جي آغاز جو سلسلو تمام قديم دورن ڪان ملي ٿو. دنيا جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ صوفي بزرگن جي تاريخ مسلمانن جي حوالي سان چوڏهن سو ايڪيتاليهہ 1441سال قديم آهي. عيسائين جي حوالي سان اها بہ هزار ٻاويهہ 2022 سال قديم آهي ۽ سنڌ جي حوالي سان صوفي فڪر جي تاريخ موهن (مهين) جي دڙي جي قديم تهذيب جيتري قديم آهي. هونئن بہ تصوف جي تاريخ مان اها ثابتي ملي آهي تہ صوفين جو ذڪر اسلام جي شروعات ڪان پهريائين دنيا ۾ ملي ٿو .

”مڪي مڪرمہ جي تاريخ بابت هڪ ڪتاب، اخبار مڪہ ۾ محمد بن اسحاق بن يسار ۽ ٻين راوين ڪان روايت آهي تہ، دين اسلام ڪان اڳ ۾ مڪہ مڪرمہ تي، هڪ اهڙو دور بہ آيو هوتہ بيت الله جي طواف ڪرڻ لاءِ ڪوبہ نہ هو، اهڙين حالتن ۾ ڪنهن تمام پري واري ماڳ ڪان هڪ صوفي ايندو هو ۽ طواف ڪري واپس هليو ويندو هو“(1).

صوفياء ڪرام جي باري ۾ڪجھ مختلف وصفون ٻڌايون وڃن ٿيون. ڪي انھن کي معقوليت جي دائري کان ٻاهر وٺي وڃن ٿا، ڪي انھن کي جھالتن کان اڪيون ٻُوتي رکڻ جو نالو ڏين ٿا. ڪي انھن کي تقويٰ، تڪشن اوني بي تڪلف پاڪيزه گفتگو ڪرڻ ۽ پاڪيزه لباس پھرڻ وغيره جھڙا نالا ڏين ٿا ۽ ڪي وري انھن جي ٻيٽ الحاد ۽ گمراھيءَ سان ڪن ٿا. بھرحال هڪ اهڙي وصف جنھن تي سڀ مڪتب فڪر وارا مطمئن ۽ راضي ٿي سگھن ٿا سا هيءَ آهي تہ، صوفي بزرگ الله جي راھ تي هلندڙ هوندا آهن، نفرتن کان پري ڪندڙ هوندا آهن. عام ٻلائيءَ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ وارا هوندا آهن. اُهي هر ڪم ۾ رب جي رضا جا ڳولائو هوندا آهن ۽ اعليٰ اخلاق جا نادر نمونا هوندا آهن.

صوفي بزرگن جي خصلتن ۾ هي بہ شامل آهي تہ اهي اولياء ڪرام جا پوئلڳ هوندا آهن. انھن جي ويجھوخاص مقام حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ حق جي اصليت ڄاڻڻ لاءِ هميشہ ڪوشش ۾ رُڌل هوندا آهن ۽ اهي سڀ ڪجھ قلب ۽ روح جي مڪمل توجھہ، نفس ڪشي، حق جي راھ ۾ زندگي تي موت کي ترجيح ڏيڻ، عزت جي بدران الله جي خاطر ذلت کي قبول ڪرڻ جا ايثار، مراد پائڻ لاءِ آسائش جي جڳھ اهنج ۽ حق جي ارادي کي پنھنجو ارادو تصور ڪرڻ سان گڏ حاصل ڪندا آهن. اهي هر وقت الله کي دل جي صدق سان ياد ڪن ٿا ۽ پنھنجي هر ڪم ڪار کي الله مٿان ڇڏين ٿا، ان آڏو سر نِوائن ٿا ۽ ان جي سھاري هر قوت ۽ خوف کان پاڻ کي محفوظ رکندا آهن.

صوفي بزرگ الله پاڪ جا نوازيل ۽ پسنديده ٻانها هوندا آهن ۽ الله پاڪ پنھنجي مرضيءَ سان انھن کي ظاهر يا پوشيده ڪريٿو. صوفياء ڪرام پنھنجي عقل ۽ قلب کي مصائب ۾ ثابت قدم رکن ٿا. نفس سان جھاد ڪن ٿا، پنھنجي ظاهر ۽ باطن کي پاڪ صاف رکن ٿا. ”ابوالحسين نوريرح فرمائن ٿا تہ صوفي اهو آهي، جيڪو سماع ٻڌندو آهي ۽ اسباب کي تابع ڪري وٺندو آهي. شام ملڪ وارا صوفياء کي فقراءِ جي نالي سان سڏيندا آهن. اهي چون ٿا تہ الله پاڪ بہ قرآن مجيد ۾ صوفياء کي فقراء جي نالي سان پڪاريو آهي“(2).

صوفياء ڪرام تصوف جا مبلغ ۽ امين هوندا آهن. جھڙيءَ طرح صوفيءَ لاءِ مختلف وصفون ۽ معنائون ملن ٿيون، اهڙي طرح تصوف لاءِ بہ مختلف وصفون ۽ معنائون ملن ٿيون.

”تصوف جي حقيقت جي باري ۾حضرت جنيد بغداديرح جي استاد محمد بن علي القصابرح جو فرمان آهي تہ، تصوف، رسول الله صلي الله

عليہ وآلہ وسلم جن جي ان اعمال جو نالو آهي، جيڪو پاڻﷺ هڪ مبارڪ عهد ۾ شريفن ۽ صالحن جي هڪ گروھ جي آڏو سرانجام ڏنو.....حضرت جنيد بغداديرح مطابق، تنهنجي ۽ تنهنجي رب جي درميان ڪوئي پردو حائل نہ رهڻ جو نالو تصوف آهي. جناب رويم بن احمدرح مطابق پنهجي نفس کي الله جي مرضيءَ مطابق رکڻ جو نالو تصوف آهي، ابومحمد جريريرح جي مطابق هر بري ۽ خبيس عادت کي ڇڏي ڪري پاڪيزه عادت اختيار ڪرڻ جو نالو تصوف آهي“.(3)

صوفي هميشہ ۽ هر وقت نيڪ ۽ صالح عمل اختيار ڪرڻ جو خواهشمند هوندو آهي. پنهنجي مطلب ۽ مقصد تي ٻين کي ترجيح ڏيندو آهي. بُک ۽ ڏک توڙي، هر ڏکئي حال ۾ رب جو شڪرگذار هوندو آهي ۽ سندس ثنا خوان هوندو آهي. ڪيس دنيا جي لذتن ۽ آسائشن سان ڪوبہ لڳاءُ نہ هوندو آهي، ترڪ دنيا هئڻ جو عملي ثبوت ڏيندو آهي، گهٽ ڳالهائڻ، گهٽ کائڻ پيئڻ ۽ گهٽ سمهڻ جون عادتون سچي صوفي هئڻ جو ڏس ڏينديون آهن.

اسان جي سنڌ بہ اهڙين عظيم، پاڪ ۽ برگزيده شخصيتن سان ڀريل آهي، جن پنهنجي پنهنجي طريقي سان ڪلام، ڪردارءَ سڻي اخلاق سان عام انسانيت جي خدمت ڪئي آهي.

اتر سنڌ جي ضلعي گهوٽڪيءَ سان تعلق رکندڙ جهانپور شريف جي اهڙن ٻن نالي وارن صوفي شاعرن صوفي فقير سيد انور علي شاھ حجازي ۽ فقير سيد حضور بخش شاھ جي ڪلام جو هڪ مختصر جائزو هن مقالي ۾ پيش ڪجي ٿو. جنهن جو مقصد سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هنن صوفي بزرگن جي ڪم جي اهميت کي اجاگر ڪرڻو آهي.

**صوفي فقير سيد انورعلي شاھ بخاريؒ :**

صوفي فقير سيد انورعلي شاھ صوفي بزرگن جي هڪ سلسلي جي شاعرن جو سرواڻ شاعر بہ آهي. جن ۾ سيد حضور بخش شاھ حضورڻ، شائق فقير، پانڌي فقير، ويراڳ علي فقير ۽ ٻيا شامل آهن. صوفي فقير سيد انور علي شاهرح جو ڪلام سنڌي، سرائيڪي، هندي، اردو، عربي ۽ فارسي ۾ ڇپيل آهي.

سيد عبادت علي شاھ جي مطابق ”صوفي فقير سيدانورعلي شاھ جي ولادت مخدوم سيد خدا بخش شاھ جي گهر ۾ ڳوٺ جهانپور شريف، تعلقي ۽ ضلعي گهوٽڪي ۾ بروز اربع 11 محرم الحرام 1324هجري

مطابق سن 1906ع تي ٿي ۽ وصال 21 محرم الحرام 1381هجري مطابق 5 جولاءِ 1961ع تي ٿي“(4).

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي روايت مطابق، صوفي سيد انورعلي شاهہ جي ولادت ”1904ع ۾ ڳوٺ جهانپور شريف تعلقي گهوٽڪي، ضلعي سکر ۾ ٿي“.(5)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي روايت مطابق صوفي فقير سيد انورعلي شاهہ جي”وصال جي تاريخ سن 1973ع آهي“(6).

سيد عبادت علي شاهہ جون روايت ڪيل، ولادت ۽ وصال جون تاريخون پختيون آهن ڇا ڪاڻ تہ پاڻ، صوفي فقير سيد انور علي شاهہ جي خاندان مان آهي ۽ رشتي ۾ سندس پوٽو آهي. جڏهن تہ ان سلسلي ۾ مخدوم محمد زمان ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي ٻڌايل تاريخن کي درست ڪرڻ جي ضرورت آهي.

صوفي فقير سيد انورعلي شاهہ ننڍي عمر جو هئو تہ سندن والد وفات ڪري ويو ۽ سندس تعليم ۽ تربيت جو ذمو سندس چاچي حافظ سيد بهادر علي شاهہ ولد سيد جمن شاهہ کنيو. مختلف مدرسن ۽ اسڪولن مان تعليم حاصل ڪيائون.

”صوفي فقير سيد انور علي شاهہ قادري سروري طريقي جي بزرگ سيد صاحب ڏنوشاهہ (وسطي عنايت شاهہ) کان روحاني فيض لاءِ دست بيعت ٿيا. سيد صاحب ڏنو شاهہ، سيد قلندر علي شاهہ (ڪڇي ڏٽي ناڙي، بلوچستان) جا دست بيعت ٿيل هئا. اهو سلسلو پنجن واسطن سان سلطان العارفين حضرت سلطان باهو کان ٿيندو پندرهن واسطن سان پيران پير محي الدين حضرت شيخ عبدالقادر جيلانيرحسان وڃي ملي ٿو“(7).

پنهنجي چاچي سيد بهادر علي شاهہ جي وفات بعد، ڪجهہ وقت لاءِ پنهنجي ڳوٺ جي مسجد ۾ امامت جا فرض سرانجام ڏنايئن. هڪ دفعي سومهڻيءَ جي نماز جا آخري نفل ادا ڪندي فجر جي نماز جي لاءِ آذان ٿي تہ کيس محسوس ٿيو تہ ظاهري نماز سالڪ تي روا آهي ۽ وحدت جي واديءَ ۾ مستغرق رهڻ واري لاءِ باطن جي نماز ئي ڪافي آهي. مجازي عشق جي چاڙهي چڙهڻ بعد حقيقي عشق جي منزل تي رسيا.

مختلف زبانن ۾ شاعري ڪئي اٿائين. سندس شاعري تصوف جي ڳوڙهن رمزن تي ٻڌل آهي. ڏوهيڙا، مسدس، بيت، وائي، چوسٽا، سي حرفي، غزل ۽ ڪافيون چيائين. مٿس صوفياڻو فلسفو غالب هو. جيتوڻيڪ پاڻ ظاهري تعليم تمام ٿوري حاصل ڪئي هئائين پر تنهن هوندي بہ

سندس ڪلام ۾ قرآن مجيد جون آيتون، حديثون عربي محاورا ملن ٿا، مطلب تہ باطني علم ۽ صدري علم سان مالال هو.

سندس شاعريءَ مان صوفياڻي رمزن سان ڀريل ڪجھ نمونا هتي بيان ڪجن ٿا:

چوڙ افلاڪ زمين تي ذاتي، قلب المومن پا چاتي جهاتي،
ڪُلّ شـيءِ قـرب ڪـمـال، هُـو دم والـي دا،
بيک بشر دا چولا پاکر، تي سلطان سـڏاويـن چـاڪر،
لايـوئـي درد ڏمـال، هُـو دم والـيدا،
احدئون عـبد اَنا معبودي، مظهر مُلڪ مَلڪ مَسجودي،
هويا واحد وچ صال، هُو دا والي دا،

انور سائين حق جي حقيقت کي هن ڪافيءَ ۾ اندر بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ عَرش ۽ فُرش تي ساڳيو ۽ حق جو هوڪو آهي. انساني لباس ڍڪي ڪري عبد جي اولي ۾ ظاهر ٿيو آهي ۽ فرشتا توڙي انسان سندس عبادت ۾ مشغول رهن ٿا. پر اِها مام ۽ رمز عام انسانن کي سمجھ ۾ ناهي اچڻي، هن کي اهي ئي پرکي سگهن ٿا، جن جون اندر جون اکيون ڪليل آهن، بيدار آهن. جن جي لاءِ انور سائين هڪ ٻئي هنڌ هن طرح فرمائي ٿو تہ:

عشق دي منزل عاشق جاڻن، عرش مٿي چاقدم اُناون،
احديت دا ورد ڪمائن، عاشق ويندي زور ميان،
شعر بناون ويس مٽاون، جوڳي نام سڏاون،
مُلڪ ساري ڍِيان خبران ڏيون، اوري منزل چوڙ ميان(9)

هن مان صوفي فقير سيد انور علي شاھ اِهوصاف ظاهر ڪيو آهي تہ، اُن ڳوڙهي نقطي کي فقط عشق جي اعلیٰمقام تي پهتل عاشق ئي سمجهي سگهن ٿا ۽ اُهي عاشق ئي آهن جيڪي فرش (زمين) تي ويهي عَرش جون خبرون ٿا ٻُڌائين. جڏهن اُهي عاشق، عشق جون چاڙهيون چڙهندي، منزلون طئي ڪندي، مقصد کي ماڻين ٿا تہ تڏهن سندن هستي ۽ وجود حق ۾ هڪ ٿي وڃي ٿو. تون ۽ مان جوفرق ڪونہ ٿو رهي. تون، مان ٿي پوي ٿو ۽ مان تون ٿي پوي ٿو. هڪ ٻئي ۾ هڪ ٿي وڃن ٿا. تڏهن، عابد ۽ معبود جو فرق ئي ڪونہ ٿو رهي. اهڙي قسم جي رمز ڀري ڳالھ صوفي فقير سيد انور سائين هن طرح ٿو بيان ڪري تہ:

جيڪي جوڙ جنگين جي جوڙن ٿا، اُهي ناٿ نيشان کي کوڙن ٿا،
”انور“ مالڪ مُنهن نہ موڙن ٿا، اُهي اوري چڙهي ويا اناالحق،
جن کي عشق اچي ڪيو آهي تَرڪ،
اهي ويا ٿي وصال جا ويڙهي ورق.(10)

عشق جي خوبي اندر اهڙي ڪاقوت يا طاقت سمايل هوندي آهي، جيڪا انسان کي هر خساري، خوف ۽ خطري هوندي بہ، نيٺ سندس حيثيت ختم ڪري شاهہ مان گدا، آقا مان غلام، امير مان فقير، بڻائي ٿي. مطلب تہ هر ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. اهڙن مثالن سان ڪيترائي رومانوي داستان، تاريخي ۽ نيم تاريخي داستان ملن ٿا. انور سائين جو رسالو، عشق جي اهڙي موضوع سان ڀريو پيو آهي، جنهن مان هڪ ڪافي جا ڪجھ بند نموني طور پيش ڪجن ٿا.

جنهن کي عشق چڙهيو آ ثابت سَر،
جهاڳي جهنگ ڀَٽيون ۽ ٿل ڏُونگر ،
مجنون مست ٿيو مستانو، عشق تنهن کي ڪيو آ ديوانو،
ليليٰ خاطر بيٺو آبَر،
عشق لَڏايا منجهان مديني، سُورهيہ صاف هُيا سي سيني
ڪربَلہ ۾ ٿيئڙو ڪيس قهر،
عشق ڪُهايا سُورهيہ سَر مد، لالَ لَهُو ۾ وجي ٿيا لاحد،
ڪاٺ ڪُلهن تي تِڪڙي تير.
شيرين خاطر فرهاد فدا ٿيو، هوش عقل تنهن جو سارو هليو ويو،
ڪاٺ سان عاشق ٽُڪيو آ ٽڪر .
رانجهن تخت هزاري جو مالڪ، تنهان ٿيئڙو تخت کان تارڪ،
چاڪ ٿيو آ چُوچڪ دَر .
مُومل ماڙيون مَحل اڏايا، تہ ڪُهايا ،
عشق ڀڳس سڀ ماڻ مڪر.

هيءَ سڀ تہ انساني عشق جا مثال آهن، جو جنهن جي قسمت چا مان چا ٿي پوي ٿي . فقير صوفي سيد انور علي شاهہ هڪ ٻئي ڪافي ۾ الله جي عشق جي ڳالھ ڪئي آهي جنهن ۾ هُو چوي ٿو تہ، جڏهن الله پاڪ کي پنهنجي ظهوري جي عشق جو ارادو ٿيو تہ، هن ڪُن فيڪون جو امر جاري ڪيو، جنهن سان هي روءِ زمين، عرش فرش مطلب تہ ڪُل ڪائنات وجود ۾ اچي ويئي ۽ پاڻ آدم جي صورت خلقي ان اندر روح ڦوڪي جان پيدا ڪئي. پنهنجي حمد ۽ ثنا چورايائين، نہ رڳو ايترو پر، اهو بہ فرمايائون

تہ انسان منهنجو راز آهي ۽ آءُ انسان جو راز آهيان. سيني صوفي بزرگن وٽ اِها يڪراءِ ملي ٿي. اهڙن خيالن جو اظهار صُوفي فقير سيد انورعلي سائين هن طرح فرمائي ٿو:

ڪيئن حُسن ڪيو حملو حق تي، ثابت ڪيائين تصوير،
انا احمد بِلا ميمي.
خلق الآدم اعلٰي صورت، صاحب سميع بَصير،
خالق ٿيو آ خاص خديمي.
الانسان سِري اناسره، ڪُلّ شيءِ قدير ،
ناز تنهن جو نثر نُظيمي.
ونفخت فيہ من الرُّوحي وراو، ”انور“ شاهہ امير
صحي سلطان ٿيو آ، عرب عجيمي.
(انورسائين جو سالو، ڪافي 35، ص69)

انور سائين جو ڪلام، صوفياڻن ۽ عارفاڻن ماڻڪ موتين سان مڙهيل ۽ جڙيل آهي. سندس جنهن بہ ڪافي کي، بيت کي يا غزل کي پڙهبو تہ تہ اِهي عارفاڻا ماڻڪ موتي جرڪندي ۽ چمڪندي نظر ايندا. داستان گوئي، قصہ گوئي جي وَرن ۽ وڪڙن کان آجو ڪلام، آسان ۽ عام فهم ٻولي ۽ فني سٽاءُ، سندس ڪلام جي عام خوبي آهي. صوفي فقير سيد انورعلي شاهہ جي ڪلام ۾ شامل سندس بيتن جو موضوع بہ بلڪل اِهو ساڳيو ئي آهي جيڪو مٿي بيان ٿي چڪو آهي. سندس بيتن مان ڪجهہ بيت نموني طور هتي پيش ڪجن ٿا.

الا اڪيندي پاڪ رسولصهڳل عشق دي سهري پايم،
خلق الآدم اعلٰي صورت، هر دي وچ سمايُم،
عاشق نام سڏا ڪي ”انور“، سڀ تقديران چايُم(13)

ٻين صُوفين وانگر، صوفي فقير سيد انور علي شاهہ بہ پنهنجي قلب کي ڪعبو قرار ڏئي ٿو. هو هيڏانهن هوڏانهن ڀُرڻ بدران، پنهنجي اندر ۾ ان حق جي ذات جو نمونو موجود هئڻ جو ڏس ڏئي ٿو. هن لاءِ سالڪ کي ظاهري اکين بدران باطني اکين سان ڏسڻ ۽ ڳولڻ جي ضرورت آهي. پاڻ فرمائي ٿو تہ:

ڪعبو اٿئي ڪڇ ۾، ووڙي ڏس وٽاڻ،
وَنحن اقرب ويجهڙو، تنهنجو ئي توساڻ،
پنهنجي اَٿي پاڻ، ”انور“ چئي اندر ۾.(14)

انور سائين، انسان کي آدم جي اولاد جي نسبت، حق جي صفت جو مظهر هئڻ جو ڄاڻائي ٿو. سڀ مخلوق ئي سندس خالق هئڻ جي صفت جو مظهر آهي، پر اِهو راز ۽ رمز سمجهڻ وارو ڪو هجي. جيڪو هن کي سمجهي ۽ پروڙي سگهي:

لاَاِلہَ نفي دي وچون، ڪِيتي اِلاَّالله اثباتي،
مُحمّد نام سڏا کي آيا، صاحب وچ صفاتي،
الانسان سِري وَاَناسره، بڱڙُس عشق آفاتي،
”انور“ ذات ظهُورا ڪِيتا، جَڏان وَڙيا آن کي چاتي.(15)

نفي ۽ اثبات جا رمز رند ئي بهتر نموني ڄاڻن ٿا. پنهنجي هَستيءَ کي ختم ڪرڻ ۽ فنا ڪرڻ تہ مان ڪجھ ئي نہ آهيان، سا عارف ۽ صوفي ڪري ڄاڻن. ائين ڪرڻ سان اُهي معرفت جي مٿاهين مقام تي پهچن ٿا ۽ ڪين هن طرح محسوس ٿئي ٿو، جهڙي طرح انور سائين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪريٿو تہ:

نڪي گرو نڪي گوبند، نڪي ويد پران،
نڪي مڙهي نڪي مندر، نَڪي مُلڪ مڪان،
نفي ۽ اثبات جو اوري آ نيشان،
”انور“ سِر سُلطان، ناھ ۾ نهال ٿيو.(16)

اهڙيءَ طرح صوفي هر خوف ۽ خطري کان محفوظ ٿي ويندا آهن. ڪين دُنيا جا اسباب تہ ڇا پر آخرت جي زندگي جي جزا ۽ سزا جي بہ ڳڻتي بہ ڪو نہ هوندي آهي. اُهي دوزخ ۽ جنت جي خيالن کان آجا هوندا آهن، صرف اُهي رب جي رضا جا طلبگار هوندا آهن، انور سائين فرمائي ٿو تہ:

دوزخ جي دڙي تي، ڏنم بانگ بيهي،
حرف پڙهيم حق جو، وحدت منجھ ويهي،
”انور“ ڪيو صحي، سودو صفائيءَ جو.(17)

هڪ ٻئي بيت ۾ هن طرح ٿو فرمائي تہ:

آخرڏينهن قيام دي يارو، مَئين عاشق بَن ڪر ڪڙسان،
ٻيان واٽان سڀ چوڙ ڪراهِين، مئين پُل صراط تي چڙهسان،
هرڪووڙسي وچ بهشتان،مئين دوزخ دي وچ وَڙسان ،
دوزخ ميڏا ڪِيا ڪَريسي”علي انور“، اٽان عشق دا ڪلمہ پڙهسان.

**(2) فقيرسيد حضوربخش شاهه**

فقيرسيد حضور بخش شاهه بخاري، صوفي فقير سيد انور علي شاهه جو وڏو فرزند هئو. پنهنجي والد جي وفات بعد سندس قائم ڪيل درگاهه جو سجاده نشين بڻيو. فقير سيد حضور بخش شاهه پنهنجي شاعري ۾"حضور" يا "حضورڻ" جو تخلص استعمال ڪيو آهي ۽ سندس فقراء به ڪيس "حضورڻ سائين" جي نالي سان ياد ڪن ٿا. حضورڻ سائين جي پيدائش ۽ وفات پنهنجي اباڻي ڳوٺ جهانپور شريف ۾" تاريخ 22 اپريل 1941ع تي ٿي. ۽ 64 سالن جي عمر ۾ 04 ڊسمبر 2005ع بمطابق 02 ذوالقعد 1426ه سومر دارالفناءَ کان دارالبقاءَ ڏانهن پرواز ڪيائون".(19)

ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ تعليم وٺڻ بعد پنهنجي ذاتي شوق ۽ دلچسپيءَ سان قرآن مجيد پڙهڻ ۽ مختلف ٻوليون ڳالهائڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ سکيائين. سندس حافظو تمام قوي هوندو هو، تمام پراڻي ڳالهه پڻ جهٽ پٽ ياد ڪري وٺندو هو ۽ بيان ڪندا هئا. پاڻ انتهائي ساده طبيعت جو مالڪ ۽ سادگي پسند ۽ ملنسار هئا. سخي ۽ مهمان نواز هئا. درگاهه جو لنگر گهڻو ڪري پاڻ پنهنجي هٿن سان ورهائيندو هئو.

پاڻ غريبن، يتيمن، بيواهن ۽ لاوارثن جو مددگار هئو. پنهنجي خرچ تي ڪيترن ئي غريب ٻارن کي تعليم ڏياريائين. وڏيرن، پُتارن، جاڳيردارن ۽ سردارن توڙي آفيسرن سان تمام گهڻ تعلق رکندو هئو. پاڻ فقير سڏائڻ تي فخر محسوس ڪندو هئو. عِلم موسيقي ۾ مهارت رکندو هئو ۽ ڪيترائي نالي وارا ڳائڻا وٽس کهي ايندا هئا. پاڻ مختلف ٻولين ۾ شاعري ڪيائين جنهن ۾ سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ هندي شامل آهن. شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ ڪلام چيو اٿائين. جنهن ۾ غزل، ڪافي، وائي، نظم، بيت، رُباعي ۽ ڏوهيڙي جون صنفون اچي وڃن ٿيون. سندس شاعريءَ جا هيٺيان مجموعا ڇپبجي چڪا آهن.

(1) سجڻ جي ياد ۾ (2) ساگر (3) ديوان حضور
(4) ساغر مين سمندر (5) اهو نينهن نهين اڄ ڪل دا.

پاڻ پنهنجي وقت جو نالي وارو صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. هجر، فراق ۽ وصال، وحدانيت ۽ اناالحق سندس ڪلام جا اهم موضوع رهيا آهن. سندس ڪلام جو بنيادي عنصر عشق الاهي آهي. سندس شاعري تمثيل نگاريءَ جو سهڻو نمونو آهي. سندس ڪلام، فصاحت، سلاست ۽ بلاغت

جهڙين خوبين سان پريل آهي. جنهن ۾ سالڪ لاءِ راهه سلوڪ بابت تمام آسان نموني ٻڌايل ۽ سمجهايل آهي.

پنهنجي شاعريءَ ۾ جِتي حُسن ۽ عشق جو ذڪر ڪري ٿو، اُتي صوفياڻو ڪلام به چيو اٿس. سندس ڪلام جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته مٿس، سندس والد يعني صوفي فقير سيد اَنور علي شاهه جو صوفياڻو اثر آهي. اهي ئي نفي اثبات، آدم جو اولو، نحن اقرب، بشري ويس جهڙا ٻيا به ڪيترائي عارفاڻا موضوع ملن ٿا. سندس ڪلام مان هيٺ ڏنل هڪ ڪافيءَ جا ڪجهه بند هِن ساڳئي ڳالهه جو ثبوت فراهم ڪن ٿا.

الانسان سر وانا سره حدوئون عبدا امير،
صورت يار جي سانگي
قل شيءِ محيط مولا و نحن اقرب ثابت سر،
صورت يار جي سانگي
سارو جوڙ جنسر جهاني ٿي الفئون ميم مظهر،
صورت يار جي سانگي
لااِلٰہ اثبات جي ڪيئڙو، الاالله نور نظر
صورت يار جي سانگي
ٿيو بقا باالله بشر ۾ ”حضور“ حق حاضر
صورت يار جي سانگي.(20)

حضورڻ سائين سالڪ کي ڏس ڏيندي چوي ٿو ته اي سالڪ ! تون دنيا جي اسباب کي ترڪ ڪري هڪڙي هادي جي ياد ۾ مَحو رهندو ڪر، چاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان تون هن جي ياد کان غافل نه رهندين ۽ هو به توکي ياد ڪندو. جيئن هيٺئين بيت ۾ ٻڌائي ٿو ته:

فذڪروني قول قائم ڪر يڪو يڪ يارسان،
ترڪ ڪري ترڪ تون آ ترڪ دنيا واجباً،
دمبدم دائم ٿي، دوست دم ديدار سان.(21)

جيڪي عشق الاهي جي مَستي ۾ مَحو ٿيندا آهن، تن کي دنيا جون سُور سختيون، اذيتون ڪوبه اثر ڪونه ٿيون ڪن. ڇا ڪاڻ جو اُهي پنهنجي نفس کي ماري چُڪا آهن ۽ فنا کان بقا ۾ بينڪ قائم ڪري ڇڏي اٿن. تنهن ڪري دنيا جا اِهي ڏُکَل مصائب مٿن ڪجهه به ڪو نه ٿا ڪري سگهن.

تن مزا ماڻيا جيڪي عشق ۾ آباد ٿيا،
سورسختيون سوز واريون، سي پرين جون قربداريون،

برچشم ڪري خلق خواريون، عام ڪان ازاد ٿيا،
قرب ڪثرت جي ڪيا اهي واٽ وحدت جي ويا،
مرڻ ڪان جيڪي اڳ مئا سي صنم سرشاد ٿيا،
"حضورڻ" حق منصور ٿي جنهن سچا تو راز حق،
مشڪور ٿي سولي تي برحق خاص خود مياد ٿيا.(22)

حضورڻ سائين بہ پنهنجي اندرحق جي ڳولا لاءِ تلقين ٿو ڪري تہ تنهنجي قلب اندر ڪعبو آهي، انهي جي ڳولا ڪر تہ تنهنجا حج بہ هِت ٿي پوندا. پر هيءَ منزل ماڻڻ لاءِ سالڪ کي پنهنجي اَنا واري حيثيت کي مٽائڻو پوندو، تڏهن هن معراج کي ماڻي سگهندين، حضورڻ سائين فرمائي ٿو تہ:

ثابت تنهنجو سر تہ سجود ، آهي انور عشق اُجاريو،
آهي حج حرمين هميشہ مک معرج موجود،
الف اندر جنهن يار اُتا ريو،
لامقصود في الدارين الا هُو لاجد لامحدود،
جوڳي جڳت جڳ جوڳ جياريو. (23)

سالڪ کي پنهنجي اندر جهاتي پائڻ گهرجي ۽ پنهنجو اندر اُجارڻ گهرجي ۽ اِنهي اندر جي سمنڊ کي جهاڳڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ڪيس عميق ۽ زمرد ملندا، جيڪي بازار ۾ ڪنهن دوڪان تان ڪونہ ٿا ملي سگهن. سالڪ کي مسلسل محنت ۽ همت کان ڪم وٺڻ گهرجي. اندر جو دفتر کولڻ سان سالڪ کي ڪيئي مخفي راز ملندا، جنهن جو ڪيس اندازو ئي ڪونہ هوندو. حضورڻ سائين هن طرح ٿو فرمائي تہ:

خود پنهنجي ذات سڃاڻ ساڳي سر سلطان بہ تون آ،
پنهنجي پاڻ ۾ ڳولي ڏس تون، پرده بشري کولي ڏس تون،
دل وارو ديوان، عشق وارو اشيان بہ تون آ.
الانسان سري جو سارو، ڏس تون نظر سان نور نظارو،
جاڻ انهيءَ سان جاڻ، سپ صورت سبحان بہ تون آ.

حضورڻ سائين سالڪ مٿان حق جي حقيقت جا پردا کوليندي نروار ڪريٿو تہ عبادت اها ڪجي جيڪا عشق سان تمتار هجي، انهيءَ عشق سان پريل ۽ ڪيل عبادت جي پرواهہ کان سالڪ بالا ٿي وڃي ٿو. هو ڪنهن بہ ڌرم ڀرم جي غرض کان بالا ٿي وڃي ٿو. هن جو اندر، مسجد ۽ مندر کان وڌ ڪعبو ٿي پوي ٿو. حضورڻ سائين جي بقول تہ :

سوا عشق جي عبادت اصلي حرام آهي،
حج اڪبري اصل ڪان عاشق احرام آهي،
سمجهي ڏس تون زاهد ، قل شيءِ محيط مولا،
مسجد ۾ الله، الله، مندر ۾ رام آهي،
تنهنجي شرع ڪيو ڇا منصور ڪي اي قاضي،
اظهار اناالحق ڪان ٿيو، حق جو نام آهي.(24)

حضورڻ سائين ازل ۾ ڪيل واعدا سالڪ کي ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته حق پنهنجي حڪمت سان رازن جي پردي ۾ ويڙهجي ڪري تنهنجي اندر ۾سمايل آهي، هيءَ عشق پريو رندي راز پروڙڻ جي ڪوشش ڪر، هن ڪي پنهنجي اندرئي ڳولهڻ جي جستجو ڪر ته جيئن پنهنجي حقيقت واري منزل کي ماڻي سگهين. بقول حضورڻ سائين:

پر جهي پس تون پاڻ ۾ پنهنجو هي پسار،
دمبدم ٿيو دم اندر دم جو هي ديدار،
ونفخت فيہ من الرُّوحِي پسين پرين جو پار،
هادي آ هر بار، حضور انهي حُسن ۾ (25)

حضورڻ سائين سالڪ کي قالو بَلٰي وارو ڪيل واعدو ياد ڏياري ٿو ۽ انهيءَ حال ۾ هلڻ جي تلقين ٿو ڪري ڇا ڪاڻ ته هو پاڻ هن راهہ تي راهي ٿي چڪو آهي. ڪيس رمز پري ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي آهي ته هو انساني لباس ۾ انسان جي اولي ۾ ساڻن گڏ آهي ۽ اهڙي طرح هو، ساڻن روح جون رهاڻيون ڪري ٿو.

جڏهن الست والا مليا اشارا، تڏهن قالو بلٰي مين تا پڪارا،
هڻ حال انهي وچ هلدي هون،
اهين ذات ڪون ذات سُجاتا هي، واهہ پوش انساني پاتا هي،
اسان رل مل روح ڪون رلدي هون.(26)

حضورڻ سائين ٻڌائي ٿو ته حق جي ذات ڪين انسان جي اولي ۾ نظر آئي آهي ۽ مختلف ماڳن جا سير ڪندي اميريءَ يا فقيريءَ جو چولو پائيندي ڪيس ڏسي ۽ پرکي ورتو اٿس. هيءَ اها ئي ذات آهي جنهن جي مٿان سُلطاني تاج پهريل آهي ۽ اِهو ئي ڪُل جهان جو خالق ۽ مالڪ آهي.

الانساني بيک بنايس لک ٻينهي آرام نہ آيس،
رنگپور آڪي روح رلايس، چاپوش فقيري پا يا هي،

ساڳي سر سلطان اهو ئي صاحب حق سبحان اهو ئي،
جوڙ آيا ڨُل جهان اهوئي، سب صورت سير سمايا هي.(27)

هو حق سان ملي هڪ ٿي ويو آهي ۽ وحدت جي واديءَ ۾ مزا ٿو ماڻي. هاڻي سندس زندگي سدائين لاءِ اَمر ٿي چڪي آهي، جنهن کي ڪڏهن بہ موت ناهي اچڻو. هو دنيا جي مذهبي جهيڙن ۽ فسادن کان پنهنجي جند کي لوڙ يا گهرج ئي ڪو نہ ٿي محسوس ٿئي ۽ سندس روحاني عبادت جي لذت ۾ هميشہ لاءِ معراج ماڻيو اٿس. حضورڻ سائين فرمائي ٿو تہ:

وچ وحدت دي ٿيم وصال مليا ماهي ميڏي نال،
لڳيان دليان روز ازل ديان ، هُڻ تان ساڏا مرڻ محال،
مذهب ملت جهڳڙي جهيڙي ، روح تنان ڪون سَيان يار،
پل ڳيان تسبيان روزي نمازان ، لون لون دي وچ وسيا يار.(28)

نتيجو:

صوفي فقير سيد انور علي شاه بخاري ۽ حضورڻ سائين جي شاعريءَ ۾ تصوف، انسان دوستي ۽ اخلاقي درس جا حوالا ملن ٿا، سندن شاعري انسان کي پاڻ سڃاڻڻ جو درس ڏئي ٿي، جنهن سان انسان، بندي سان گڏوگڏ خدا جي ويجهو بہ ٿي وڃي ٿو.

## حوالا:

1: الطّوسي سراج، ابونصر، ”اللّمع“ مترجم بخاري، اسرار، پروفيسر، لاهور، دربار مارڪيٽ، تاج محل، سال نامعلوم، ص 33.
2: ساڳيو، ص 35.
3: ساڳيو، ص34.
4: شاهہ عبادت علي سيد، ”انور سائين جو رسالو“، ضلعو گهوٽڪي، درگاهہ عاليہ جهانپور شريف، سال 2007ع، ص 6_24.
5: طالب المولىٰ، محمد زمان، مخدوم،”ياد رفتگان“، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ سال 1994ع، ص 166.
6: بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر،”ڪافيون“، جلد ٻيون، ڄامشورو/حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1990ع، ص 1181.
7: سومرو، الهوسايو، ڊاڪٽر،”خانقاهہ پرچونديِ شريف جي ادبي تاريخ“، پرچونديِ شريف، ڏهرڪي، ضلعو گهوٽڪي جا فقط الملت اڪيڊمي، سال 2015ع، ص 232.
8: سومرو، تعبير (مرتب)،” اهو نينهن نهين اڃ ڪل دا“، حضورڻ سائين جو سرائڪي ڪلام“ جهانپور شريف (گهوٽڪي) سيد صوفي صحبت اڪيڊمي، سال 2015ع، ص 14--- 17 .

اعجاز حسين

# ادل سومري جي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ سان محبت جو تصور

**The concept of motherland love in the poetry of Adal Soomro**


## Abstract:

A famous modern poet Dr. Adal Soomrowas professor of Sindhi language and literature at Shah Abdul Latif Unversity. His poetry is true voice of a Sindhi people. In his poetry we may witness the nature, romance, humanism, progressive thoughts and love for the home land. He is lover of nature and soil. In his poetry, he has depicted the homeland love at large scale.

In this article I have tried to focuss on the concept of homeland love existing in the poetry of Dr. Adal Soomro.


سنڌ ڌرتيءَ ابتدا کان وٺي پيار، محبت، ڀٽي ۽ اتحاد واري ڌرتي رهي آهي. انهي تي رهندڙ ماڻهو نرم مزاج ۽ عاجزيءَ سان گڏ محبتي ۽ مهمان نواز رهيا. سندن مهمان نوازيءَ واري گڻ مان ٻين قومن ۽ ڌارين ماڻهن هميشہ فائدا ورتا. مختلف وقتن تي انهن غيرن ڌرتي ڌڻين تي ڪاهون ۽ جنگيون ڪيون. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي بهادر، جوڌن سنڌ ڌرتيءَ تان مرڪندي جانيون قربان ڪيون.

ادل سومري ڌرتي تي ڌارين يعني انگريزن جي ڪاهن سبب ڌرتي جي حفاظت لاءِ نڪرندڙ سپوتن جي قربانين کي پڻ اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو هيمون ڪالاڻيءَ کي پڻ خراج تحسين پيش ڪري ٿو، هي اهو هيمون ڪالاڻي آهي جنهن جي ايتري وڏي عمر نہ هئي، 11 مارچ 1924ع ۾ سکر ۾ ڄائو هو، سندس پيءُ پيسو مل ٺيڪيداري ڪندو هو جڏهن گرفتار ٿيو هو تہ ان وقت 19 سالن جو هو، هن سنڌ جي جوڌي کي 21 جنوري 1943ع ۾ سکر اسپيشل جيل ۾ ڦاسي ڏني وئي هئي. اهڙن جوڌن جي قربانين رنگ لاتو، انگريزن جهڙي طاقتور قوم کي هندستان مان ٽپڙ ويڙهڻا پيا. ادل هيمون کي پنهنجي شاعري ۾ ياد ڪري ٿو، اهو ڪنهن بہ شاعر جو وڏ پڻو هوندو آهي. جو پنهنجي ڌرتي جي بهادرن کي بہ ياد ڪري پيڻا پيش ڪري ٿو تہ جيئن نئين نسل کي بہ اهڙين قربانين جي پروڙ پوي.

سنڌ ڌرتيءَ جي بزرگن، صوفين ۽ ڌرتي ڌڻين هميشہ دوستي، امن، پيار ۽ محبت واري فضا قائم رکڻ جو درس ڏنو، ان جا ڪيئي مثال تاريخ

جي ورقن ۾ موجود آهن. سنڌ ڌرتي جي سباجھڙن ماڻهن ڪڏهن ڪنهن قوم تي هلان نه ڪئي پر جڏهن حملا ڪيا ويا ته سنڌ ڌرتيءَ جي پٽن ”وطن يا ڪفن“ جهڙا نعرا هڻندي بغير ڪنهن منظم فوج ۽ جنگي ساز و سامان جي بهادري ۽ جوان مرديءَ سان مقابلا ڪيا ۽ ڌارين کي ڌرتيءَ تي پير کوڙڻ نه ڏنا. ان ڏس ۾ رڳو ويجهي ماضي تي نظر وجهبي ته اسان کي انگريزن جهڙي منظم ۽ جديد هٿيارن سان ليس فوج سان پڻ منهن ڏيڻو پيو ۽ ڪيترن ئي کي ڦاهيون ڏنيون ويون، پر پوءِ به سنڌ تان سر گهوريندڙ ”هوشو شيدي“ جهڙن بهادرن ”مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون“ جهڙا نعرا هڻندي پنهنجي ڌرتي تان جانيون قربان ڪيون ۽ تاريخ ۾ امر ٿي ويا. جهڙي طرح ماضي ۾ سورهيه بادشاهه، دولهه دريا خان، دودو سومرو، مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت وغيره جهڙا اهم جوڌا سنڌ تان سر گهوري شهيد ٿي ويا هئا. سنڌ جي انهن سمورن سپوتن کي ادل سومري سميت سنڌ جي ٻين شاعرن به پنهنجي شاعريءَ ۾ ڀيٽا پيش ڪئي آهي.

هن ڌرتيءَ تي ورهاڱي کان پوءِ ”ون يونٽ“ جهڙو ڪارو قانون مڙهيو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي مٺڙي ٻولي ۽ ثقافت تي وار ڪيو ويو. ان قانون خلاف سنڌ جي سپوتن پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي بقا لاءِ تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو. سنڌ جي سجاڳ پٽن جلسا، جلوس ۽ ريليون ڪڍيون ۽ ميڙاڪا شروع ڪري، پنهنجو آواز عام ماڻهن تائين پهچائڻ وارو عمل تيز ڪري حڪمرانن کي للڪاريو. ان وقت جي حڪمرانن ڪيترن ئي قلم ڌڻين ۽ اديبن کي گرفتار ڪري قيد ڪيو. ڪيترن ئي نوجوانن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي ڪين ڦاهين سميت مختلف سزائون ڏنيون، سنڌ جي آواز کي دٻائڻ لاءِ سنڌ جي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن تي پابنديون مڙهيون ۽ سنڌي پريسون پڻ بند ڪيون ويون.

انهيءَ هاجي سنڌي ادب کي هڪ نئون موڙ ۽ زندگي بخشي. ۽ سنڌي ادب جي واڌ ويجهه لاءِ ماحول جڙيو، ڌرتيءَ سان محبت واري عنصر کي هٿي ملي. ان وقت جي هر لکڻيءَ جو مرڪز سنڌي ٻولي، سنڌ سان پيار، وطن ۽ ويڙهيچن جهڙا خيال اظهار جو ذريعو بڻجي ويا. ڪا به محفل يا پروگرام ايستائين مڪمل نه سمجهبو هو جيستائين ان ۾ سنڌ سان محبت جو ڪو ذڪر نه هجي. سماجي ناانصافيون، معاشي ۽ سياسي اڻ برابريءَ ۽ استحصال جهڙا موضوع ان وقت جي شاعرن جا خاص خيال هئا.

ادل سومرو ڌرتيءَ جو درد رکندڙ شاعر آهي. ادل سومري ننڍي عمر ۾ ئي ديوانِ گل، ديوانِ قاسم، ديوانِ فاضل، ديوانِ گدا، ديوانِ بلبل،

ڪليات سانگي، ديوانِ واصف ۽ ديوانِ بيدل وغيره جو مطالعو ڪيو هو. ان کان علاوه ڪجهہ مغربي شاعرن جي ڪتابن جو پڻ مطالعو ڪيو هئائين. جنهن ڪري انهن جي ٻولي ۽ روايت پرستي کي ڇڏي پنهنجو اسلوبِ بيان اختيار ڪيائين.

ادل سومري جڏهن شاعري جي شروعات ڪئي تہ ان وقت سنڌ جون سياسي، سماجي ۽ معاشرتي حالاتون سازگار نہ هيون. انهي دور ۾ ”سنڌ ڌرتي“ شاعري جو خاص موضوع هئي. ادل بہ پنهنجي شاعري جو مرڪز/ محور ڌرتي کي بڻايو، ڌرتي سان واسطو رکندڙ خيالن کي شاعري ۾ اهم مقام بخشيو. ادل پنهنجي ڌرتي کي اهميت ڏني ادل پرديسي سائبيرين رنگ برنگي پکين جا نالا، انهن جون پنهنجون ٻوليون جيڪي هو ٻولين ٿا، انهن کي پڻ پنهنجي شاعري ۾ بيان ڪيو آهي. پکين ۾ خاص ڪري ڳيرو امن جي علامت سمجهيو ويندڙ پکي آهي.

طاقت جي طوفان جي آڏو
امن تہ آهي
ڪکن پنن جو آکيرو
امن علامت آهي ڳيرو
ماري آهي موت جو پاڇو
هر ڏس ۾ مارين جا لامارا
وشال اپ نيري اپ تي
ولر ڳجهن جا لامارا. (1)

ادل سومرو سنڌ جو سرموڙ شاعر آهي ان جي شاعريءَ ۾ اهي ماڻ ۽ ماپا موجود آهن. جيڪي هڪ سٺي تخليق جي متعلق محققن بيان ڪيا آهن. جن ۾ تخيل سگهارو ۽ ترنم جي هجڻ سان گڏوگڏ جذبن/ احساسن جي عمدي طريقي سان عڪاسي هجڻ ضروري آهي. ٻوليءَ جي وڏڻ، ويجهڻ ۽ اُسرڻ جو عمل پڻ شامل هجڻ اهم عنصر آهي. ”يوناني ٻوليءَ جي وڏي نقاد ۽ فلاسافر لان جائينس Longinus 213- 273ع شاعري جي پرک لاءِ پنج معيار مقرر ڪيا آهن، اهي هن ريت آهن.

(1) اعليٰ خيال/تخيل جي گهرائي Great Thoughts.
(2) جذبن ۽ احساسن جي گهرائي/ عڪاسي Strong Emotion.
(3) فڪر/ نظريي ۽ اظهار جي پختگي Cartain Figure of Thouth and Speed.
(4) اعليٰ ترين گهاڙيٽو Noble Diction.
(5) لفظن جي ٻلي اٽت / تاجي پيٽو Dignified Word arrangement.“

انهن سيني جو محور/ مرڪز ڌرتي ۽ ٻولي يا ڌرتي تي رهندڙ ماڻهن جا ڏک ۽ غم تي سگهن ٿا.(2) مطلب اهو نڪري ٿو تہ ڌرتيءَ سان پيار وارو اعليٰ معيار انهن سيني ڪان نمايان نظر اچي ٿو. ادل جي سموري شاعري جو مرڪز ڌرتي ۽ ان جي ماڻهن جي ٻوليءَ کي اوليت ان سان محبت جو عنصر آهي.

ڌرتي تولئہ سڀ وفائون
تنهنجا گيت لکان ٿو آئون
پيار پناهہ جڏهن مون چاهي
تنهنجو مونکي ڏس ڏنائون
ساڏو ٻيلي وٺ سنڌوءَ جون
مون کي موهي ويون ادائون
تنهنجي محبت چانو ۾ مون ڪان
وسري ويون جڳ، جفائون
تنهنجا ڪرڙ، ڪانڊيرا ڪٻڙ
منهنجي دردن لاءِ دوائون
ديس مٺي جون ڍنڍيون نديون
منهنجون آهن محبوبائون (3)

هن نظم ۾ ادل پنهنجي ڌرتيءَ تي موجود ڍنڍن، دريائن، ڪانڊيرن ۽ ڪٻڙن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي هنن شين کي پياري محبوب جي برابر سمجهي ٿو ۽ پنهنجا سڀ گيت پنهنجي پياري ڌرتيءَ کي ارپي ٿو ۽ پنهنجي شاعري ۾ هنن وڻن ٽڻن کي دردن جي درمان لاءِ دوائن سان تشبيهہ ڏئي ٿو ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ فائدن کي بيان ڪري ٿو.

اسان وٽ اهي عالمي سطح وارا نظريا اڳ ئي لوڪ ادب ۽ لوڪ شاعري ۾ موجود رهيا آهن. جن جو بنياد انسان ذات سان محبت ۽ همدرديءَ واري رجحان تي زور ڏيڻ سان گڏ ڌرتيءَ تي امن جي فضا برقرار رکڻ جهڙا خيال پيش ڪرڻ آهي. ادل سومرو انهي ڌرتي تي ڄائو ۽ وڏو ٿيو. جڏهن کيس پنهنجي جنم ڀومي سکر جي زرخيز ۽ ٿڌي مٽيءَ سان پنهنجي تعلق جو شعور جاڳيو تہ سندس اندر ۾ اُڌمن جا سڏڪا نمايان ٿيڻ لاءِ بيچين هئا. ڪڏهن ڪڏهن ساهہ ٻوساٽجڻ واري ڪيفيت ۾ جيئن ماڻهو هٿ پير هڻندي، هٿوراڙيون ڏيندي ڪنهن سهاري جي تلاش ۾ هوندو آهي. ادل جي من ۾ بہ اهڙي ئي ڪيفيت هئي. اندر ۾ پنيٺ پڙڪي رهيا هئا، جنهن

ڪي شاعري جي روپ ۾ اُتساهه مليو ڇڻ انهن جذبن ڪي اظهار لاءِ زبان ملي وئي هجي.

هڪ بهترين ۽ ڪامياب شاعر ڪي ٽي شيون نظر ۾ رکڻيون هونديون آهن. جن جي آذار تي پنهنجي تخليقن ۾ حقيقي رنگ نمايان ڪري سگهي.

(1) زمان: يعني جنهن دور ۾ هو شاعري ڪري ٿو ان دور جون حالتون ۽ ماڻهن جي غمن ۽ خوشين جا ڪهڙا ڪارڻ آهن.

(2) مڪان: يعني جنهن خطي يا علائقي ۾ هو رهي ٿو اتي جي ماڻهن جي ڏکن، دردن ۽ انهن جي تڪليفن جي ڀرپور عڪاسي ٿيل هجي، پر انهي پيڙاءُ واري دنيا مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ شامل آهي.

(3) شاعر: تخليقڪار/ سرجڻهار لاءِ پنهنجي تخليق جو ڪو نہ ڪو مقصد هئڻ گهرجي. صرف تفريح يا ذهني آسودگي شاعري جا گهربل مقصد حاصل نٿي ڪري سگهي.

ادل سومري جي شاعريءَ ۾ ڌرتي سان محبت ۽ شعور جي ڳالهه سمايل آهي. سنڌي ڪلاسيڪل توڙي جديد شاعرن سموري جهان جي خوشحالي ۽ سک جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ ان جي خوشحاليءَ لاءِ دعائون گهرندڙ آهن. دنيا جي سمورن انسانن جي حقن لاءِ آواز اٿارين ٿا. اهي سمجهن ٿا تہ ڌرتي سان محبت جو جذبو انسان جي اها فطري سوچ آهي جيڪا ڪنهن بہ قوم، ٻولي ۽ جاگرافيائي حدبنديءَ جي محتاج نہ هوندي آهي، پنهنجي جنم ڀومي سان محبت هر انسان جو هڪ فطرتي عمل آهي.

سوچي ننڍو ڪنڌ، تنهنجي ميري سوچ تي،
سڪي وڃي سمنڊ ئي، ٽڪرا ٿي پئي چنڊ،
تنهنجو ڏوڙ گهمنڊ، سنڌ نہ ٽڪرا ٿيندي. (4)

ادل سومرو ڌرتيءَ ڏانهن ميري اک سان ڏسندڙن کي للڪاري چئي ٿو تہ ڀلي سمنڊ سڪي وڃي جيڪو ڪنهن بہ انسان جي وس ۾ ناهي، بلڪہ ناممڪن آهي. تيئن سنڌ جو ٽٽڻ بہ ناممڪن آهي. ڀلي ڪٽي چنڊ بہ ٽڪرا ٿي پوي سو بہ ناممڪن آهي. ڪنهن انسان کي ايتري طاقت ناهي. انهيءَ سوچ تحت ڌرتي کي ٽوڙڻ يا ٽڪرا ڪرڻ واري سوچ رکندڙن جي گهمنڊ کي للڪاري ٿو، اهو سندس پنهنجي ڌرتي سان جذباتي پيار جو اظهار آهي، اهڙي سوچ سنڌ جي سيني شاعرن، اديبن ۽ سنڌ ڌرتي جي نوجوانن جي آهي، جيڪي پنهنجي جان ۽ مال پنهنجي سنڌ ڌرتي تان قربان ڪرڻ لاءِ هر

وقت تيار رهن ٿا. ادل سومري جو شمار سنڌ جي انهن اهم تخليقڪارن/ سرجڻهارن ۾ ٿئي ٿو. جن جي شاعريءَ جو پيغام ستل ذهنن کي جهنجهوڙڻ، جاڳائڻ ۽ ڪين اُتساهڻ جو ڪم ڪري سگهي ٿو. پنهنجي ڌرتي تي ڌارين جي وڌندڙ اثر ۽ انهن جي وڌندڙ قدمن جي ڪري ڌرتي ڌڻين کي هوشيار ٿيڻ جي پڻ ڳالهہ ڪري ٿو.

قورو تولن سان سدائين،
آگ مٿان آنڌاري آهيون.
ڌارين کي هي ڌرتي پنهنجي،
آڇڻ ڪان انڪاري آهيون. (5)

ادل سومري وٽ پنهنجي ڌرتيءَ خلاف اٿندڙ قدمن / ميرين نظرن ۽ سازشي سوچ رکندڙن کي ننڌڻ ۽ للڪارڻ جو فڪر سمايل آهي. سنڌ ۾ نهندڙ نون ضلعن خلاف واويلا ڪئي وئي، سنڌ کي ٽوڙڻ جهڙا نعرا هڻندڙن کي هٿي ڏيڻ جي سازش ڪئي وئي تہ سنڌ ڌرتي جي گهڻ گهرڻ، شاعرن، اديبن، صحافين ۽ زندگيءَ جي هر شعبي سان واسطو رکندڙ ڌرتي ڄاون هر پليٽ فارم تي اهڙي سوچ رکندڙن خلاف آواز اٿاريو ۽ انهن جي مخالفت ڪئي. سنڌ جي شاعرن جي شاعري ۾ پڻ سنڌ سان محبت ۽ حب الوطني جا رنگ نمايان ڏسڻ ۾ آيا. اهڙن مفاد پرست تولن ۽ قورن جي ناپاڪ ارادن کي مات ڏني ۽ ادل صاف صاف چوي ٿو تہ اسان ڪڏهن بہ ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجي ڌرتي کي ڌارين حوالي ٿيڻ نہ ڏينداسين. ”اسان کي پنهنجي وجود ۽ قومي تشخص کي بچائڻ / برقرار رکڻ ۽ تعصب پرستن مان جان ڇڏائڻ لاءِ هر طريقو استعمال ڪرڻو پوندو“. (6) ڪرڻ بہ گهرجي اهو ان لاءِ تہ اسان کي ڌرتي ڌڻي هئڻ جو شرف / حق حاصل رهيو آهي. پنهنجي اندر ۾ سازشون ڪندڙن کي وائکو ڪرڻو پوندو ۽ انهن لاءِ سماجي ۽ سياسي طور مزاحمت ڪرڻ گهرجي.

اجا بہ اتهاس جا، هيٺن سان راڱا،
ياڳين جا ياڱا، ڏاڍا ڪائي تا وڄن.
همت ۽ ڪجهہ حوصلو ماروئڙا مسڪين،
سدا رهنديون ڪين، هي وطن جون حالتون. (7)

هي ڌرتيءَ جي ٻولي وساري نہ ڇڏجان،
پلي دوست ڪيئي تون ڳالهاءِ ٻوليون (8)

اصل ۾ ٻوليون سکڻ ۽ ڳالهائڻ هڪ سنو عمل آهي. پر ان سان گڏ پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجن لفظن کي بہ اهميت ڏيڻ گهرجي ۽ اُهي ڳالهائڻ بہ گهرجن. ادل سومري پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙن خدشن طرف ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ ڪيس اهو انديشو آهي تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو پنهنجي ٻولي، دنيا جي گردش ۾ گم ٿي وڃي ۽ پنهنجو وجود برقرار نہ رکي سگهي. پنهنجي اولاد جي انگريزي ڳالهائڻ تي سرهائي ۽ فخر پلي محسوس ڪجي، پر پنهنجن ٻارڙن جي سنڌي ٻوليءَ کان لاتعلقيءَ تي بہ فڪر مند ضرور ٿيڻ گهرجي تہ جيئن شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۽ پنهنجي ٻولي پنهنجو وجود برقرار رکي سگهي.

جي ڌرتي جو ٻارڙو، سنڌي نہ پڙهندو،
ڪٿي شاهہ لطيف جو، رسالو ڏسندو.
حيرت مان پڇندو، پاپا! ڪهڙي ٻولي آ. (9)

ادل سومرو ڌرتيءَ جو شاعر آهي، جنهن جي فڪر، تخليق ۽ خيالن جو محور سنڌ ڌرتي ۽ ان جي ٻولي آهي. پنهنجي ٻاجهاري ٻوليءَ کي اهميت ۽ ترقي وٺرائڻ سان گڏ عام ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، ان سان گڏ پنهنجن ٻارڙن کي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ، پڙهائڻ ۽ سيکارڻ تي پڻ زور ڏئي ٿو. خدشن جو اظهار پڻ ڪري ٿو تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اسان جا ٻار شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪيل محنت جي پندار "شاهہ جو رسالو" کي پڻ اجنبي سمجهن. اهڙا سوال ڪن تہ هي ڪهڙي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي؟ جيڪي سنڌ ڌرتيءَ لاءِ تمام ڏکويل ۽ درديلا سوال هوندا. خدا پاڪ سنڌي ٻوليءَ کي اهڙي وقت کان محفوظ رکي. تاريخ شاهد آهي تہ "دنيا جي سڌريل ٻولين کي پنهنجا پنهنجا عظيم شاعر آهن. اهي عظيم شاعر ئي ٻولين ۽ قومن جي سڃاڻپ برقرار رکڻ جو سبب هوندا آهن. اهي ئي ٻوليون پنهنجو وجود بچائي سگهنديون آهن. جن جي ڳالهائيندڙن جو وڏو تعداد تخليقي صلاحيتون رکندڙ هجي."(10) اهي ٻوليون پنهنجو وجود برقرار رکي سگهن ٿيون. ڪيتريون ئي ٻوليون مري چڪيون آهن جن جي ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ وارا ماڻهو نہ رهيا آهن. انهن جي جاءِ ٻين ٻولين ورتي، اسان جي ٻولي جا پڻ ڪيترائي لفظ منظر عام تان گم ٿيندا پيا وڃن. انهن جي جاءِ ٻين ٻولين جي لفظن ورتي آهي، جيئن پاپا، ٻورچي خانو، پاپي، امي وغيره. ٻين ٻولين ۽ انهن جي لفظن جو ڳالهائڻ سنو عمل آهي. ان سان گڏ پنهنجي ٻاجهاري ٻوليءَ کي بہ وسارڻ نہ گهرجي. اسان سڀني سنڌ جاون کي

هڪ ذميوار جي حيثيت سان انهي متي مان پيدا ٿيل هجڻ جو ثبوت ڏيندي پنهنجي سنڌ سونهاريءَ جي ٻوليءَ ڪي ترقي ڏيارڻ ۽ ان کي وڌائڻ لاءِ پنهنجي گهرن ۾ پنهنجي ٻارن سان سنڌي ٻولي ڳالهائڻ سان گڏ انهن کي پڙهائڻ پڻ گهرجي ته جيئن اسان جي ٻولي پنهنجو وجود برقرار رکي سگهي.

ڌرتي! تنهنجو آئون به آهيان مڱڻهار،
توسان منهنجو پيار، آهي متي اظهار کان.
آهي لڱل ڪاٽ، ڌرتيءَ جي تاريخ کي،
آڏو جنهن انگريز جي، اوچو رکيو ڳاٽ.
اڄ به ڦاسي گهاٽ، سوچي ٿو هيمونءَ تي. (11)

ادل سومري جي هر لکڻي سراپا سونهن آهي ۽ ان سونهن جا ڪيترا ئي عڪس پري پري تائين پسجن ٿا ۽ اسان کي احساس ڏيارين ٿا. ڪنهن به وڏي شاعر جي اها خوبي هوندي آهي ته ڌرتيءَ جو درد محسوس ڪري، سمجهي ۽ انهيءَ درد ۽ خوشيءَ کي لفظن جو ويس پارائي پنهنجن پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري. هر تخليقڪار کي پنهنجي تخليقن سان دلي لڳاءُ هوندوآهي. ادل جي تخليقن ۾ ڌرتيءَ سان محبت جو عنصر تمام گهڻو ۽ چٽو نظر اچي ٿو. هوپنهنجي شاعريءَ ذريعي سنڌ ڌرتيءَ جي تاريخ تي لڳل راتاهن ۽ ڪاٽن جي پڻ ڳالهه ڪري ٿو ته سنڌ جي ادبي تاريخ جو نه ملڻ به هڪ وڏو خال آهي. ”ڪنهن به شاعرجو فڪري محرڪ ذات کان ٿيندو ڪائنات وارن مظهرن تائين پهچي ٿو، ذاتي وارتائن ۽ تجربن مان ٿي هو اجتماعيت ڏانهن وڌي ٿو. اهڙيءَ ريت ئي ان جون داخلي ڪيفيتون ٻين جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪن ٿيون. هڪ فرد جا احساس سيني جا گڏيل احساس بڻجي وڃن ٿا“. (12) ڌرتيءَ جي نوجوانن جي انهي ڪان وڏيڪ ڪهڙي مجتا ٿي سگهي ٿي جو هو پاڻ کي ڪمزور سمجهندي ان کي پاڻ کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۽ وطن جي جياپي جو اهڃاڻ سمجهندي پنهنجي زندگي ان جي نظر ڪري ٿو ۽ وطن جي وڌڻ ويجهڻ ۾ ئي خوشي ۽ سڪون محسوس ڪري ٿو. هڪ وڏي شاعر جي روپ ۾ ادل به نئين ٽهي جي قربانين کي تمام گهڻو ساراهي ٿو.

ادل پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ فطري تخليقڪار ۽ سرجڻهار ئي محسوس ٿئي ٿو. ڌرتي ۽ ان جي ٻولي سان سندس ڳانڍاپو، سچائي/خلوص ۽ محبت به ملي ٿي ته ان لاءِ درد به محسوس ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو

نئين ٽهي واسطي بيان ڪيل سندس جذبن ۾ سادگي ۽ سچائي نمايان آهي. جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي بناوٽ يا لفاظي ناهي، ادل هڪ کرو ۽ سچو احساس رکندڙ شاعر آهي جنهن جو ڪلام پڙهڻ سان دل کي ڇهي ٿو ۽ پنهنجين لکڻين ذريعي نوجوانن جي صلاحيتن کي ساراهي ۽ مڃتا ڏئي ٿو. تيئن عام زندگيءَ ۾ پڻ سندس رويو نوجوانن لاءِ ساڳيو پنهنجائپ وارو آهي. هو ڪڏهن به انهن سامهون پاڻ کي وڏي شاعر هجڻ جو تاثر نٿو ڏئي، هو نوجوانن سان انهن جي ذهني سطح مطابق ڳالهه ٻولهه ڪري ٿو.

آهي وطن دوست کي، ڌرتي جو سوداءُ،
ڪڏهن نه ڪوسو واءُ، لڳي پنهنجي ديس کي. (13)

اهڙا اعليٰ، اُتم ويچار هڪ آدرشي ۽ پنهنجي ڌرتي سان سچي وابستگي رکندڙ قوي ئي تخليق ڪري سگهي ٿو، اهڙو ڪوي جنهن جا ڏک ۽ سک پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن سان سلهاڙيل آهن. هو انهن جي دردن کي پنهنجا درد محسوس ڪري ٿو. سنڌ ڌرتيءَ جي ساجاهه وند گهڻ گهرن کي سدائين پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ جي امن، سلامتي ۽ ان جي ماروئڙن جي سک لاءِ اونو رهيو آهي. انهن جي ڏکن ۽ ڏولائن مان ڪڍڻ لاءِ شاعرن ۽ اديبن هر دور ۾ نشاندهي ڪندي آواز اٿاريو آهي.

ادل سومري به انهيءَ ڏس ۾ پنهنجي تلخيقن ذريعي پنهنجي ڌرتيءَ کي گرم هوائن کان محفوظ رکڻ لاءِ دعائيه خيال پيش ڪيا آهن، انهن خيالن ۾ گهرائپ ۽ پنهنجائپ چٽي نظر اچي ٿي، سندس شاعريءَ ۾ اهڙا عڪس نظر اچن ٿا جن ۾ ڌرتيءَ تي رهندڙن لاءِ محبت ۽ يائيچاري جو پيغام ڏنو ويو آهي. تعصب ۽ تنگ نظريي کي رد ڪيو ويو آهي. سندس زندگي ۽ شاعراڻي لهجي ۾ ڪٿي به گهمنڊ يا تڪبر نظر نٿو اچي. هو هڪ سادو انسان آهي، اها سادگي ۽ نماڻائي سندس تخليق مان نمايان نظر اچي ٿي. سندس سٽن ۾ سمايل فڪر گهرو آهي.

## نتيجو:

ڊاڪٽر ادل سومرو سنڌي ٻوليءَ جو جديد ۽ روشن خيال شاعر آهي، سندس ڪوتائي ڪئنواس ۾ خيالن جا ڪيترائي رنگ پسي سگهجن ٿا. سندس شاعريءَ ۾ مِٽي سان محبت جو اظهار سين جديد سنڌي شاعرن کان نيارو ۽ جديد نوعيت جو آهي. هو سنڌ ۾ جٽي امن جو خواهشمند آهي، اتي ديس جي ڪرڙ ڪانڊيري، ڪنڊ، ڊنين ڊورن، ندين ۽ سمنڊ سنڌوءَ کي پڻ قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو. بلڪل ايئن جيئن ڪنهن ديوتا کي سندس پڄاري

مقدس سمجهي مان ڏيندا آهن. هو شاعريءَ معرفت پنهنجي ڌرتيءَ جو نگهبان بڻجڻ کي اهميت ڏئي ٿو. ادل سومرو پنهنجي ماتر ڀومي ۽ ٻوليءَ کي سارڻ ۽ نہ وسارڻ جو فڪر ڏئي ٿو.

سندس چاهت آهي تہ سنڌ ڌرتيءَ جو نوجوان مستقبل ۾ بہ شاهہ لطيف جو رسالو اهڙي نموني پڙهي سگهي جهڙي طريقي سان ادل سومري پاڻ پڙهيو ۽ پرجهيو. ادل جي شاعريءَ ۾ وطن دوستيءَ جا اعليٰ نموني جا اظهاري ثبوت پيش ڪيا ويا آهن. جن کي پڙهي پرجهي، سنڌ جو نئون نسل ڌرتيءَ مٿان پنهنجو ويساهہ ۽ ان سان پنهنجو ناتو وڌيڪ پڪو پختو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو.

## حوالا:


1. 03. سومرو ادل، سمنڊ جاڳي ٿو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1994، ص: 97
2. 04. ڄامڙو ڪمال، ڪارونجهر (جرنل)، وفاقي اردو يونيورسٽي، عبدالحق ڪئمپس ڪراچي، 2018ع، ص: 25
3. 05. سومرو ادل، وليون وڻ ڦولاريا، ڊجيٽل ساس سٽي سکر، 1988ع، ص: 56
4. 06. روزاني عوامي آواز اخبار، 25.10.2010،
5. 07. سومرو ادل، سمنڊ جاڳي ٿو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1984ع، ص: 53
6. 08. پٽي قمر، سنڌ ڪيئن آزاد ٿيندي، سورهيہ اشاعت گهر ڄامشورو، 1987ع، ص: 07
7. 09. سومرو ادل، وساري نہ ڇڏجو، ڊجيٽل ساس سٽي سکر، 2004ع، ص: 39
8. 11. سومرو ادل، وساري نہ ڇڏجو، ڊجيٽل ساس سٽي سکر، 2004ع، ص: 86
9. سومرو ادل، نيرولي جو خواب، پوپٽ پبليشنگ هائوس خيرپور، 2017ع، ص: 90
10. سومرو ادل، پکين جا پيچرا ڪيئي، ثقافت سياحت کاتو سنڌ، 2016ع، ص: 40
11. سومرو ادل، اجرڪ جهڙي عاشقي، پوپٽ پبليشنگ هائوس خيرپور، 2020ع، 62
12. سومرو ادل، پکين جا پيچرا، ثقافت سياحت کاتو سنڌ، 2016ع، ص: 137
13. سومرو ادل، اجرڪ جهڙي عاشقي، پوپٽ پبليشنگ هائوس خيرپور، 2020ع ص: 38

ڊاڪٽر قدير ڪانڌڙو
ڊاڪٽر احمد حسين ڪولاچي

# تاج بلوچ جي شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ جو تصور

**Concept of Human friendship in the poetry of Taj Baloch**

## Abstract:

Man is measurement of everything. He has right to invade universe and make it use-able where it is possible. Humanism means to do or to think for the betterment of the humanity. It is fact Humanism is older than the term, "Humanism". The word "Humanism" is ultimately derived from the Latin concept humanitas, and, like most other words ending in -ism, entered English in the nineteenth century. However, historians agree that the concept predates the label invented to describe it, encompassing the various meanings ascribed to humanitas, which included both benevolence toward one's fellow humans and the values imparted by bonae litterae or humane learning.

Taj Baloch (1942-2020) was famous Poet. He was romantic as well as Progressive poet. His progressivism is much nearer to the Humanism. In this research Paper we have discussed the Humanism existing in the poetry of Taj Baloc; we may say that the concept of Humanism in his poetry is linked with progressive Movement.

سنڌي ٻوليءَ جي ناماياري شاعر ۽ نقاد تاج بلوچضلعي سکر جي تعلقي پني عاقل جي ڳوٺ سردار محمد مراد خان ٻُلي ۾ 25 مئي 1940ع تي مير نور احمد بلي جي گهر جنم ورتو ۽ 2020ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪري ويو.کيس ڪراچيءَ جي ماڊل ڪالوني واري قبرستان ۾ دفنايو ويو.

پنهنجي خاندان ۾ تاج بلوچ اڪيلو فرد هو؛ جيڪو روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ جي جيئري تصويرهو. هو 20 سالن تائين پاڪستان ٽيليويزن جي خبرن واري شعبي سان سلهاڙيل رهيو. ۽ ريڊيو پاڪستان جي عروج وارن ڏينهن ۾ تاج بلوچ مشهور آر جي هو. ريڊيو جي مشهور پروگرامن "صبح مهراڻ" کان ويندي "سب رنگ" تائين، سرهي سانجهہ ۽ گيتن ڀريون ڪهاڻيون سميت سندس ڪيترن ئي پروگرامن جي هنڌين

ماڳين هاڪ هئي. هو وڏي تحقيق ڪري معلوماتي پروگرام نشر ڪندو رهيو. تاج بلوچ جو شمار غزل ۽ نظم جي بادشاهه شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڪتابن جا نالا هي آهن.

(1) درد جو صحرا (1970ع)
(2) خوشبو جو زهر ( 1987ع)
(3) لفظن جو ماتم (1994ع)
(4) دل جزيرو اداس موسمن جو (2004ع)
(5) چچريون چچريون خواب (ڪليات)
(6) گوندر گبرين ۾ (سندس شاعري جو لطيف نوناري پاران ڪيل انگريزي ترجمو)
(7) ادب جو جديد تجزيو (2014ع)

سندس تنقيدي مضمونن جو ڪتاب، ”جديد ادب جو تجزيو“ جيڪو2014ع ۾ ڇپيو: ان ڪتاب ۾ تاج بلوچ صاحب عملي تنقيد جي حوالي سان تمام اهم ڪم ڪيو آهي. جديد عهد ۾ سندس اهو ڪتاب تمام گهڻي اهميت جو حامل آهي. ان ڪتاب ۾ تاج بلوچ صاحب هڪ عهد جي شاعري، ڪهاڻي، ناول ۽ ٻين صنفن جو ڇيد ڪيو آهي.

تاج بلوچ سنڌي ادبي سنگت جي بنيادي ڪارڪنن ۾ شامل هو، هو لڳاتار ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪراچي جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري رهيو. هن ڪراچي شهر ۾ سنڌي ادبي سنگت جي سرگرمين کي گهڻي هٿي ڏياري ۽ ادبي سنگت جي ترقي پسند ۽ انسان دوستيءَ واري فڪر کي وڌايو. سنڌي ادبي سنگت مرڪز کي متحد ڪرڻ ۾ به سندس ڪردار ساراهه جوڳو آهي.

تاج بلوچ جي ڪتاب، ’خوشبوءَ جو زهر‘ جي مهاڳ ۾ امير علي چانڊيو لکيو آهي ته، ”’تاج‘ جي شاعريءَ ۾ بنيادي ڳالهه ان جو شعري تجربو آهي، جيڪو سندس ادراڪ جي اعليٰ پهچ ۽ ذات جي اٿاهه گهراين مان سرجي ٿو. ليڪن ’تاج‘ جو تجربو بلڪل انوکو آهي. سندس فڪر جي اساس ۽ حس جي تيزي سندس همعصر شاعرن کان بلڪل مختلف آهي. هو معاشري جي ڪهڙي به پهلوءَ تي لکي، عشق تي لکي، حسن تي لکي يا ڪنهن منظر تي لکي، ليڪن سندس ڪاوش ۾ تخليقي وهڪرو زور شور سان نظر ايندو ’تاج‘ جي ڪلام کي اِن ڏس ۾ خاطري سان پيش ڪري سگهي ٿو.“(1)

تاج بلوچ جي شاعري گهڻ رخي آهي، هو رومانيت پسند به آهي ته، ترقي پسند پڻ، انسان دوست به آهي ته حقيقت نگار پڻ، معاشري جو بهترين عڪاس به آهي ته معاشري کي سڌارڻ لاءِ قلم وسيلي ووڙيندڙ پڻ. پر سندس سيني رخن کان اهم ۽ طاقتور رخ سندس شاعري ۾ موجود انسان دوستي وارو پهلو آهي.

امير علي چانڊيئي وڏيڪ لکيو آهي، ''’تاج‘ وٽ خالص پنهنجي شخصيت آهي، هن جي پنهنجي ذات (Self) آهي ۽ هن جو بلڪل پنهنجو زاويه فڪر آهي، جنهن جي گهَرن ٿهن مان پچيل ۽ رچيل تخليق جنم وٺي ٿي. ’تاج‘ هڪ طرف انسان دوست شاعر آهي ته ٻئي طرف حقيقت پسند (Realist) پڻ، ليڪن انهن سيني کان وڏيڪ هو هڪ رومانوي شاعر آهي. سندس رومانويت ۾ Humanism, Realism, Modernism, Progressive ideas جو اهڙو ته حسين امتزاج ملي ٿو، جو ’تاج‘ کي ڪنهن به هڪ زاويه فڪر جو شاعر ثابت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هو محض ڪارن ڪارين، ٻوڙن گونگن ۽ مزدورن جو شاعر نه آهي؛ هو حُسن جو شاعر آهي، پيار ۽ محبت جو شاعر آهي، جوان جذبن ۽ امنگن جو شاعر آهي؛ سڀ کان وڏيڪ ته هو نوجوانن جو شاعر آهي. ’تاج‘ جي رومانويت ''سه ابعادي'' (Three dimensional) آهي. سندس رومانيت عورت، انسانيت ۽ محروميت جي گرد ڦري ٿي.''(2)

تاج بلوچ انسان ۽ انسانيت جو شاعر آهي، انڪري فطري نظارا ڪيس تمام گهڻو ليائين ٿا. هو فطري سونهن جو نقاش ۽ عڪاس شاعر آهي. پر هڪ اهم ڳالهه اها به آهي ته هن جي شاعريءَ ۾ فطرت محض استعاري طور استعمال ناهي ٿي بلڪ هو جاندار جيون سان بيپناه پيار ڪري ٿو جنهن ۾ روح موجود آهي بقول چانڊيئي صاحب جي ته تاج فطرت جي حسن جو پرستار ۽ شيدائي آهي، پر ورڊسورٿ (Words worth) وانگر بي جان شين جي حسن جو شيدائي نه آهي، بلڪ هو محترڪ حسن پائڻ جو جذباتي پرستار آهي. ان ڪري هو فطرت جي سموري خوبصورتيءَ کي عورت يا محبوبه جي مادي شڪل ۾ ڏسي ٿو.

تو جي وار هوا تي چوڙيا ـ
ميگهه ملهار جي موسم موٽي،
چڪ ۾ پوتيءَ جي ڪُنڊ جهلي،
پير جي ننهن سان
تو جي ڌرتيءَ کي کوٽيو

خوشبو جو ساگر ڇلڪي پيو
تو جو مرڪيو
ڌرتيءَ کان اُڀ ـ ڪنارين موتيا مهڪيا،
چانديءَ جي جلون جو نور ٻري پيو...

(خوشبوءَ جو زهر ص 80)

تاج بلوچ بنيادي طور تي انسان دوست شاعر آهي، سندس شاعريءَ جون سڀ ڏسائون ڪٿي نه ڪٿي اچي سندس انسان دوستيءَ واري پهلو سان گڏجن ٿيون. هن کي ڏک آهي ته بدلجندڙ قدرن ۾ انسان پنهنجي حيثيت وڃائيندو ٿو وڃي.

ڪيڏانهن اڏاڻي خوشبو،
اجڙيل گهر، گل ۽ گلدان،
پنهنجي ئي من ـ پيڙا ۾،
ڏک آهي مري ويو انسان.

سندس اهو ڏک جنهن ۾ انسان جي مري وڃڻ جو نوحو شامل آهي اصل ۾ انسان دوستيءَ جو بنياد آهي. هن جي شاعريءَ ۾ موجود مزاحمت ۽ ترقي پسندي به بنيادي طور تي انسان دوستيءَ جي زمري ۾ اچن ٿيون، ”تاج وٽ اهو مزاحمتي شعور نه صرف فرد جي Status جي حوالي سان آهي، بلڪ سماجي ۽ معاشي اڻبرابري خلاف ان شعور ۾ وڌيڪ پختگي ۽ ايمان نظر اچي ٿو.“(3)

جاويد سوز هالائي لکيو آهي، ”تاج هڪ حساس دل رکندڙ شاعر آهي. هن پنهنجي شاعري کي غم جانان يا ٻي صورت ۾ داخلي ”احساسن تائين محدود نه رکيو آهي. هو پنهنجي ذات کان ٻاهر ڏسي ٿو. ڪيس پاڻ جهڙا ڪيئي دکي انسان ملن ٿا، جن جي دک جي نوعيت ته مختلف آهي پر ان جي ڀوڳنا ساڳي آهي، تاج پنهنجي ذات جا رنگ نکيريا آهن ۽ خارجي ”Objective“ احساسن کي به شعرن ۾ سمايو اٿس... تاج جا غزل ڪليل اڱڻ، چاندوڪي رات ڏکڻ جي هير ۾ پڙهندي من کي ڪيڏي نه عجيب راحت ملندي آهي.”لفظن جو ماتم“ ۾ شامل غزل/نظم/ قطعا سندس دردن جا سڌيءَ يا اڻسڌيءَ طرح عڪاس آهن.“(4)

تاج بلوچ جي شاعري انتهائي خوبصورت ۽ معنيٰ خيز شاعري آهي، هو لفظن ۾ ساهه پرڻ ڄاڻي ٿو. ڇاڪاڻ ته هو ڪاريگر شاعر آهي ان ڪري لفظن ۾ روح اوتڻ ڄڻ ته سندس هنر آهي.

مان چاهيان ٿو ڪِلجي
نئين ڪِل ڪِلجي
مگر ايئن ڪِلجي
وفا ۽ وطن جي شهيدن جي پيشانين تي
جيئن گهاوَ ٻهڪن
مان چاهيان ٿو نچجي
مگر ايئن نچجي
جو پيرن ۾ مرڪن جون ڇيرون هجن
۽ پنهنجي ئي ڪوسي ۽ تازي لهو سان
پريل تالهہ تي پيو لڳاتار نچجي
مان چاهيان ٿو نچجي
سچو ناچ نچجي!

تاج بلوچ انسانن جي اهنجن ۽ تڪليفن تي تڙپي پوڻ وارو شاعر آهي، هن کي انسان جي تڪليف ۽ ڏک پنهنجو ٿو لڳي ڇاڪاڻ تہ هو انسانيت ۽ انسان دوستيءَ جو شاعر آهي. هو لکي ٿو،

تو کي پنهنجي خوشيءَ جي آهي خوشي،
مون کي هر ڪنهن جي غم جو غم آهي.

هر ڪنهن جي غم جو غم صرف ان فرد کي ٿيندو جيڪو هر ڪنهن کي پنهنجو سمجهندو ۽ هر فرد جي درد کي پنهنجو درد سمجهندو. ۽ اهو تاج بلوچ ئي آهي جيڪو انسان کي انسانيت ۽ انسان دوستيءَ جي وسيع تصور ۾ سوچي ٿو. هو يگانو شاعر آهي، سندس شاعري پڙهڻ جو ڏانو ئي الڳ آهي.اسان مان هر هڪ کي نظام جي بدنظمي کي ختم ڪرڻ لاءِ اجتمائي طرح سان ئي، تبديلي پسند ٿيڻو پوندو. تاج پنهنجي شعر ۾ اهڙو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

زخم هڪڙو ڪو هجي سو چينيان،
آئون سارو ئي ڦٽيو پيو آهيان.
منهنجا احساس صليبن تي ٽنگيل،
آئون هر دور ۾ پيڙيو آهيان.(5)

تاج بلوچ جي شاعريءَ ۾ موجود انسان دوستي جو تصور ڏاڍو گهڻ رخو آهي، هو انسان سان پيار بہ ڪري ٿو، انسانن لاء لوچي ۽ سوچي پڻ ٿو. هو انسان جي درد ونڊڻ وارو شاعر بہ آهي تہ انسانيت ۽ انسان دوستي لاءِ ووڙيندڙ شاعر پڻ آهي. هو انسانن جي درد کي پنهنجو درد سمجهي ٿو، هو اگهائي نٿو ڏسي سگهي.

تنوير عباسي لکيو آهي، ”تاج بلوچ سنڌي آزاد نظم جي انهن آڏرين تي ڳڻي سگهجڻ وارن شاعرن مان آهي: جن آزاد نظم کي نراجيت سان نہ، پر هڪ باقاعدي صنف وانگر لکيو آهي، ۽ ان جي مڙني فني ضرورتن کي پروڙيو بہ آهي تہ نڀايو بہ آهي.

”شاعري:
الهام جي صورت ۾
لهندي آهي مون تي شاعري.
زندگي
کنهن چنڊ جهڙي چاڳلي صورت ۾
جهلندي آهي
مون تي زندگي.“(6)

زندگيءَ مان ان جو هڪڙو جواب ۽ جواز اسان کي خود شاعر ئي پيدا ڪري ڏئي ٿو :

”ڪٽڪ جو ديرو-
ڏاندن ڳاهہ پئي ڳاڌو:
منهنجو هيانءُ اڪيلو!
نار جي ڳاڌيءَ تي ڪو ڳهلو
گيت سريلو - چيڙيو چيڙيو
لفظن سان هو جهيڙيو جهيڙيو
وينو هو.
ڪاڪ منجهند هئي،
شاخ شاخ تي ڦيرو ڦيرو
گهوگهو گهو گهو لاتيون وينو هو
۽ ڪنهن جو روح بنفشي جهڙو
چانءَ جو رستو روڪيو روڪيو بيٺو هو،
ڪٽڪ جا داڻا
منهنجي من جي چڄ مان ترڪي
چٽڪي چٽڪي هيٺ ڪريا ٿي.

”تاج بلوچ جي شاعري جتي فيض احمد فيض جي سڪ لاهيندي آهي، اتي رسول حمزا توف وانگر پنهنجي ديس جي حسين نظارن، نم جي وڻن، پڪي ٻير، چانو، مالهہ ۽ گرڻو، جهڙا نج ٻهڙاريءَ وارا عڪس ملن ٿا.“(7)

تاج بلوچ عمل جو شاعر آهي، هو صرف ڳالهين مان مطمئن نہ ٿو ٿئي، هو چوي ٿو تہ هاڻي عمل جو وقت اچي ويو آهي، خالي ڳالهين مان ڪجهہ نہ ٿيندو. انسان جيڪڏهن پنهنجي وجود تان خطرا نہ ٽاري سگهيو تہ هو ايندڙ وقت کي ڪو بہ جواب نہ ڏئي سگهندو. هو انسان دوستي جي ان درجي تي ڳالهائي ٿو، جتي هن کي انسان جي وجود کي چوڌير وڪوڙي آيل خطرن تي ڳڻتي آهي.

انسان جي حقوق جون ڳالهيون گهڻيون ٿيون
عملي ڏيو ڪو موڙ، فساني کي دوستو
انسان جي وجود تان خطرا نہ جي ٽريا
ڪهڙو ڏبو جواب زماني کي دوستو

تاج بلوچ پر عزم بہ آهي، هو برملا چوي ٿو تہ ڪنهن بہ ظالم کي سندس ڪنهن سياسي کيل ۾ مظلوم ٿيڻ نہ ڏنو ويندو، اها هڪ حقيقت آهي تہ وقت جا ظالم وقت اچڻ تي پاڻ کي مظلوم ڪري پيش ڪندا آهن، تاج بلوچ اهڙي منظر نامي کي خبرداري سان ڊپڪٽ ڪيو آهي.

تنهنجي ارشاد جو ابلاغ چٽو ٿيو آهي
ڪنهن بہ ظالم کي نہ مظلوم ٿيڻ ڏينداسين
مختصر ڳالهہ اسان جي بہ هئين ساڻ هنداءِ
ڪنهن بہ قاتل کي نہ معصوم ٿيڻ ڏينداسين

تاج بلوچ کي انتشار ۽ تباهي تي وڏيڪ ڳڻتي آهي، هو اقتدار جي جنگ کي نندي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هو سچاين جو شاعر آهي، ۽ هو هن عهد کي جنگين کان پاڪ ڏسڻ چاهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ڪيس انسان جو درد آهي، ان ڪري هو چوي ٿو:

هيءَ تباهي ۽ انتشار جي جنگ
يعني عهدي ۽ اقتدار جي جنگ
عام ماڻهوءَ جو ڪنهن کي درد نہ آهہ
جڻ تہ وڙهندا هجن وقار جي جنگ

اها حقيقت آهي تہ ”تاج جي نظمن جا عنوان ۽ موضوع ٻڌائين ٿا تہ هن جي فطرت جي هر مظهر ۽ زندگي جي سدا وهندڙ درياهہ جي هر ڇولي تي گهري نظر آهي ۽ هو ڪنهن ناڪئي جيان خوابن ۽ تصورن جي ٻيڙي تي چڙهي زندگي جي تجربن جون تخليقون ۽ مشاهدن جو جمال پسندو رهي ٿو.“(8)

تاج بلوچ جي فطرت نگاريءَ ۾ بہ انسان دوستي آهي.

نہ تڙ تماچي
نہ رڇ نہ راڙا
ماٺهو
پنين اگهاڙا
پوهہ جي پوئين رات
ڪينجهر ۽ ملاح
ليٽيون_ پيٽيون
بک جون الٽيون

مطلب تہ هو انسانيت سان بي پناهہ پيار ڪندڙ انسان دوست شاعر آهي.

**نتيجو:**

بنيادي طور تي تاج بلوچ جي سڃاڻ هڪ انسان دوست ۽ ترقي پسند شاعر طور آهي. سندس شاعريءَ ۾ انسان دوستيءَ بابت تمام گهڻو مواد موجود آهي. هو دوست آهي مزدور جو، هاريءَ جو، مفلس جو، پورهيت جو ۽ پيڙيل طبقي جو. تاج بلوچ انسان دوست شاعر تہ آهي ئي چاڪاڻ تہ سندس شاعري انسانن لاءِ آهي، انهن انسانن لاءِ جيڪي محنت ڪن ٿا، پنهنجي هجڻ جو دليل ڏين ٿا، ٽڪجن نٿا، همت ڪن ٿا. هو همت وارن جو دوست شاعر آهي. هن ڪي مزدور طبقي جي اگهائي جو ڳڻتي آهي. هو فرد ڪي آزاد ڏسڻ چاهي ٿو. هو دنيا ۾ امن چاهي ٿو، جنگ ۽ فساد ڪي نندي ٿو.

**حوالا:**


1. بلوچ، تاج،خوشبوء جو زهر، امير علي چانديو، ڪلا پبليڪيشن ڪراچي، پهريون ڇاپو، 1987ع، ص: 08
2. ساڳيو،ص 5
3. بلوچ، تاج، ڇچريون ڇچريون خواب، سوجهرو پبليڪيشن 2011ع،ڪراچي، ص: 280
4. هالائي،جاويد سوز،ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1995ع، ص: 55
5. ڇچريون ڇچريون خواب، جي مهورت، واري موقعي لاءِ، لکيل تقرير، 08.02.2012
6. بلوچ، تاج ، لفظن جو ماتم، ڪلا اڪيڊمي، ڪراچي، ٻيو ڇاپو، 1997ع، ص: 15
7. بلوچ، تاج، ڇچريون ڇچريون خواب، سوجهرو پبليڪيشن 2011ع ڪراچي،ص: 441
8. بلوچ، تاج، ڇچريون ڇچريون خواب، سوجهرو پبليڪيشن 2011ع ڪراچي، ص: 431

ڊاڪٽر ڦلُو ڪي. ”سندر“ ميگهواڙ
ڊاڪٽر امير علي شاھ

# آغا سليم جي تخليقي لکڻين ۾ سونهن جو اڀياس

## Study of Beauty in the Creative Writings of Aga Saleem

**Abstract:**

Agha Saleem was a writer, novelist, poet, and intellectual of the Sindhi language. He was famous for his literary works, including short stories, novels, dramas, films, and travelogues. He was born on 7th April 1935, to a Pakhtun family of Shikarpur as Agha Khalid Saleem. He was known by his pen name, Agha Saleem. He received his primary education in Shikarpur and later moved to Hyderabad in 1948. He graduated from Government College Kali Mori, Hyderabad, in 1958. His first literary work, *Ahh Ae Zalim Samaj* [O, you, cruel society], was published in the same year. His first novel, Ondhahi Dharti Roshan Hath'a [Dark Land, Bright Hands], was published in 1972, in which he depicted a picture of the Indus Valley Civilisation of Moen Jo Daro till the creation of Pakistan in 1947.Being an author of more than one dozen books, Saleem also translated many books from Sindhi to English and Urdu languages. He also translated Shah Abdul Latif Bhittai's *Risalo* into English and Urdu in a prolific manner with rhyme and rhythm.

He got Shah Latif Award twice and Pride of Performance in 2005. He was also awarded Sitara-e-Imtiaz twice in 2013 and 2015 for his excellent literary services.

Agha Saleem served at Radio Pakistan, Karachi, and got retirement from there as station directorafter his retirement he joined the field of journalism and served as the editor of a Sindh newspaper, Daily Jaago, in 1995. He also remained the editor of *Daily Sach.*

He died after a prolonged illness on 12 April 2016 in Karachi at the age of 81. He was a twinkling star of Sindhi literature and his work would always be remembered. Sindhi language and literature were his focus of attention. His work and services could guide Sindhi literature for centuries.

Agha Saleem was a sensitive person and a man with multiple dimensions and qualities. His style had a spiritual and philosophical touch, he maintained. He had a personality that believed in love for life. So that love all facets of beauty i.e poetry, the beauty of languages, music, dance, nature, the beauty of young girls, and all other sortsof aesthetic pleasure.

In this research paper, I have traced out his approach toward beauty in his creative writings.

ڪيڏا نہ عظيم آهن اُهي ماڻهو، جيڪي نہ هِن دنيا جي لوڀ، لالچ، ۽ چسڪي جي ور چڙهيا، ۽ نہ ئي انهن جي روح کي دوزخ جي عذابن جو ڊپ هو ۽ نہ وري جنت جي حورن لاءِ حيلا. اُهي آزاد ڄاوا، آزاد زندگيءَ جي هِڪ هِڪ پل کي ماڻي، ۽ آزاد مري، مايا جي موهہ ۾ قاتل ماڻهن جي دنيا مان آزاد ٿيا. پنهنجي آزادي تہ انهن کي يقيني هُئي، پر اُهي ٻين پَسُوئن جي پناهہ لاءِ پيا پل پل پچرندا هُئا. انهن جو وجود ڄڻ آزاديءَ جو پڪو ثبوت هو. هُو گناهہ ۽ ثواب کان گهڻا مٿانهان، پنهنجي اندر کي ريجهائيندا رهيا. انهن هر گهڙي سهڻو ٿيڻ، سونهن کي ڏسڻ، ۽ سونهن تخليق ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو، جو سندن عقيدو هو تہ سونهن ئي هر بد، بيڪار، بُري، بُڇڙي، شئي ۽ عمل رد ڪري ۽ خاتمو ڪري، سنسار کي سچ ۽ سنائيءَ سان سينگاري سگهي ٿي.

ازل کان، سنڌ ڌرتي پنهنجيمٿي مان اهڙاهزارين سچا، ڪرا، ڪوپا، ڪونڌر، ۽جوڌاسپوتپيداڪياآهن،جن نہ صرف سنڌ جي ڪٽي ڪٽي سان پيار ڪيو بلڪ پوري عالم کي پنهنجي اندر ۾ اوتي، ان سان عشق ڪيو. انسانيت اهڙن عظيم انسانن تي فخر ڪري ٿي. اهو فطري قانون ٿي اپريو آهي، تهذرتيءَ سانجنهنبهپيارڪيو، جيئري تہ ماڻهن جي دلين ۾ جرڪندا رهيا، مُئي پڄاڻان بہ،ڌرتيانکي پنهنجي سيني ۾ سانڍي بہ زنده رکيو ۽هڪنهوسرندڙسجاڻپڏنياآهي.اهڙن انمول هيرن لاءِشيخاياز چيوآهي تہ:

جي پنهنجونورنجوئي ويا،
سيلڙڪمٿيءَ ۾لوئي ويا،
پرچاچا موتي پائي ويا...

آغا سليم اهڙن ئي خوبصورتي پسند خوبصورت ماڻهن مان هو، جيڪو سهڻين شين کي ڏسي ٻهڪي پوندو هو، تہ ٻي پاسي بيڪار، اڻپوري، اڏگابري، بُڇڙي شئي تي چڙي ۽ ڪجي پوندو هو. هر خراب شئي، ڪم يا عمل کي سهڻو، بهتر، ۽ مُڪمل ڪرڻ جو ڪوڏيو هو. جڏهن سندرتا، سُنائي، جوبن ڏسي ٿو تہ، سندس اندر جو ڪوي ڪر ٿو موڙي، ۽ انهي خوبصورت منظر کي هميشہ لاءِ پنهنجن لفظن ۾ قيد ٿو ڪري ڇڏي:

”نئين ماڊل جون ڪارون ترِڪن،
جِن ۾ چاندي جسم ٽا جرڪن،
عورت ڄڻ انگور جي ول آ،
تو مون لاءِ انگور کٽا هِن،
ڪِن ڪِن لاءِ تہ ڏاڊا مِنا هِن.“ (1)

۽ جڏهن انهيءَ سماج جون ڳجهون جن انسان جي اصل، انسان جي انسان ٽيڻ جي عنصر کي دولت جي ڏُوئي وسيلي ڪسي پنهنجي ڪيسي، ٻٽون ۽ ٽجوڙين ۾ تالي چڙيو، ۽ اُهو ٽر جي اُجرين ۽ آسمان کي ڇهندڙ آزاد پٽن تي ٺهوڪندڙ مورن جهڙو حُسن، چڙيا گهرن جي پنجرن ۾ واڙيل ڪُوڪرا ڪرڻ لڳو. جن مور جا آزاد ٺهوڪا نہ ٻُڌا، اهي ان مورن جي ڪوڪرن مان بہ حِظ ٽا حاصل ڪن. اُهي مت مُوڙهيا انهن کي پنهنجي مايا جال ۾ ڦاسائي، هام ٽا هڻن تہ، اسان کي مِليو، ۽ مِنو مِليو. پر اُهي نٽا سمجهي ۽ محسوس ڪري سگهن تہ انهن تہ صرف جسم قيد ڪيا. انهن کي اگهاڙو وري هيئن ٿو ڪري:

”ڪار ۾ جيڪو صاحب آهي،
تنهن جي دِل ڪمپيوٽر آهي،
واڌوُ، ڪاٽوُ، ونديان، ضربيان،
ٺاهَ نڳيءَ جا وينو ٺاهي،
ڪارو ناٽو، سَٽي بازي،
ڏِس معاشي نوسَرِ بازي.“

يَر ۾ بيٺل جواڻ بڪارڻ،
جڻ تہ سپنن جي ڪا سائڻ،
چورِي جڻ تہ سلفيءَ سوُٽو،
پوئين پهر ۾ هيِرَ جو جهُوٽو،
اُجرو ٽَن ۽ ڦاٽل چولي،
انگ اگهاڙي ماءَ جي لولي،
انت بحر جي عجب ڪهاڻي،
هر صورت ۾ آ سبحاني.“(3)

نظم بي آواز شهر جي صدا ۾ لکي ٿو تہ،

شهر آ هي سانت جو، جت لفظ بي آواز هِن،
سانت جي اِن شهر مان اڄ ڪا صدا ٿي پئي اڇي.
گهر سڀ سينگاريل پر ڪوبہ رهواسي نہ آ،
واءُ دَرَ ڪڙڪائيندي، ڪنهن جو پتو ٿي پئي پُڇي. (4)

آغا سليم جو اصل نالو آغا خالد سليم ولد آغا عبدالڪريم خان آهي. آغا صاحب جو جنم 7 اپريل 1935ع تي شڪارپور شهر ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم شڪارپور، سيڪنڊري تعليم گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد، ۽ بي اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. ريڊيو پاڪستان تي خدمتون سرانجام ڏيندي اسٽيشن ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. پر سندس سڃاڻپ تخليقڪار اديب جي حيثيت سان آهي. ادبي ڪي تر ۾ ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊراما نگار، شاعر، مترجم، محقق طور سڃاتو وڃي ٿو. رٽائرمينٽ ڪانپوءِ صحافت جي ميدان ۾ پير پاتائين، پهرين روزاني ’جاڳو‘ ۽ پوءِ روزاني ’سچ‘ اخبارن ۾ بطور ايڊيٽر جي خدمتون سرانجام ڏنائين.

سندس تصنيفون: لذت گناهه، چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون 1963ع)، اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول 1978ع)، روشنيءَ جي تلاش (ناوليٽ 1980ع)، درد جو شهر (ڪهاڻيون)، همه اوست (ناول 1985ع)، پن ڇڻ ۽ چنڊ (شاعري 1989ع)، پناڻ (تحقيق)، ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)، اڻ پورو انسان (ناول)، ڍول مارو (تحقيق)، لالن لعل لطيف ڪهي (شاهه لطيف جي واين جو منظوم ترجمو)، بابا فريد گنج شڪر (ترجمو، تحقيق ۽ شاعري 1984ع)، رسالہ شاهه عبداللطيف ڀٽائي (ترجمو 2000ع)، صدين جي صدا (شيخ اياز جي شاعريءَ جو اِيپاس 2005ع)، Melodies of Shah Latif (شاهه لطيف جي شاعريءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو 2007ع- 2008ع)، لات جا لطيف جي (2008ع)، ڊراما آغا سليم جا (2009ع)، سچل سچ هي سارا (سچل سائين بابت تحقيق ۽ ترجما 2010ع)، جهولي لال (سفرنامو 2000ع)، The poetry and Thoughts of Shah Abdul Lateef Bhittai (2012)، Alexander's conquest of Indus Valley (2014)، Mystic سنڌي موسيقي... رسالي جا سُر (2011ع)، Sami sings Vedanta (ساميءَ جي چونڊ سلوڪن جو ترجمو 2015ع)، جيڪي ڏٺو سون مون (شاهه لطيف جي فڪر جي اپٽار 2015ع).

انهيءَ ڪان علاوه آغا صاحب ٽي وي، اسٽيج ۽ ريڊيو لاءِ ڪيترائي ڊراما پڻ لکيا، جهڙوڪ: خواب جو سورج (1970ع)، گل ڇنو گرنار جو (1971ع)، بدمعاش (جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ جي ڊرامائي صورت 1971ع)، پرهه جا مسافر (1972ع)، درد جا پڙلاءُ (1973ع)، سک جي وستي (1974ع)، ٽيليفون (1974ع)، ٻُري هن پنيور ۾ (1976ع)، اڻ ڪٽ فاصلا (1976ع)، مانار (1977ع)، پوياڙيءَ جا پاڇا (1977ع)، چاندوڪيءَ جو رهبر (1977ع)، پورٽريٽ (1977ع)، تماشو (1979ع)، ڪيڏا سپنا، ڪيڏا خواب (1981ع)، سرابن جا

مسافر (2002ع)، گلن جهڙا گهاءُ، روپ بهروپ، پاڳل خانو، خوابن جو سورج، چانڊوڪيءَ جو زهر، پاس ناپاس، ٽي پينر (ترجمو)، دودو چنيسر (اسٽيج ناٽڪ)، دولهه درياهه خان (اسٽيج ناٽڪ)، گل چنو گرنار جو (اسٽيج ناٽڪ 1967ع) وغيره.

مٿين تصنيفن مان اسان اهو نُڪتو نروار ڪنداسين ته آغا صاحب سراپا سونهن جو ليکڪ آهي. سونهن ئي سچ آهي، ۽ سچ ئي امر آهي. سونهن ۽ سچ هڪ فرد جي وجود کان ويندي، سموري سنسار طرف مثبت رويو ۽ جذبو آهي. Positivity، يعني مثبت رويو سڀ کان پهرين جڏهن به ڪنهن جي اندر ۾ ڦٽي ٿو، ته اهو شخص خود چنڊ بڻجي، پوري ڪائنات کي چانڊوڪيءَ جي اجاڻ سان اجري ڪرڻ لاءِ انڌيرن سان جهيڙن جو عَلم اُيو ڪندو آهي. اهڙو رويو، جو زندگيءَ جو هر معنيٰ هجي، انهيءَ جو پاڙون پوري انسانيت سان بنا ڪنهن منافعي ۽ لالچ جي برابر ۽ هڪ جهڙي پيار ۾ ڪتل هونديون آهن. هڪ سچي تخليقڪار جي تخليق جو محور مثبت پهلوئن تي ٻينل هوندو آهي، ۽ انهيءَ جي سوچ اميد تي آڏاريل هوندي آهي. پر سونهاري سنڌ جهڙو ديس جيڪو صدين جي ستم ظريفين جي باوجود پنهنجي سونهن سالم رکندو اچي، جنهن جي رهواسين سان ڪيترائي ڪلور ٿيا، پر انهن سُناين ۽ اميدن جو ساٿ نه ڇڏيو. آغا صاحب به انهيءَ ڌرتيءَ جو سپوت آهي، جيڪو سنڌ جي زخمن کي پنهنجا زخم ٿو محسوس ڪري، تنهن ڪري هو، خود کي ڏکايل ۽ پيڙهيل هوندي به اميد پرست ٿو سڏي. پنهنجي اميد پرستي بابت ٻڌائي ٿو ته، ”مون کي روسي اديب دوستو وسڪي ۽ چيخوف تمام گهڻا پسند آهن. مان ته ائين چوندس ته چيخوف منهنجو فني مرشد آهي، جنهن کي پڙهڻ لاءِ ذهني وضوءَ جي ضرورت محسوس ڪئي اٿم. مون لکڻين ۾ غيرشعوري ۽ شعوري طرح هن جو اثر ورتو آهي، خاص ڪري سندس Pessimistic optimism. هن جا ڪردار گهڻو ڪري ڏکويل هوندا آهن، جيڪي هر وقت پنهنجن ڏکن جو اظهار ڪندا رهندا آهن، آئندي جي خوشحاليءَ جا خواب به ڏسندا آهن. آئون به اهو ئي سوچي لکندو آهيان اسان ته ڏکويل آهيون، پر هن ڌرتيءَ تي اسان جو ڪو نسل سک ماڻيندو ان لاءِ پيا ڏک ڀوڳيون. اهو خواب يا اهي اميدون مون چيخوف جي نظريي کان سِکيون آهن.“ (4)

آغا سليم جو نالو موجوده دور جي بهترين تخليقڪارن ۾ شمار ٿئي ٿو، هن سنڌي ادب ۾جديد طرزتي شاهڪار ناولن جو اضافو ڪيو. سچ، سونهن، رومانيت، ٻوليءَ ۾ مناس، موسيقيت، لئي، سلاست ۽

رواني، ۽ ڪردارن جي زندگيءَ جي ڀرپور عڪاسي ڪندڙ ۽ اعليٰ تخيلاتي فڪشن لکندڙ منفرد اديب آهي. سندس افسانا ناول ۽ ڊراما قوميت جي رنگ ۾ رڱيل آهن. هن جو شمار ترقي پسند ليکڪن ۾ ٿئي ٿو، جنهن جي لکڻين تي رومانوي پهلو حاوي آهي. ڪي نقاد ته کيس وجوديت جو ليکڪ پڻ چون ٿا. آغا صاحب پنهنجن لکڻين ۾ افساني نگار وانگر ڪان وٺ زندگيءَ جي ابدي حقيقتن جو به مصور ۽ شاعر نظر ٿو اچي. آغا سليم حقيقت نگار پڻ آهي، هن سماج جي سچن مسئلن تي پڻ لکيو آهي. رومانويت جو ليکڪ يا فنڪار زندگيءَ جي سادن سودن واقعن ناخشگوار موضوعن کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنائڻ بدران تخيل جيمد دسان اهڙا منظر واقعا ۽ ڪردار واضع ڪندو آهي جنهن جو مثال حقيقت پسند ليکڪ وٽ هرگز نه هوندو آهي هن جي تخيل جو بنياد مشاهدي تي ٻڌل آهي. آغا سليم وٽ زندگي کان فراريت واري رومانوي تنه آهي، بلڪ سندس ذهن شعور جي وهڪري ۾ لڙهندو زمان ۽ مڪان تفاوت مٽائيندو تاريخ جي مختلف تهذيبي دورن ۾ ڀٽڪندو رهي ٿو ۽ سندس تصور انسان جي بلند تر مقام اتتائين پهچي ٿو. نيٺ اهو فن جي مثاليت جو اهڙو روپ ڌاري ٿو جيڪو ابديت جو ضامن بنجي پوي ٿو اهڙي طرح محبت جو جذبو رومانويت جو اهم عنصر بنجي وڃي ٿو. آغا سليم پنهنجي تخيلقن ۾ محبت کي مرڪزي جاءِ ڏني آهي. آغا سليم انساني فطرت ۽ محبت جي جذبي کي سطح يطرحن، پر هڪ سحر آفرين جذبي جي حيثيت سان پيش ڪيو آهي. محبت انسانيت هذيب ۽ هر لطيف فن جي تخليق جو راز ڄاڻايو آهي. هو معمولي جي بجاءِ غير معمولي ظاهر ۽ واضح شين بدران پوشيده ڳالهين کي واضح ڪرڻ جو قائل آهي. انهيءَ ڪري جديد سنڌي افسانوي ادب جي تخليقارن ۾ کيس نمايان حيثيت آهي.

آغا سليم جي ادبي سڃاڻپ بحيثيت شاعر ٿي نه اُڀري، حالانڪ هو تمام بهترين شاعر هو. آئون سندس شاعري پڙهي سراپجي ويو آهيان. آغا صاحب جو تعلق سپ کان آواز جي دنيا سان پيدا ٿيو ۽ پوءِ قلم جي دنيا ۾ اچي هڪ پڙاڏو بڻجي سموري سنڌ ۾ ڦهلجي ويو.آغا صاحب خاموش رهندو هو، پر جيڪڏهن ڳالهائڻ تي ايندو هو ته ايئن لڳندو هو ته ڄڻ سنڌوءَ ۾ سيلاب اچي ويو هجي. آغا صاحب گهڻ پاسائي شخصيت جو مالڪ هو، جنهن کي ڪنهن هڪ خاني ۾ بند ڪري نه ٿو سگهجي. سندس لفظن مان خوشبوءِ ايندي آهي.

آغا سليم صاحب شاهه جي رسالي جو اردو ترجمو ڪري شاهه سائينءَ کي اردو ٻولي ڳالهائيندڙن ۾ روشناس ڪرايو آهي. هن چيو ته هن

تعزيتي ريفرنس ۾ پيش ٿيل مقالا اردو ۾ترجمو ڪيا وڃن ته جيئن انجمن ترقي اردو انهن کي ڪتابي شڪل ۾ پڌرو ڪري سگهي.

آغا صاحب افسانوي ادب جو وڏو نالو آهي، سندس افسانن کي اسان مختلف دورن ۾ ورهائي سگهون ٿا. آغا صاحب پنهنجي همعصرن افساني نگارن ۾ وڏو مقام رکندڙ هو. سندس جي ڪم جا ڪيترائي حوالا آهن ۽ سندس سمورا ڪتاب پنهنجي پنهنجي موضوع جي حوالي سان مستند دستاويزن جي حيثيت رکن ٿا. آغا صاحب جا افسانا سندس زندگيءَ جو عڪس آهن. هو پنهنجن افسانن جو مرڪزي هيرو پاڻ آهي. آغا صاحب خانقاهي تصوف جي خلاف هو، هُو صوفيءَ کي فڪري ۽ عملي ماڻهو سمجهي ٿو. سندس لکيل ناول همه اوست ڊرامي جي صورت ۾ پيش ڪري تصوف کي سولائيءَ سان سمجهائي سگهجي ٿو. آغا صاحب افسانوي ادب ۾ سنڌ جي تاريخ، تصوف ۽ وطن دوستيءَ کي جمالياتي ۽ رومانوي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. آغا سليم پنهنجي تحقيقي ڪم وسيلي سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ ادب کي جيئرو ڪيو آهي. پاڻ نرم دل جو ماڻهو هو، سندس چپن تي هميشه مسڪراهٽ هوندي هئي، هو پاڻ سهڻو هو ته سونهن پسند به ڪندو هو. سندس سفرنامو سونهن جي بيان سان گڏ علم ۽ دانائيءَ جو دستاويز آهي.

آغا سليم جا موضوعن ڪور آهن، هن پنهنجي موضوعن ۾ گهڻو ٽڻو پنهنجي ديس جي محبوب تهذيبي جي تاريخي عظمت ۽ اعليٰ قدرن عروج ۽ زوال جو ذڪر ڪيو آهي. هن رومانويت کي سنڌي تهذيب جي قدرن جي احساسن کي منفرد انداز ۾ پيش ڪيو آهي. مٿي پيش ڪيل فني ۽ فڪري حاصلات لاءِ آغا صاحب پنهنجي سموري تخليقي ڪم ۾ علامت نگاري ۽ تمثيل نگاريءَ جو خوب فني مظاهرو ڪيو آهي.

فنون لطيف جي حوالي سان 19 هين صديءَ ۾ علامت نگاريءَ جي تحريڪ هلي آهي. ادب ۾ علامت نگاريءَ جي حوالي سان هڪ ويب سائيٽ لکي ٿي ته:

"Symbolism is the practice or art of using an object or a word to represent an abstract idea. An action, person, place, word, or object can all have asymbolic meaning. When an author wants to suggest a certain mood or emotion, he can also usesymbolism to hint at it, rather than just blatantly saying it." (5)

علامت نگاري، هڪ مبهم خيال کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪنهن به شئي يا لفظ جي استعمال جو فن آهي. علامت نگاريءَ ۾ هڪ عمل، ماڻهو،

جڳهه، لفظ، يا ڪنهن بہ شئي جي تمثيلي معنیٰ هوندي آهي. جڏهن ليڪڪ ڪنهن مخصوص حالت، رويي يا جذبي کي بيان ڪرڻ گهرندو آهي، هو انهي کي پُراثر ۽ واضح ڪرڻ لاءِ تمثيل ۾ پيش ڪندو آهي، بجاءِ ان کي سڌو سنئون پيش ڪرڻ جي.

ادب ۾ تخليقڪار، ناول، ڪهاڻي، يا شاعريءَ کي وڌيڪ پُر اثر بڻائڻ ۽ فني طور وڌيڪ پر لطف بڻائڻ لاءِ مختلف فني گهاڙيٽن ۽ سانچن ۾ گهڙيندو آهي، انهن مان علامت نگاري تمام اهم ۽ بنيادي آهي. علامت نگاري نہ صرف عبارت کي رنگين بڻائي ٿي بلڪ پڙهندڙ جي تصوراتي سگهہ پڻ وسيع ڪري ٿي ۽ Aesthetic Pleasuer بہ وڌي ٿو.

"When used as a literary device, symbolism means to imbue objects with a certain meaning that is different from their original meaning or function. Other literary devices, such as metaphor, allegory, and allusion ,aid in the development of symbolism. Authors use symbolism to tie certain things that may initially seem unimportant to more universal themes. The symbols then represent these grander ideas or qualities. For instance, an author may use a particular color that on its own is nothing more than a color, but hints at a deeper meaning. One notable example is in Joseph Conrad's aptly titled *Heart of Darkness* ,where the "darkness" of the African continent in his work is supposed to symbolize its backwardness and the possibility of evil there(6) ".

ادب ۾ علامت نگاريءَ جو مطلب شين کي هڪ مخصوص معنیٰ سان پيش ڪرڻ، جيڪا انهن جي ظاهري يا اصلي معنیٰ ۽ جوهر کان مختلف هوندي آهي. استعارو، تشبيهہ، اصطلاح، مثال وغيره پڻ علامت نگاري جي دائري ۾ اچن ٿا. ليکڪ علامتون استعمال ڪندا آهن، سي شروعات ۾ پلي اجايون محسوس ٿيندیون هجن، پر اڳتي هلي اهي وسيع خيالن يا گڻن جي نمائندگي ڪن ٿيون. مثال طور هڪ ليکڪ ڪنهن رنگ کي استعمال ڪري ٿو، ظاهري طور اهو صرف رنگ ئي هوندو آهي، پر علامتي طور انهيءَ جي تمام وسيع معنیٰ هوندي آهي.

ليکڪ ۽ شاعر پنهنجي لکڻين ۽ شاعريءَ ۾ مثبت ۽ منفي شين کي واضح ڪندي، فطرتي ماحول، ثقافتي پش منظر، رنگن، تاريخي ڪردارن، واقعن، شين، اهڃاڻن، مثالن کي تمثيلي روپ ۾ پيش ڪندا آهن.

"Symbolism is often used by writers to enhance their writing. Symbolism can give a literary work more richness and color and can make the meaning of the work deeper .

In literature, symbolism can take many forms including:

9. A figure of speech where an object, person, or situation has another meaning other than its literal meaning.

10. The actions of a character, word, action, or event that have a deeper meaning in the context of the whole story."(7)

ليکڪ پنهنجي لکڻي کي واضح ڪرڻ يا زور ونرائڻ لاءِ علامت نگاريءَ جو استعمال ڪندا آهن. علامت نگاري ڪنهن بہ ادبي شهپاري کي شاهوڪاري ۽ رنگيني بخشي ٿي تہ انهيءَ جي معنیٰ ۽ مفهوم ۾ اونهائي آڻي ٿي. ادب ۾، علامت نگاري مختلف صورتون پيش ڪري ٿي، جهڙوڪ:

11. ڳالهائڻ جو هڪ نمونو جنهن ۾ هڪ شئي، ماڻهو، يا حالت اصلي معنیٰ کان ٻي معنیٰ پيش ڪري.
12. ڪردار جا فعل، لفظ، عمل، يا واقعا پوري ڪهاڻيءَ جي پس منظر ۾ ڳوڙهي معنیٰ رکن ٿا. ويبيسٽر ڊڪشنري لکي ٿي تہ:

"The art or practice of using symbols especially by investing things with a symbolic meaning or by expressing the invisible or intangible by means of visible or sensuous representations: such as*a* : artistic imitation or invention that is a method of revealing or suggesting immaterial, ideal, or otherwise intangible truth or states."(8)

آغا صاحب جي تخليقي شهپارن مان سچ ۽ سونهن جي سمجهڻ لاءِ اسان سندس فن ۽ ٻوليءَ ۾ علامت نگاريءَ جو سهارو وٺنداسين.

آغا صاحب جي لکڻين تي نظر وجهنداسين تہ سندس لکڻين ۾ جيئن تہ اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ آغا صاحب اميد پرست، ترقي پسند ۽ انسان جي آزاداڻا زندگيءَ جو نہ صرف قائل آهي بلڪ وڪيل آهي. تنهن ڪري سندس لکڻين ۾، آزادي پسند، ترقي پسند، مثبت رويي سان لاڳاپيل علامتن جو ڀرپور استعمال ٿيل آهي، بلڪ آغا صاحب جي لکڻين جو محور ئي اِهو رهيو آهي. مثال طور، سندس ڪتابن جا نالا ڏسو: چنڊ جا تمنائي، اونداهي ڌرتي روشن هٿ، روشنيءَ جي تلاش، پن ڇڻ ۽ چنڊ، ڌرتي روشن آهي، اڻ پورو انسان، صدين جي صدا، Melodies of Shah Latif، لات جا لطيف جي، سچل سچ هي سارا، جهولي لال، سنڌي موسيقي... رسالي جا سُر، Thoughts of Shah Abdul Lateef Bhittai، sings Vedanta Sami، جيڪي ڏنو سون مون، خواب جو سورج، گل چنو گرنار جو، پرهه جا مسافر، سک جي وستي، چانڊوڪيءَ جو رهبر، ڪيڏا سپنا، ڪيڏا خواب، سرابن جا مسافر، گلن جهڙا گهاءُ، خوابن جو سورج، چانڊوڪيءَ جو زهر، دودو چنيسر، دولهہ درياهہ خان وغيره. مطلب تہ چنڊ، روشني، خواب، سپنا، تمنا، تلاش، melodies، سُر، موسيقي، لات، صدا، سچ، سورج، گل، پرهه، مسافر، تاريخي ڪردار جيڪي بهادريءَ ۽ سچائي جي علامت آهن، وغيره جهڙيون علامتون ليکڪ جي ذهني سطح ۽ لاڙو ظاهر ڪن ٿيون.

انهيءَ کان علاوه سنڌس لکڻيون مثبت معنيٰ رکندڙ لفظن، استعارن، اصطلاحن، تمثيلن، تشبيهن ۽ مثالن سان ٽمٽار آهن. مثال طور سنڌس موسيقي سان چاهه ۽ لڳاءُ جو اندازو انهيءَ مان ٿئي ٿو ته پنهنجن لکڻين ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي موسيقيءَ جو ذڪر ڪري ٿو، ”منهنجي فليٽ آمهون سامهون، سڙڪ جي هن پر هڪ فليٽ آهي جنهن ۾ هڪڙي موسيقار، موسيقي ۽ ناچ جي سکيا لاءِ اسڪول کوليو آهي. شام ٿيندي آهي ته سوسائٽي ۾ رهندڙ وڏ گهراڻيون جوانڙيون، تن بدن سينگاري هتي ناچ ۽ موسيقي جي سکيا وٺڻ اينديون آهن.“(9)

آغا صاحب حسن پرست ليکڪ هو. سونهن ۽ جوڀن سنڌس لکڻين جو مرڪزي موضوع رهيو آهي، چاڪاڻ ته سونهن ئي سچ آهي، ۽ سونهن ئي امر آهي، سونهن ۽ جواني بابت لکي ٿو ته، ”شام ٿيندي آهي ته مان اڪيلوئي اڪيلو سڙڪن جو سير ڪرڻ لاءِ نڪرندو آهيان، ان وقت سوسائٽي جي سڙڪن تي جوان، سهڻن، وڻيل سٽيل جسمن ۽ بت سان چهٽيل لباس واريون ڇوڪريون لنگهنديون آهن. سندن جوڀن ڪپڙن جا بند پيچڻ لاءِ اٿلون پيو ڏيندو آهي، جڻ سندن لباس جا سيئي ٽوپا ٽٽي پوندا ۽ سندن جسم جي اندلث پنهنجي ستن رنگن سميت ڪڙي ٽڙي بيهندي. ڪڏهين سندن چيلهه ڪمان وانگر وري ويندي آهي ته ڪڏهن تير وانگر سڌي ۽ منجهائڻ اهڙي هٻڪار ايندي آهي، جڻ هو گهمندڙ ڦرندڙ گلستان آهن.“ (10)

ناول روشنيءَ تي تلاش جي شروعات ئي فطرت جي سونهن کي عورت جي خوبصورتيءَ جي تشبيهه سان ڪري ٿو، ”اپريل ۾ وڏا، ساوا ۽ گهاٽا وڻ پنهنجي جوڀن واري پيلي پوشاڪ لاهي اڇلائي ڇڏيندا آهن ۽ ساون شالون اوڍڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. هوائن جا جهوٽا سڳنڌ ۽ سرهاڻ ۾ سرمست ٿي ائين ٽڙندا آهن جيئن جواني جي نشي ۾ چور جوانڙيون! چنڊ آسمان ۾ ائين ٽڙي بيهندو آهي جڻ ڪا جوان جماڻ شل نيري ڊنڊ ۾ وهنجي رهي هجي.“ (11)

رنگ سونهن جا ساٿاري آهن، رنگن سان ئي زندگي آهي ۽ رنگ خوشين، رونقن، جواني، پيار ۽ انساني جذبن ۽ احساسن جي علامت آهن. نيٺ بهار آيو ڪهاڻيءَ فطرت جي رنگن ڪي جوانيءَ جي رنگن سان ڪمال جي علامتي انداز ۾ پيش ڪري ٿو، ”نسرين ۽ مان واه جي ڪپر تي سير ڪرڻ لاءِ نڪتاسين. جهونجهڪڙي جو وقت هو، افق چانيل هلڪن سفيد بادلن ۾ شفق جا رنگ رلجي ويا هئا، جڻ آسمان ۾ ديوين ۽ ديوتائن ڪو ڏڻ

ملهايو هو ۽ رنگن جي پچڪارين سان هڪبئي جي لباس کي رنگا رنگ ڪري ڇڏيو هو.“ (12)

پکين جو لاتيون، افق جي شفق ۾ نهار، سج کي ڏسڻ، مطلب ته لفظ لفظ ۾ مدرتا، سونهن، سُنائي، سنگيت، ۽ سُنائي سان گڏ امن، انقلاب ۽ ترقيءَ جو تمثيلي اظهار. لکي ٿو ته، ”مان هر روز پره ڦٽي ءَ وقت نسرين وٽ ويندو هوس. نسرين ۽ مان گڏجي واه جي ڪناري تي سير ڪرڻ ويندا هئاسين. جهنگلي پکين جون منڙيون منڙيون لاتيون ٻڌندا هئاسين؛ شفق جو نظارو ڪندا هئاسين؛ ۽ سج کي ايرندو ڏسندا هئاسين.“ (13)

اميد پرستيءَ ته ڏسو، خوابن جا سوداگر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته، ”اصل ۾ اسين سڀ خوابن جا سوداگر آهيون. اسين گلن جا خواب ڏسي گل پوش ماترين جي تلاش ۾ نڪرندا آهيون.“ (14)

اونداهي ڌرتي روشن هٿ ناول جي شروعات ئي فطرت نگاري، سونهن، سنگيت، ناچ وغيره جهڙن موضوعن سان ڪري ٿو. لکي ٿو ته، ”شهر جي چوڌاري نيڻ نهار تائين سايون سايون ٻنيون هيون ۽ پاسي کان سنڌو وهي رهيو هو. مُهن شهر جا ماڻهو سنڌوءَ کي ديوتا ڪري پوڄيندا هئا ۽ هنن جا ان دريا بابت ڏاڍا عجيب عقيدا هئا. ڪي چوندا هئا ته: اهو درياه چنڊ مان وهي ٿو، سندس پاڻي پگهريل چاندوڪي آهي، جيڪا اُجايل ڌرتيءَ جي پُورن ۾ پيهي، سونا سنگ ٻڌجي فضائن ۾ جهولندي آهي. ڪي وري چوندا هئا ته: هڪڙي اوچي ۽ برف سان ڍڪيل جبل، ڌرتيءَ جي اُره مان، ٽج سِيرون ڪري وهندو آهي ۽ سنڌوءَ جي صورت ۾ پنهنجي ٻچڙن جي بک پجندو آهي... سج اولهه ۾ لڪو ۽ آسمان ۾ جهُڙ جي ٽڙيل پکڙيل ٽڪرن ۾ باه جا اُلا پڙڪي پيا. اُلن جي اولڙي ۾ درياه ۾ ترندڙ ٻيڙين جا سڙه ۽ شهر جون جايون جرڪڻ لڳيون. پريان مينهن، ڳئن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ، کير سان ڀريل چاڳلون چلڪائيندا، ڳُرن سان ڏوڙ اُڏائيندا، ٽليون ۽ چڙا وڄائيندا، شهر ڏانهن اچي رهيا هئا. ڌڻن جي پنيان ڏنار ٻئنسري وڄائيندو ٿي آيو. ٻئنسري جا سُرَ فضا ۾ ائين تري رهيا هئا، جيئن سنڌوءَ ۾ سڙهَ! ”ڪهڙو نه سهڻو شهر آهي!“ سارنگ سنڌوءَ جي ڪناري تي ويٺي ويٺي سوچيو.“ (15)

پنهنجي وطن جي هر شئي سان محبت ڪرڻ ٻه، ۽ انهي سُنائين کي نروار ڪرڻ، ان ذري پرزي جا ڳڻ ڳائڻ، پڻ نه صرف حب الوطني جي ساک آهي، بلڪه وطن جي تاريخي مثبت پهلوئن کي نروار ڪرڻ مان ئي سندس مثبت سوچ ۽ رويو ظاهر ٿئي ٿو. سندس تقريبن سڀئي لکڻيون وطن جي

حب سان ٽمٽار آهن، هيٺ اسان سندس مشهور ناول همہ اوست جو جائزو پيش ڪريون ٿا.

همہ اوست ناول بذات خود هڪ مڪمل تمثيلي ناول آهي. سندس نالو بہ تمثيلي آهي، منهنجي خيال ۾ هتي همہ اوست جي معنيٰ ’سنڌ‘ آهي. جنهن جي سنڌ جي ٻن اهم مفڪرن صوفي شاهہ عنايت شهيد جي ڪردار ۽ شاهہ عبداللطيف جو ذڪر سندس شاعريءَ سان گڏوگڏ موجود، انهيءَ ڪان علاوه تصوف جي تشريح ڪندي ٻئي نہ ڪيتر نئي صوفي شاعرن جو ذڪر، سنڌ جي تاريخي ڪردارن سجاول خان سمي ۽ ٺٽي جي مغل نواب سيد لطف علي جي ڪردارن، ان ڪانپوءِ ان زماني جي داستان گوين، چارڻن جو ذڪر، جيڪي پڻ تاريخي حيثيت رکن ٿا ۽ واقعن، سنڌيت جي فلسفي، جنهن ۾ امن ۽ پيار پائيچارو، مذهبي رواداري، سچائي ۽ قربانيءَ جهڙن جذبن جي اپٽار رٽيل آهي، جنهن مان سنڌ جي ڀرپور عڪاسي ٿيل آهي.

آغا سليم هن ناول ۾ سنڌ جي تاريخي لاهن چاڙهن مان صوفي نجي فلسفي جي اپٽار ڪئي آهي. تاريخ جي لحاظ ڪان هن ناول ۾ مغل نجي ظلم ڏهڪاءُ ۽ زوال واري وقت جو ذڪر ڪيو ويو آهي، مغلن ۽ ڪلهوڙن جي سياسي ڪشمڪش جي دوران صوفينتي ٿيل ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ ۽ مذهبي نظرين جي ڇڪتاڻ جي دل ڏاريندڙ داستان ڪي واضع طرح سان ناول ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. ان ڪان علاوه هن ناول ۾ سما خاندان جو مغلن تي ڪاهون، ۽ مغلن جون سمنتي ڪاهن جو ذڪر پڻ موجود آهي، مغلن ۽ ڪلهوڙن جي سياسي ڪشمڪش واري دور ۾ هئيتنهن بابت پنهنجي ناول ۾ عظيم صوفي بزرگن جي ٻن نظرين جو تعارف پڻ ڪرائي ٿو.

جهڙوڪ: ابنعربي جن جي ”وحدتالوجود“ ۽ مجددالفثانيءَ جي ”وحدت الشهود“ جي نظرئي جو تعارف ان ڪان علاوه هن ناول ۾ صوفي شاهہ عنايت شهيد جي تحريڪ جو پس منظر ڏنل آهي.

دنيا جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي، تہ دنيا ۾ انساني رت وڌ مان وڌ مذهب جي نالن ۾ وهيو آهي. هرڪو اهو ثابت ڪرڻ ۾ پورو تہ پنهنجو مذهب سچو ۽ مڪمل ۽ انهيءَ جي ڦهلاءُ لاءِ آخري حد تائين وڃڻ ئي پنهنجو الاهي فرض سمجهڻ. اهڙي رويي، سوچ ۽ عمل جي نتيجي ۾ سوين جنگين جي نتيجي ۾ ڪروڙين ماڻهو ماريا ويا. هڪ انسان دوست ليڪڪ ڪوشش ڪندو، تہ پنهنجي لکڻين مان مذهبي رواداري پکيڙي عام ماڻهن ۾ امن قائم ڪري. هن ناول جو گهرائيءَ سان اڀياس

ڪرڻ مان خبر پوي ٿي ته، روادري، امن، پيار، محبت، سهپ ۽ پائيچاري لاءِ، آغا صاحب هن ناول ۾ دنيا جي وڏن مذهبن جي فلسفي جي تشريع بيان ڪئي آهي.

جهڙوڪ: ”دين اسلام“ جي باري ۾ آغا سليم لکي ٿو ته، اسلام امن جو مذهب آهي رنگ نسل ۽ سماجي رتبي کان اعليٰ عالمي پائيپي ۽ امن جو مذهب آهي. عيسائي مذهب جي سمجهاڻي ڏيندي، آغا سليم پادريءَ جي واتان هڪ مڪالمو چورائي ٿو ته، بنيادي طرح هر انسان عيسائي آهي، پر وقت ان کي چا مان چا بڻائي ڇڏيو آهي. ان سان گڏوگڏ ”هندوازم“ جي ويد ۽ ويدانيت جي فلسفي تي به روشني وڌي اٿس.

اسلامي تصوف جي باري ۾ تمام گهڻن ڪتن کي ناول جي فن ۾ اُٽي، سولائيءَ سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. اسلامي تصوف جي نظريي مطابق سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو ته، ”ذاتا حدمان پهرين عقل ڪل نِڪتو ۽ عقل ڪل مان روح ڪل ۽ روح ڪل مان پيارو حنِڪتا. روح جڏهن مادي ڏانهن جهڪيو، ته ادنيٰ تي پيو، ذاتا حدس جي مثال آهي. جنهن مان نور جو نيڪ استيندو ٿو رهي. عقل ڪل، روح ڪل ۽ اعلي ۽ ادنيٰ روح ذاتا حدمان ايئن چلڪي نِڪتا، جيئن سج مان نور چلڪي نڪرندو آهي. مادو تاريڪ جنهن تائين نور جون شعائون پهچي نه سگهيون، پر مادو ڪائنات جي سيني شين جو بنياد آهي ۽ روح مادي کي جدا جدا شڪليون ڏيندا آهن، روح مادي جي اونداهي جهان مان نڪري، پنهنجي حقيقي محبوب ۽ اصل مصدر ڏاهن وڃڻ لاءِ بيتاب آهي. اهو عشق آهي. ويدانتيءَ ذات کي احد کي اوديتا يعني جيڪو به نه آهي، سڏيو. ذات احد کي پرم ۽ برهم سڏيو، برهم مان ئي ڪائنات نڪتي. جيون آتمان (انساني روح) پرمآتما (روح ڪل) کان جدا ٿي. جڏهن آتما تي مايا جي ڪثرت جو فريب ظاهر ٿيندو آهي، تڏهن جيوآتما پرمآتما سان ملڻ لاءِ بيتاب ٿيندي آهي. جيوآتما جو پرمآتما جذب ٿيڻ نروان ۽ مکتي آهي.“(16)

آغا سليم انهي ناول ۾ سماج جي ڀرپور عڪاسي ڪندي،گهڻن ڪردارن جو نفسياتي جائزو ورتو آهي، ناول ۾ هڪ هند هڪ ڳاڙهي بازار جي عورت جو به ذڪر ڪيو اٿس انهيءَ ڪردار جي نفسيات جي باري ۾ لکي ٿو ته، ”هُنن کي پنهنجي طاقت جي خبر هئي، مڙد جي سياءُ جي چڳيءَ طرح ڄاڻ هئي. هنن کي خبر هئي ته، ڪهڙو مرد هن جي گهور سان گهائبو ۽ ڪهڙو هن جي مرڪ سان مات ٿيندو ۽ ڪهڙو هن جي ڇهاءُ سان ميڻ وانگر پگهريو يندو.“(17)

فني حوالي سان ڏسنداسين ته، انهيءَ ناول جو پلاٽ، مرڪب پلاٽ آهي. مرڪب پلاٽ ان کي چئبو آهي. جنهن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڪان وڌيڪ راز رکي لهجن ۾ اهي هڪ ٻئي سان لاڳاپي لهجن ۾ مرڪزي راز جي اهميت کي ظاهر ڪن. هر ناول نگار پنهنجي ذهن ۾ ڪو نه ڪو پلاٽ رکي، ان جي چوگرد ڪهاڻيءَ کي ڦيرائيندو آهي. هن ناول جو پلاٽ ٽن حصن ۾ ورهايل آهي، جيڪو هينئين ڪردارن جي گرد ڦري ٿو.

جهڙوڪ: 1. سارنگ، سارنگ جي ڪهاڻيءَ جو واسطو مغلن جي دؤر سان ۽ دين اسلام جي ڳجهن رازن کي پروڙڻ ۽ تصوف سان آهي. 2. ماڻڪ: ماڻڪ جي ڪهاڻيءَ جو واسطو هندو ازم سان ۽ حق جي تلاش ۾ ڪشالا ڪندي نظر اچي ٿو. 3. الفن سو بار بوسا: الفن سو بار بوسا جي ڪهاڻيءَ جو واسطو عيسائي مذهب سان آهي، جنهن ۾ ڪيس پنهنجي مذهب عيسايت جي تبليغ ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. ڏٺو وڃي ته هن ناول جو پلاٽ تصوف جي صحيح تشريح ڪرڻ لاءِ مختلف مذهبن جي مذهبن جي ڪردارن جي ڪهاڻين يا واقعن تي بيٺل آهي. مذهبي ماڻهن جا ظلم بيان ڪيا ويا آهن، ته ڪيئن انهن ٻئي جي ماڻهن تي ڪوس ڪيو. انسان ذات جي رت جو نديون وهيون، معصوم ٻار ۽ بي گناه عورتون ٻوڙي ماري ڇڏيون ويون. زبردستي دين مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ايتري قدر ڏاڍ، جبر، ظلم، ڏهڪاءُ هيو جو جيڪو شخص انهن جو دين قبول نه ڪري رهيا هئا، ته انهن جون سسيون ڌڙن ڪان ڌار ڪري ڇڏيون وينديون هيون. ٻي پاسي انهن سيني مذهبن ڪانسواءِ تصوف تي روشني وجهڻ جو مقصد اهو آهي ته تصوف هماوست وارا صوفي هميشه انسانيت جي پاسي رهيا آهن، مظلومن جا ساٿاري رهيا آهن، انهن عظيم انسانن ظالم خلاف آواز اٿاريو آهي. انسانيت جو قدر ته هر دين ڌرم ۾ موجود آهي اهو ڪهڙو دين آهي جنهن ۾ انسان جو قدر نه هجي پر ان جي باوجود مذهب جي نالي تي ايڏو ظلم، جبر ڪڏهن جهاد جي نالي ته ڪڏهن تبليغ جي نالي ڪڏهن ڪفر جي نالي ته ڪڏهن بي ايماني جي نالي.

سنڌ جي مذهبي تاريخ، ۽ تصوف جي شروعات جي تاريخ تي نظر وجهنداسين ته، سنڌ سميت پوري برصغير ۾ برهمڻ ازم جي ناانصافين جي ردعمل ۾ جين مت، ٻڌ مت، ۽ سک مت ابري سامهون آيا. عام ماڻهن بغاوت ڪئي، ۽ مذهبي غلاميءَ مان آجا ٿيڻ جي تحريڪ ابري، جيڪا اڳتي هلي پڳتي تحريڪ روپ روپ اختيار ڪيو، ته ٻي پاسي مولين جي رجعت پسندي سبب انسان لويو نه ويو. سنڌ ۾ تصوف جي ٽڪڻ ۽ پکڙڻ جا اهي

به بنيادي ڪارڻ هئا، نتيجي ۾ عام ماڻهو مذهبن مان ڇنڪاري جي واٽ ۽ انسانيت جي دڳ جا متلاشي يا انتظار ۾ هئا. جيڪو دڳ ۽ رستو ڀڳتي تحريڪ ۽ تصوف مان مليو.

انهن ئي سببن جي ڪري، ”سنڌ ۾ اسلام تصوف جي صورت ۾ وڌيڪ قبول ڪيو ويو. بلڪه اسلام جي فڪري فلسفياڻي شڪل تصوف جي صورت ۾ ئي ظاهر ٿي. ڇو ته سنڌ ۾ مثبت وجودي شڪل اڳ ۾ موجود هئي تنهن ڪري اسلام اچڻ ڪان پوءِ تصوف جي صورت به دنيا ڪان مختلف طرح قبول ڪئي ويئي. تصوف جي انهي فڪري پرچار سنڌي ماڻهن تي اهو اثر ڪيو جو هنن مذهبن جي ظاهري دستور ۽ عقيدن سان گڏ زندگي ۽ انهيءَ جي مقصد بابت مثبت رويو پيدا ڪيو. سنڌي ماڻهن وٽ مذهبي جنون پيدا نه ٿيو بلڪه امن، پيار، انسانيت ۽ غور فڪر ۾ وچڙرو رويو پيدا ٿيو بلڪه اسان ائين سمجهنداسين ته سنڌ جي اصلي فڪر جي صورت مختلف مرحلن مان گذري اسلام سان ملي صوفي مت جي صورت ورتي. انهيءَ فڪر جي بنياد تي ڪيئن بزرگ پيدا ٿيا، جن سنڌي ماڻهن ۾ پيار، امن ۽ يائيچاري جو پرچار ڪيو.“ (18)

تاريخي طور تي ڪيترن ئي دورن ۾ سنڌ تي هُلائون ٿيون، انهن سنڌ تي تمام گهرا اثر پيا. سنڌ جي ماڻهن جي روزمره جي زندگي توڙي سندن نفسيات تي اسلام جي اچڻ سان به گهرا اثر پيا، انهن اثر ٿري سماج تي به پيا، پر جهڪا.

ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي لکي ٿو ته، ”تاريخ جي لحاظ کان ڏسجي ته عيسوي سن ڪان اڳ واري زماني ڪان وٺي، سنڌ صوبي تي ڌارين جا حملا ٿيندا رهيا آهن. ڀارت ۾ هيءَ پهريون صوبو هو، جنهن تي اٺين عيسوي صديءَ ۾ محمد بن قاسم جي اڳوڻيءَ ۾ عربن حملو ڪيو. هُنن 712ع ۾ آخري هندو مهاراجا ڏاهرسين کي جيتي، سنڌ جي وڏي حصي تي قبضو ڪري اسلامي حڪومت جو پايو وڌو. اِن ڪري گهڻا مسلم مؤرخ سنڌ کي 'باب السلام' (اسلام جو دروازو) ڪري سڏيندا آهن. سنڌ ۾ عربن جي حڪومت شروع ٿيڻ سان اُتي جي مڪاني رهاڪن تي گهڻو اثر ٿيو. اُهي گهڻو ڪري ويدن واري آڳاٽي عقيدي ويدڪ سناتن ڌرم جا ميجينڌڙ هئا. چڱا سنڌي ٻُڌ مت جا به پوئلڳ هئا. سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ سان ڪِن سنڌين پنهنجي خوشيءَ سان اِسلام مذهب اختيار ڪيو ته ڪي سنگت جي اثر هيٺ مسلمان ٿيا. ملڪ جي مسلمان حاڪمن پنهنجي مذهب جي ڦهلائڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن زور زبردستيءَ ڪان به ڪم ورتو. اِن جي ڪري چڱي

تعداد ۾ سنڌي هندو پنهنجي اباڻي ڌرتي ڇڏي پروارن هندو علائقن ۾ وڃي رهيا. ايڏي لڏپلاڻ جا حوالا اسان کي تاريخ جي ورقن ۾ ملن ٿا. ڪجهه هندو اهڙا به هئا جيڪي پنهنجي عقيدي تي اٽل رهيا ۽ سنڌ کان ٻاهر نه ويا. اُنهن غير مسلمانن تي حاڪمن جزيو وڌو. اِن طرح سنڌ جتي ائين عيسوي صديءَ کان اڳ فقط هندو، ٻڌ ڌرم، ۽ ڪجهه جين مت وارا رهندا هئا، اُتي 1947ع ۾ ملڪ جي آزاديءَ وقت هندون جي سڪيا جو تعداد ڪُل آدمشماريءَ جو فقط پنجويهه سيڪڙو ڪن وڃي بچي."(19)

" ان کان پوءِ سنڌ ۾ اسماعيلي بزرگن هندو مسلم ثقافت ۾ نمايان حصو ورتو. هي بزرگ اڪثر غير مسلمانن سان گڏ رهندا هئا، تيرهن صديءَ ۾ ودايءَ سنڌ ۾ اسماعيلي فرقي جي تنظيم ڪاري ڪرڻ وارن ۾ پير صدرالدين هو، جنهن کي هندو مڃر ناٿ جي نالي سان سڏيندا هئا. هن رهنما پنهنجي فرقي جي ماڻهن کي روحاني فيض پهچائڻ خاطر ڏهه اوتار جي عنوان سان هڪ ڪتاب لکيو. جنهن ۾ حضرت آدم کي شِو حضرت محمد صلي الله عليه وسلم کي برهما ۽ حضرت علي کي وشنو سان مشابهت ڏنائين. (20)

خدا جي صفتن کي اسلامي اصطلاح ۽ هندو ڌرم جي اصطلاحن سان ملائي هڪ تصور پيش ڪرڻ، تهذيب ۽ مذهب جو اشتراڪ ڪرڻ، سنڌ جي فڪر ۽اسلامي فڪر جو ميل ڪري تصوف کي پروان چاڙهڻ ۾ ڀڳتي تحريڪ جو به وڏو هٿ آهي. ڀڳتي تحريڪ جي شروعات ٻارنهين صدي ۾ ٿي جنهن جا باني سوامي رامانج آنند تيرٿي (1016 _ 1117ع) وشنو سوامي ۽ باسو هئا. سنڌ ۾ ڀڳتي تحريڪ جي پرچار ڪرڻ وارن ۾ نام ديو ساڌنا ۽ گرونانڪ زياده مشهور آهن. ڀڳتي تحريڪ جو مقصد پريم جو پرچار ڪرڻ هو. خدا ۽ انسان وچ ۾ انسان ۽ انسان وچ ۾ پريم جو پرچار ڪرڻ هو.

گرونانڪ جو مقصد هندو ۽ مسلمانن ۾ اتحاد قائم ڪرڻ هو. هن جو چوڻ هو ته ڪائنات ۾ صرف هڪ خدا آهي جنهن جو ڪم شريڪ ناهي.

مجموعي طور ڀڳتي تحريڪ وارا سماج ۾ طبقاتي ننڍ وڏائيءَ خلاف هئا. سندن چوڻ هو ته سيئي انسان برابر آهن، خدا تائين رسائي صرف محبت جي ذريعي ٿي سگهي ٿي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ مذهبي قيد بي جواز آهي. (21)

هيءَ تحريڪ روحاني رجعت پسندي ۽ عقيده پرستي جي خلاف هئي. هو ذات پات جا سخت دشمن هئا. سندن چوڻ هو ته سچائي هڪ آهي ۽ ان جو اظهار بي شمار مختلف صورتن ۾ ٿئي ٿو.

تنهن ڪري هڪ صورت ڪي درست چوڻ ۽ ٻين کي غلط چوڻ نا مناسب آهي. خدا هڪ آهي ۽ ان ڪري تمام انسان هڪ آهن. هندو مسلم جي تقسيم بي معنيٰ آهي. هن تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ ۽ شاعري ذريعي پنهنجي فڪر کي ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ ڀڳت ڪبير اهم ڪردار ادا ڪيو.

اهڙي طرح سنڌ ۾ اسلامي فڪر جي نشونما تصوف جي شڪل ۾ ٿي. تصوف جي فڪري گهرائيءَ ۾ ڏنو وڃي ته سنڌ جي سرزمين انهي لاءِ زياده موزون هئي. بنيادي طرح صوفي هڪ بيچين، وجود هوندو آهي، هو پنهنجو پاڻ مان به مطمعين ڪونه هوندو آهي، هو بهتري جي تلاش ۾ هوندو آهي. (22)

جيئن مٿي بيان ڪري آيا آهيون ته، سنڌ تي ڪيترين ئي ڪاهون ٿيون، ۽ مُختلف عقيدن وارا ماڻهو آباد ٿيندا ويا، جنهن ڪري سنڌي سماج ۾ سهپ، رواداري ۽ ٻئي جو خيال رکڻ وارا مثبت نفسياتي لاڙا وڌيا، جنهن سبب انسانيت ۽ برابريءَ جا بنياد پيا. سنڌ جي خمير انتهاپسندي ته اڳي ئي نه هُئي، مٿان وري صوفي درويشن جي تصوف جي پرچار امن، پيار، محبت ۽ اخلاق وڌائڻ ڪي هٿي ڏني.

”سنڌ ۾ اسلام سان گڏوگڏ صوفي درويش ۽ اسماعيلي مت جا مبلغ پير به آيا. اُهي ڪٽر مذهبي نه هئا. هنن جي ويچار ڪان متاثر ٿي، چڱن سنڌي هندن سندن مذهب اپنايو. اِن ڪري سنڌ ۾ رهندڙ مسلمانن جو گهڻو تعداد اُهو آهي، جيڪي پنهنجو اصلوڪو ڌرم ڇڏي پوءِ مسلمان ٿيا هئا. اُنهن اسلام ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ بہ پنهنجيون اصلوڪيون ريتيون رسمون ۽ لوڪ عقيدن کي گهڻي قدر پاڻ وٽ جيئن جو تيئن قائم رکيو.“ (23)

نتيجو اهو نڪتو ته، ”سنڌي سماج ۾ ڪٽرپڻو نه آهي، نه ڪو ذات پات جو ڀيد ۽ ڇوت _ ڇات ۾ ويساهه ڪن ٿا. (سيني مذهبن کي برابريءَ سان مت ۽ سنت مت جي اثر ڪري سنڌين جو نرگڻ (بي گڻ) نراڪار (بي شڪل) ۽ هڪ خالق ۾ گهڻو وشواس آهي. ان هوندي پڻ هو جدا جدا (فرقن) ۽ ڌرمي نظرين کي عزت جي نظر سان ڏسن ٿا. سنڌي هندو صوفي درويشن جي درگاهن تي وڃن ٿا ته سنڌي مسلمان به هندُن جي ڪيترن ڌرمي عقيدن کي مانُ ڏين ٿا.“ (24)

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو لکي ٿو ته، ”مٿين تاريخ ۽ سماجي سببن ڪري سنڌي ماڻهن ۾ مختلف خوبيون ۽ خاصيتون، مثال طور، مردانگي ۽ بهادري، برداشت، ڀائپي ۽ رواداري مڙني ساڳئي وقت ۽ ساڳي جاءِ تي پوتل ملن ٿيون. ته وري نئين دؤر جي نون اثرن ڪري هتي جي ماڻهن ۾

لڳي، بي ايماني، ڪوڙ، رشوتخوري، اقربا پروري، جهالت پروري ۽ منافقت جهڙن انسان دشمن روين بہ پنهنجي جاءِ پيدا ڪئي آهي. جن مان هر هڪ جو بيان هن مضمون ۾ ڪرڻ مشڪل آهي، بهرحال سنڌين جي اڪثريتي آباديءَ ۾ انسان دوستي، خدا ترسي ۽ رواداري وارا رويا اڃا تائين اڳرا ۽ سرس آهن.“ (25)

آغا سليم، سنڌ جي فڪري شاهوڪاري ۽ عظمت جي پس منظر جي ڄاڻ هوندي، انسان جي عظمت ۽ اهميت کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انسانيت سڀ کان وڏو مذهب آهي. انسان جو قدر ڪرڻ جي تلقين سان گڏوگڏ انسان جي سوچ ۽ فڪر بابت ويچار ڪيو آهي. اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ هر انسان بنيادي طرح صاف پاڪ ۽ پوتر آهي. پر وقت انسان کي ڪٿي کان ڪٿي ٺيو پهچائي. تاريخ جي لحاظ کان جيڪڏهن ڏسبو تہ هن ناول ارغوندور جي پڇاڙي مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور جي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي شاهبي گدولهدر يا خان جو ذڪر پڻ ڪيو اٿس، انسان گڏوگڏ اسلام جي تاريخ سان گڏ حجاج بنيو سفواري دور جو ذڪر بہ موجود آهي جنهن دين اسلام ڦهلائڻ جي نالي تي هڪ لک ويهہ هزارماڻهو مارايا.

هر ناول نگار جڏهن بہ ڪو ناول لکندو آهي تہ انهي جي ذهن ۾ ڪو نہ ڪو مقصد ضرور هوندو آهي يا ڪو پيغام جو هو پنهنجي لکڻي وسيلي پڙهندڙ نتائين پهچائيندو آهي. آغا سليم صاحب جو ناول همهاوست شعوري وهڪري ( Stresm of conciousness) جي ٽيڪنڪ تي لکيل آهي، جيڪا ٽيڪنڪ سڀ کان پهريان برطانيہ سان تعلق رکندڙ انگريزن اول نگار William James شروع ڪئي هئي، جنهن ڪانپوءِ اتان جي بين ليکڪن جهڙوڪ ورجينوولف ۽ امريڪي چوٽي جيناول نگار وليمفاڪنر جي ناولن ۾ عام جام پاتي وجي ٿي. آغا سليم صاحب جي هن ناول جي لکڻ جو مقصد انسان ذات ۾ شعور پيدا ڪرڻ آهي.  پنهنجي فڪشن ۾ آغا صاحب اتهاس جو ليڪڪ تاريخ جو ماڻهو لڳندو آهي، هنن اول ۾ آغا صاحب مغلن جي دور ۽ سمن جي دور جو ٿورو تعارف ڪرايو، انسان گڏوگڏ انهن جي جنگن جو بہ ذڪر ڪيو اٿس. پڙهندڙن کي ان وقت جي حالتن بابت ڄاڻ ڏني آهي. تاريخي ڄاڻ سان گڏوگڏ انسان ذات جي نفسياتي جائزو پڻ ورتو آهي لکي ٿو تہ انسان ذات پاڻ پوڄائڻ جي ڪيڏي نہ خواهش آهي، ڪيئن نہ پڳوان بڻجي پنهنجي پوڄا ٿو ڪرائي پڳوان بڻجي نٿو سگهي تہ پڳوان جو اوتار ٿو ٿئي رشي ٿو ٿئي ڪجهہ نہ ڪجهہ تي پاڻ پوڄائي لفظن جو

ڪوڙ ڪيون اکرن جو چار اُٺي ماڻهن جي ذهن کي قيد ڪري ٿو. عورت جي ڪردار کي بہ سمجهايو اٿس، تہ عورت مرد جي رتبي تہ نہ پر محبت تي فخر ڪندي آهي. آغا سليم پنهنجي ناول هماوست ۾ انسان ذات جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. هن انساني فطرت ۾ محبت جي جذبي کي سحر آفرين جذبي جي حيثيت ۾ پيش ڪيو آهي ۽ محبت کي انساني تهذيب هر لطيف فن جي تخليق جو راز ڄاڻايو آهي. ان کان علاوه دنيا جي ٽن مذهبن جو مقصد سمجهايو آهي تہ هر مذهب ۾ڪهڙو بہ مذهب هجي ان ۾ انسانيت موجود هوندي آهي جيڪڏهن ڪنهن مذهب بہ انسان ذات جي اهميت نہ آهي، تہ اهو مذهب ڪنهن بہ ڪم جو نہ آهي. هر انسان جي اهميت آهي، ڪو بہ انسان ناڪارا يا نڪمو نہ آهي. جيڪڏهن نڪمو آهي، تہ ان کي وقت حالتن اهڙو بنايو آهي، ان ڪري ٻئي انسان کي گهرجي تہ ان جي اصلاح ڪري، ان کي پنهنجي اخلاق سان سنئين واٽ ڏسي. آغا سليم جي ناول جي خوبي اها آهي تہ هن پنهن جي فڪر ۽ بيان کي قابو ۾ رکيو آهي ۽ پيچيده ڳالهين کي آسان طريقي سان بيان ڪيو اٿس، جو ان مان صاف سلجهيل تاثر ملي ٿو. آغا سليم پنهنجي هن ناول ۾ شاھ عنايت شهيد جي مقصد کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ان جو مقصد ڇا هو؟ انسانيت کي جڏهن پامال ڪيو پئي ويو، ان ظلم کي ڏسي، شاھ عنايت شهيد اهو نعرو هنيو هو تہ ”جو ڪيڙي سو کائي“. تاريخ جي ورقن کي ڦلهورڻ سان اها خبر پوي ٿي ظلم هر دؤر ۾ ٿيو آهي، ڪهڙو بہ مذهب هجي، ڪڏهن جهاد جي نالي، ڪڏهن اسلام جي نالي، ڪڏهن مذهب ڦهلائڻ جي نالي تي انسان سان ظلم ڪيو ويو، غريب جو رت وهايو ويو آهي. پر تصوف ۾ ڪڏهن بہ انسان ذات کي پامال نہ ڪيو آهي. صوفي هر دؤر ۾ انسان جي پاسي رهيا آهن.

هن ناول جو مرڪزي مقصد سونهن ۽ سُنائي جي پرچار ڪري، امن ڦهلائڻ آهي. سونهن، سُنائي، امن، يا پيار جو ڪو بہ مذهب ناهي، بلڪہ مختلف دؤرن ۾ مذهبي ٺيڪدارن مذهبن کي استعمال ڪري، انهن انسانيت تي مُبني نُڪتن کي لويو آهي. جڏهن تہ تصوف انسان کي آزاد ڪري، مٿيين نڪتن کي بچايو آهي، ماڻهوءَ کي پنهنجو اصل مقام ڏياريو آهي.

**نتيجو:**

آغا صاحب جي سيني لکڻين، خاص ڪري همہ اوست ناول جي اڀياس مان اهو نُڪتونروار ٿئي ٿو تہ آغا صاحب سراپا، سونهن، پيار، امن، سچ، ۽ سُنائي جو ليکڪ آهي. هِن انتها پسنديءَ جي دؤر ۾ امن جي

بحالي لاءِ آغا صاحب جي تخليقي ادب کي پکيڙڻ، عام ڪرڻ، پڙهڻ جي سخت ضرورت آهي، ۽ نون ليکارين کي بہ اهو ئي ڏڳ اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## حوالا:


13. سليم، آغا، 'پن ڇڻ ۽ چنڊ'، ڪونج اڪيڊمي ڪراچي، 2016ع، ص: 39
14. ساڳيو، ص: 40
15. ساڳيو، ص: 44
16. مرزا، نصير، 'جيئڻ سو تارو صبح جو (آغا سليم: شخصيت ۽ فن)'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2016ع، ص: 28
17. https://www.google.com.pk/search?q=symbolism+in+poetry&sa=X&ved=0ahUKEwif_O3w4dbTAhWD1xQKHci_BXMQ1QIIbigB
18. http://www.literarydevices.com/symbolism/
19. http://examples.yourdictionary.com/examples-of-symbolism.html
20. https://www.merriam-webster.com/dictionary/symbolism
21. سليم، آغا، 'بہ ننڍا ناول (روشنيءَ جي تلاش ۽ اڻ پورو انسان)'، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ، 1985ع، ص:10
22. ساڳيو، ص: 11
23. ساڳيو، ص: 9
24. سليم، آغا، 'چنڊ جا تمنائي'نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ، 1986ع، ص: 23
25. ساڳيو، ص: 25
26. ساڳيو، ص: 37
27. سليم، آغا، 'اونداهي ڌرتي روشن هٿ'،نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، سنڌ، 1989ع، ص: 9 ۽ 10
28. سليم، آغا، 'همہ اوست'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص: 24
29. ساڳيو، ص: 29
30. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، 'سنڌي ادب جو فڪري پس منظر'، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 2002ع، ص: 88
31. سنڌي، حيدر، ڊاڪٽر، 'ٻولين جا سرچشما'، اتهاس پبليڪيشنس، ڪنڊيارو، سنڌ، ڊسمبر1985ع، ص: 21
32. ساڳيو، ص: 21
33. ٽيڪچنداڻي، روي پرڪاش، ڊاڪٽر/ ميگهواڙ، ڦلو، 'سنڌي ڀاڪا: لسانياتي ۽ سماجي ثقافتي اڀياس'، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2010ع، ص: 48
34. ساڳيو، ص: 49
35. ساڳيو، ص: 49
36. ٻگهيو، قاسم، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻولي: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين'، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ص: 125
37. سنڌي، حيدر، ڊاڪٽر، 'ٻولين جا سرچشما'، اتهاس پبليڪيشنس، ڪنڊيارو، سنڌ، ڊسمبر1985ع، ص: 134

## Introduction to Contributors:

**Dr. Sher Mehrani**, Research Scholar is working as an Assistant Professor in the Department of Sindhi, University of Karachi. Writer and poet, 26 research papers and so many articles published and eleven literary books to his credit.

**Dr. Seema Abro**, Research Scholar is working as an Assistant Professor in the Department of Sindhi, Federal Urdu University (FUUAST), Karachi. 12 research papers and 2 literary books to her credit.

**Mr. Qurban Ali Shar**, Research Scholar for M.Phil. He is completing his research in Department of Sindhi, Shah Abdul Latif University, Khairpur. He is working as a Lecturer (Sindhi) IBA, Community College, Sukkur.

**Dr. Mohabat Ali Shah**. Research Scholar is working as an Assistant Professor in the Department of Anthropology and Archaeology, University of Sindh Jamshoro. One literary book to his credit.

**Mr. Anwer Pardesi**, Research Scholar for Ph.D. He is completing his research from department of Sindhi, Shah Latif University, Khairpur. He is working as an Assistant Professor in Superior Science College, Khairpur (Mirs). Writer and poet, one literary book on his credit.

**Dr. Shafiq Ahmed Shahani**, Research Scholar, working as an Assistant Professor (Sindhi), Govt. College University, Hyderabad (GCUH). Three research papers published in HEC recognized journals to his credit.

**Mr. Javed Ahmed Shaikh**, Research Scholar, for Ph.D. He is completing his research from Department of Sindhi, Federal Urdu University (FUUAST) Karachi. He is working as an Assistant Professor, (Sindhi), Govt. Boys Science & Commerce College, Gulistan-e-Johar, Karachi. One literary book on his credit.

**Mr. Anwer Kaka**, Research Scholar, for Ph.D. He is completing his research from Department of Sindhi, University of Karachi, Karachi. He is working as an Assistant Professor, (Sindhi), Govt. Boys Science & Commerce College, Gulistan-e-Johar, Karachi. Four literary book on his credit.

**Dr. Allah Wasayo Soomro**, Research Scholar, working as an Assistant Professor, Department of Sindhi, Shah Abdul Latif University, Khairpur (Mirs). 16 research paper and 3 literary books to his credit.

**Dr. Ruqaya Aamur**, Research Scholar working as a Assistant Professor in Sindhi, Govt. Girls Degree College, Sukkur. 8 research papers on her credit.

**Mr. Ijaz Hussain**, Research Scholar, for Ph.D. He is completing his research from Department of Sindhi, Federal Urdu University (FUUAST) Karachi. He is working as a Sindhi Language Teacher, Ibrahim Ali Bhai, Govt. Secondary School, East, Karachi.

**Dr. Qadeer Kandhro**, Research Scholar, working as an Assistant Professor (Sindhi), Govt. Boys Degree College, Sachal Goth, @ Ghazi Goth, Karachi. Six research papers to his credit.

**Dr. Ahmed Hussain Kolachi**, Research Scholar, working as an Assistant Professor (Sindhi), Govt. College of Education, Federal B, Area, Karachi.

**Dr. Phulo K. Sunder Meghwar**, Research Scholar, working as a Lecturer, Department of Sindhi, Shaheed Benazir Bhutto University, Benazirabad (Nawabshah). 20 research paper and 5 literary books to his credit.

**Dr. Ameer Ali Shah**, Research Scholar, working as an Assistant Professor, In-charge Chairman Department of Sindhi, Shaheed Benazir Bhutto University, Benazirabad (Nawabshah). 9 research papers published in HEC recognized Journals.

Recognized by Higher Education Commission

# KAROONJHAR

Bi- annual

**(RESEARCH JOURNAL)**

ISSN# 2222-2375
VOL.14. ISSUE 25, JUNE 2022

Editor

DR. INAYAT HUSSAIN LAGHARI

**DEPARTMENT OF SINDH**
Federal Urdu University of Arts, Science & Technology,
Abdul Haq Campus, Karachi, Sindh, Pakistan